# شاه لطيف جي شاعريءَ ۾ منظر نگاري



راز شر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ منظر نگاري

(ايم اي سنڌي آخري سال لاءِ لڪيل تحقيقي مونوگراف)

نگران

ڊاڪٽر نواز علي شوق

ليکڪ

راز شر

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

مشعل اڪيڊمي ڪراچي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ.


| | | |
|---|---|---|
| ڪتاب جو نالو | : | شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ منظر نگاري |
| | : | تحقيقي مونو گراف |
| نگران | : | ڊاڪٽر نواز علي شوق |
| ليکڪ | : | راز شر |
| ڇپائيندڙ | : | مشعل اڪيڊمي ڪراچي |
| تصويرون | : | اياز گاد |
| ڪمپوزنگ | : | پيس ڪمپوزرس ۽ ندا ڪمپوزرس ڪراچي |
| اسڪيچ | : | گل محمد کتري |
| تعداد | : | هڪ هزار |
| سال | : | ١٥ جنوري ١٩٩٤ع |

قيمت پنجاهه روپيه


ڀٽائي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

Rights are reserved.


Shah Latif Jee Shairee Mein Manzar Nigari

A research Monograph

By: Raz Shar

Published by Masha'l Academy Karachi.

Rs. 50.00


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ارپنا

تنهنجي محبوب نيڻن جي نالي، جن جي اَرپار ڏسندي يٺائيءَ جي منظرن کي ڏسڻ ۽ لکڻ جو ساهس پاتو اٿم. تنهنجي چُنيءَ جي سمورن رنگن جي نالي، جن مٿان پٽ ڏٺيءَ جي شاعريءَ جو ڪئنواس پکڙيل آهي.

ها!

تو تي مان خليل جبران جي .Broken Wings جهڙو ناول ته نه لکي سگهيس پر هيءُ تحقيقي مقالو لکي تنهنجي نانءِ ارپي ڪنهن قدر قرض لاهڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم.

راز شر.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# پنو تري


ٻہ اکر — ڊاڪٽر نواز علي شوق — ٩

پنهنجي پاران — راز شر — ١١

**باب پهريون**

شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي سوانح عمري — ١٣

**باب ٻيو**

شاعري ڇا آهي؟ — ٣٥

**باب ٽيون**

شاهہ عبداللطف ڀٽائي جي شاعريءَ جون خوبيون — ٤٤

**باب چوٿون**

منظر نگاري — ٥٧

**باب پنجون**

شاهہ لطيف جي شاعريءَ ۾ منظرنگاري — ٦٥



سنڌ سلامت ڪتاب گهر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ٻه اکر

محترم راز شر هڪ سڄاڻ اديب ۽ شاعر آهي. محنت سندس مرڪ آهي. ڪافي عرصي کان لکندو اچي. شاعري، مضمون ۽ ڪهاڻيون انهن ٽنهي صنفن سان سات نڀائيندو اچي. جڏهن ڪراچي يونيورسٽي ۾ ايم- اي ڪرڻ آيو ته مون کيس صلاح ڏني ته شاهه لطيف جي شاعري پڙهه ۽ شاهه جي شاعريءَ جي ڪنهن پهلو تي تحقيقي مقالو لک. جڏهن ايم- اي جي آخري سال ۾ آيو ته هن پنجين پيپر بجاءِ تحقيقي مقالو لکڻ جو شوق ڏيکاريو. مون کيس چيو ته بسم الله، پر پهرين خوب پڙهه، هن موضوع تي جيترا به ڪتاب ملي سگهني، سي پڙهي، پوءِ تحقيقي مقالو لکج.

حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي تي لکڻ سئولي ڳالهه نه آهي. ان لاءِ گهري مطالعي، فڪر ۽ فهم جي ضرورت آهي. بهر حال، راز شر کي مون شاهه لطيف تي تحقيق ڪرڻ جو شوق ڏياريو ۽ هن محنت ڪري هيءُ مقالو تيار ڪيو.

هن مقالي ۾ ليکڪ، شاهه لطيف جي سوانح سان گڏوگڏ منظرنگاريءَ بابت سمجهاڻي ڏني آهي. ان کانپوءِ شاهه جي مختلف سُرن مان مثال ڏيئي شاهه سائين جي شاعريءَ جي هيءُ خاص خوبي بيان ڪئي آهي.

حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي سڄي سنڌ جو سير سفر ڪيو. سنڌ کان ٻاهر به ويو، هن قدرتي نظارا اکين ڏٺا. سندن مشاهدو تمام گهرو هو ۽ زبان تي به ڪين عبور حاصل هو. اهوئي سبب آهي جو شاهه سائين جيڪي منظر چٽيا آهن. تن جي هوبهو تصوير نظر اچي ٿي.

هن موضوع تي ڪجهه ننڍا وڏا مضمون ۽ مقالا ته لکيا ويا هئا. پر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سمورو رسالو سامهون رکي، انهن مان مثال وٺي ڪو ڪتاب تيار ڪو نہ ڪيو ويو هو. اهو سهڻو ڪم اسان جي پياري شاگرد ۽ دوست راز شر سرانجام ڏنو، جنهن لاءِ هُو ڪيرون لهڻي.

مون اڳ ۾ ئي عرض ڪيو آهي تہ شاهہ لطيف تي لکڻ سئولي ڳالهہ نہ آهي. محترم راز شر هڪ ڪوشش ڪئي آهي. سندس هيءَ تحرير حرف آخر ڪانہ آهي. هو وڌيڪ محنت ڪندو تہ اچا وڌيڪ معياري ڪتاب لکي سگهندو. مون کي اميد آهي تہ محترم راز شر شاهہ لطيف جي شاعريءَ جي ٻين اهم عنوانن ۽ مکيہ موضوعن تي ڪتاب تيار ڪندو.

ڊاڪٽر نواز علي شوق
چيئرمين
سنڌي شعبو
ڪراچي يونيورسٽي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# پنهنجي پاران

صدين کان سنڌ جي فڪر جي سرواڻ ۽ سنڌي ٻوليءَ جي معمار شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ تي قلم کڻڻ، سچ پچ ڪو آسان ڪم ڪونهي. هڪ تخليقي ماڻهوءَ لاءِ تحقيقي ڪم ڪرڻ ايترو ئي اڻانگو آهي جيترو ڪار جي ڊرائيور لاءِ هوائي جهاز هلائڻ.

مان بنيادي طور ڪهاڻيڪار ۽ شاعر آهيان. شاعريءَ ۽ ڪهاڻيءَ کان هن مقالي تائين جو سفر ڏاڍو اڻائو به آهي ته پرڪشش ۽ سندر پڻ. ١٩٩٠ع ۾ مان جڏهن ڪراچيءَ يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي ۾ ايم اي ڪري رهيو هوس، تڏهن ڪن مخصوص سببن جي ڪري مون کي "سچل جو اڀياس" مضمون چڏيو پيو ۽ ان جي بدلي هڪ مقالو Thesis لکڻو پيو. مهربان استاد سائين پروفيسر نواز علي شوق جي نظرداريءَ هيٺ مذڪوره عنوان چونڊيو ويو. ڪم ڏاڍو تحقيق طلب هو. پر جيئن ته مقالي جو تعلق شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ سان هو، ان ڪري ڏاڍو من موهيندڙ ۽ دلچسپ پڻ هو. مٿان وري سائين شوق صاحب جي رهنمائي ۽ به هن مقالي لکڻ ۾ مددگار ثابت ٿي.

شاهه صاحب جي شاعري جيتري نازڪ ۽ نفيس آهي، ايتري اندر جي گهرائين کي ڇهندڙ پڻ آهي. هن موضوع تي لکڻ کان اڳ منظرنگاريءَ تي سنڌيءَ ۾ لکيوئي ڪو نه ويو آهي. صرف ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ جي انتهائي بهترين تصنيف "شاهه لطيف جي شاعري" ۾ هڪ باب " شاهه جي عڪسي شاعري" جي سري هيٺ لکيل آهي. جيڪو شاهه صاحب جي سموري عڪسي شاعريءَ جو احاطو ته ڪو نه ٿو ڪري پر ان جو تت ڏاڍو سهڻو لکيل آهي. منهنجي مددي ڪتابن مان سرفهرست پڻ اهوئي ڪتاب آهي. هونئن به ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ جون سموريون تصنيفون سخت ڇاڪوڙ جو حاصل آهن. ٻئي نمبر تي ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو شاهه صاحب جي سوانح عمري تي طويل مقالو به هن ڪتاب جي تياريءَ ۾ انتهائي گهڻو مددگار ثابت ٿيو. ڇاڪاڻ ته شاهه صاحب جي سوانح حڪايتن جي پردي پويان تمام گهڻي لڪل رهي آهي، پر ڊاڪٽر بلوچ اهڙي عمدي تحقيق لاءِ ڪيرون لهڻي جو اسان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جهڙن گهڻ علم وارن جي سامهون تمام جديد ۽ حقيقت پسندانڻي تحقيق آندي اٿس. منهنجي هڪڙي باب جو سرچشمو ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي اهائي تحقيق آهي. جيڪو باب مون "شاھ صاحب جي سوانح" جي سري هيٺ لکيو آهي. باقي منظر نگاريءَ لاءِ شعر پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻيءَ واري شاھ جي رسالي تان ڪنيا اٿم.

آخر ۾ مان نهايت گهڻو ٿورائتو آهيان پنهنجي استاد سائين پروفيسر ڊاڪٽر نواز علي شوق صاحب جن جو، جن هن مقالي لکڻ ۾ منهنجي رهنمائي ڪئي. ان بعد مان بيحد ٿورائيتو آهيان پنهنجي دوست ۽ استاد عابد مظهر جو، جنهن منهنجو تعارف لکيو آهي. پنهنجي دوستن غفور ميمڻ ۽ غني ڪانڌڙي جو پڻ ٿورائتو آهيان جن جي وقت بوقت ڪچهرين مون کي گهڻو ڪجهه سيکاريو. دوست گلزار ميمڻ جا ٿورا نه مڃڻ به احسان فراموشي ٿيندي، جنهن جي نه صرف ڪچهرين مان گهڻو ڪجهه پرايم پر هن ڪتاب جي سلسلي ۾ سندس مالي معاونت مان پاڻ لاڀ حاصل ڪيم. حميد سبزوئي، آصف بالادي ۽ حاجي احمد چنڊ جن جا به ٿورا ڪي ٿورا ڪو نه آهن. ان کان علاوه انهن مڙني دوستن جو، جن جا نالا لکي نه ٿو سگهان، پڻ ٿورائتو آهيان. ڪيترائي اڻ ڳڻيا نالا آهن، پنهنجي نند پڻ کان وٺي اڄ تائين مڙني استادن ماما شمس الدين شر چاچا پليڊني شر. سائين سليم ميمڻ، سائين عبدالرحمان چنا، سائڻ ڊاڪٽر فهميده حسين، سائڻ ڊاڪٽر درشهوار سيد ۽ سائڻ خورشيد عباسي جن جو به نهايت ٿورائتو آهيان جن جو شفقتون ۽ مهربانيون سدائين ياد رهنديون.

پنهنجي پياري بابي حاجي غلام علي ۽ امڙ جا ڪهڙا احسان ڳائي ڪهڙا ڳائيندس.

انهن مڙني ليکڪ صاحبن جا پڻ مون تي لکين لائق جن جي ڪتابن مان مون گهڻو فائدو حاصل ڪيو.

راز شر
١٥-١-١٩٩٤ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# باب پهريون

## شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي سوانح عمري

١. شاهه جي سوانح جي سهيڙ: وقت جي ڪيڏي نه ستم ظريفي آهي، جو شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جهڙي اعليٰ ۽ بلند پايي جي شاعر جي اسان وٽ سندس حياتيءَ بابت ڪا مستند ۽ جامع سوانح نه ٿي ملي. جڏهن ته سندس ڏاڏي شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ واري جي وفات وقت سندس هڪ لائق مريد هڪ ڪتاب نالي "بيان العارفين" لکي، سندس حياتيءَ جو سمورو احوال، سندس شاعريءَ ۽ قولن سميت ڏنو آهي.

مگر نه ته شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي زندگيءَ ۾ ڪنهن اهڙو قدم کنيو ۽ نه ئي سندس وصال کان پوءِ ڪنهن اهڙي تڪليف ورتي. ان سبب ڪري شاهه جي سوانح ۾ اصل حقيقتن کان وڌيڪ ٻڌل ڳالهين ۽ معجزن کي وڌيڪ اهميت رهي آهي. جڏهن ته اڄ تائين ڪيترن ئي سڄاڻ ۽ لائق محققن ان موضوع تي قلم کنيو آهي، پر اهي روايتن جي چار مان نڪري نه سگهيا آهن.

سڀ کان پهريائين شاهه صاحب جي وفات کان اٽڪل سٺيهه سال پوءِ مير شير علي قانع ٺٽويءَ پنهنجي ٽن فارسي ڪتابن "تحفه الڪرام"، "مقالات الشعراء" ۽ "معيار سالڪان طريقت" ۾ شاهه صاحب جي حياتيءَ بابت ڪجهه مختصر بيان قلمبند ڪيا، پر اهي گهڻو ڪري عام ڳالهين ۽ ٻڌل روايتن تي مشتمل هئا. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکي ٿو ته

> "اهي بيان گهڻي حد تائين ٻڌل ڳالهين تي ٻڌل آهن؛ جنهن ڪري سوانح جي لحاظ کان اهي نه فقط ناڪافي آهن، البته منجهائيندڙ پڻ آهن." [١]

مطلب ته قانع جي ڪتابن مان ڪو به اهڙو مستند مواد ڪونه ٿو ملي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سگهي، جنهن مان فقط ايتروئي اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ڪٿي ڄائو هو.

ان ڪان پوءِ شاهہ صاحب جي وفات ڪان پوءِ اٽڪل سوا سؤ سالن بعد مير عبدالحسين خان سانگيءَ ۱۸۸۰ع ڌاري شاهہ صاحب جي سوانح لکڻ شروع ڪئي ۽ ۱۸۸۸ع تائين ان کي "لطائف لطيفي" نالي فارسي زبان ۾ پورو ڪيو. مير صاحب جي ڪتاب پوري ڪرڻ کان هڪ سال اڳ يعني ۱۸۸۷ع ۾ مرزا قليچ بيگ پڻ شاهہ صاحب جي سوانح بابت انگريزيءَ ۾ ڪتاب لکيو؛ جيڪو ڏهہ سال پوءِ ۱۸۹۷ع ڌاري سنڌيءَ ۾ "احوال شاهہ عبداللطيف ڀٽائي" نالي شايع ڪيو ويو. انهن ٻنهي ڪتابن بابت ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو رايو آهي تہ

"انهن ٻنهي ڪتابن ۾ جيڪو مواد ڏنو ويو آهي، سو اهو ساڳيو ئي هو، جيڪو ڪيس مير عبدالحسين خان سانگيءَ وٽان مليو."[۲]

هن کان اڳ هڪ انگريز عملدار سر رچرڊ برٽن صاحب ۱۸۵۱ع ۾ ڪتاب لکيو، جنهن جي منڍ ۾ "سنڌ ۽ سنڌو نديءَ ۾ رهندڙ قومون" نالي سان هڪ سرنامو لکيائين، تنهن ۾ شاهہ صاحب جي زندگيءَ بابت ڪجهہ احوال لکيائين. ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ ان لاءِ لکيو تہ

" اهو اگرچہ مير شير علي قانع جي ڏنل احوال کان ڪي قدر بهتر ۽ ڪي قدر حقيقتن جي مطابق آهي، پر تڏهن بہ اهڙو خاطر خواهہ نہ آهي. ازانسواءِ اهو ڪتاب هاڻي ناياب آهي."[۳]

ان بعد سر بارٽل فريئر پنهنجي نياڻي لاءِ (جيڪا هندوستاني قصن ۽ ڪهاڻين جي شوقين هئي) ۱۸۵۹ع ۾ شاهہ صاحب جي سوانح عمري سنڌيءَ ۾ لکرائي، جيڪا انگريزيءَ ۾ پڻ ترجمو ڪئي وئي. انهن ٻنهي ڪتابن لاءِ ڊاڪٽر گربخشاڻي لکي ٿو.

"مگر ڪنهن سبب اهي ٻئي مواد سنڌي توڙي انگريزيءَ ۾ خطي حالت ۾ رهجي ويا ۽ اڄ ڏينهن تائين ڪمشنر صاحب جي ڪتب خاني ۾ موجود آهن."[۴]

جيئن تہ شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي سوانح، ڪنهن مستند حالت ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ملي ڪانه سگهي هئي، ان ڪري هر محقق، اديب ۽ شاهه صاحب جي شارح کي عوام اندڙ پڪڙيل ۽ پڌل عامي ڳالهين تي ئي انحصار ڪرڻو پيو. ان کان علاوه شاهه صاحب کي ڪن شارحن پنهنجي مذهبي ۽ عقيدي جي نقطه نگاهه کان پڻ ڏٺو.

ان بعد ١٨٨٩ع ۾ ليلارام وتڻ مل لالوانيءَ انگريزيءَ ۾ هڪ مضمون "شاهه جي زندگي، مذهب ۽ شاعري" جي سري هيٺ لکيو، جنهن بابت ڊاڪٽر بلوچ صاحب لکي ٿو،

> "جنهن ۾ پڻ شاهه صاحب جي سوانح بابت گهٽي حد تائين ساڳيو مير صاحب ۽ مرزا قليچ بيگ وارو مواد سامهون رکيائين: پر البت ان سلسلي ۾ مير صاحب جي دوست مبين احمد ڀتائيءَ کان به ڪي ڳالهيون پڇيائين." ٥

مٿي بيان ڪيل صاحبن کان سواءِ، ڪجهه ٻين محققن به مٿاڪٽ ڪئي، جن ۾ ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ، ڏيارام گدومل، پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي، علامه آءِ آءِ قاضي ۽ غلام محمد شاهوانيءَ جن شامل آهن. انهن لائق مصنفن جي ڪتابن يا ترتيب ڏنل رسالن ۾ شاهه صاحب جي زندگيءَ جي سوانح بابت جيڪو احوال ڏنل آهي، سو گهڻو ڪري مير علي شير قانع ٺٽويءَ يا مٿي ذڪر ڪيل ٻين ڪتابن تان ورتل آهي. جن ۾ بقول ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي،

> "سندن بيان ۾ شاهه جي سوانح بابت بنيادي معلومات گهٽ ۽ سندن پنهنجي طرفان ڏنل رايا وڌيڪ آهن." ٦

سن ١٩٢٣ع ۾ ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشانيءَ نئين سر شاهه جو رسالو ترتيب ڏنو. جنهن جي پهرئين جلد ۾ هن صاحب شاهه صاحب جي سوانح مفصل نموني لکڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ان ۾ به گهڻي قدر اوڻايون رهجي ويون. ان جا به ڪيترائي سبب هئا. ڊاڪٽر گربخشانيءَ صاحب پنهنجي ترتيب ڏنل رسالي جي مهاڳ ۾ به اشارو ڪيو آهي ته ڪائنس به ڪي اوڻايون رهجي ويون آهن. ڊاڪٽر گربخشانيءَ عامي روايتن ۽ حڪايتن تان پردو ان ڪري به نه کنيو، جو هو مذهبي لحاظ کان هندو هو، ان ڪري انتها پسند مسلمانن کان لنوائي ويو ۽ پيو ته ڪيس اسلامي تعليمات تي مڪمل


Scanned with CamScanner

عبور ڪونہ هو. ان سلسلي ۾ هن صاحب، ڊاڪٽر داؤد پوٽي کان مدد ورتي هئي.

شاهہ جي سوانح جي سلسلي ۾ جيتوڻيڪ پاڻ ڪا نئين ڳالهہ تلاش ڪري ڪونہ سگهيو آهي، پر پوءِ بہ گهڻيون بياني حڪايتون رد ڪيون اٿائين. پاڻ لکي ٿو،

"در حقيقت اهي اڪثيون پورڙن ماڻهن جا بناوَ آهن. انهن مان ڪي ڳالهيون تہ اهڙيون آهن، جو ٿورڙي ڦيرقار سان ٻين بزرگن سان بہ لاڳو ٿي سگهن ٿيون. اهڙين ڏندڪٿائن، ماڻهن جي واتان پشت بپشت گشت ڪري، نيٺ تاريخي لباس وڌي، شاهہ جي شخصيت ۽ احوال ڪي هڪ حيرت انگيز افسانو بنائي ڇڏيو آهي." ٧

مطلب تہ هو صاحب گهڻي ڪوشش جي باوجود بہ حڪايتن تان پردو نہ هٽائي سگهيو ۽ سوانح بابت گهڻو ڪري مير عبدالحسين خان سانگيءَ، مرزا قليچ بيگ ۽ خصوصاً ليلارام وتڻ مل جي بيانن تي انحصار ڪيو اٿس؛ پر پوءِ بہ عامي روايتن ڪي نندينديءَ هن بيئل پائيءَ ۾ پٿر هنيو. جنهن سان بحث جا دروازا کلي پون ٿا. اهوئي سبب آهي، جو ڊاڪٽر گربخشاڻي ۽ جي تحقيق تي پوءِ جي محققن انحصار نہ ڪيو ۽ انهن نيون نيون تحقيقون ڪيون ۽ پڙهندڙن جي آڏو آنديون، پر انهن نين تحقيقن ڪي بہ جيئن جو تيئن مستند نٿو مڃي سگهجي، ڇاڪاڻ تہ اهي بہ عامي روايتن مان ئي اخذ ڪيل نتيجا آهن، جيڪي حقيقت ۾ انهن محققن جي ذهني اختراع جا نتيجا آهن. بقول ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي،

"انهن قابل ذڪر ڪوششن جي باوجود شاهہ عبداللطيف جي حياتي اڃان تائين حڪايتن جي حجاب ۾ ڍڪيل آهي؛ جنهنجي هٽائڻ سان ئي "حقيقتن" تائين پهچي سگهجي ٿو." ٨

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب لاڳيتي محنت ۽ ڪوشش سان بقول سندس، عامي روايتن بدران پروسي جهڙين ۽ معتبر تحريرن جي آڌار تي شاهہ صاحب جي سوانح تحرير ڪئي آهي، جيڪا هن باب جي لاءِ پيڙهہ جي پٿر جي حيثيت رکي ٿي.

جيئن تہ اڳيئي ٻڌائي چڪا آهيون تہ ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي ڪن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڳالهين تي اختلاف تي سگهي ٿو، جن جو ذڪر اڳتي ايندو، پر تڏهن بہ ڊاڪٽر بلوچ صاحب جون ڪوششون ۽ محنتون ٻين مڙني محققن جي ڀيٽ ۾ زياده حقيقت پسندانہ آهن.

٢. نسب نامو: جيئن تہ اها ڳالهہ يقين سان چئي وڃي ٿي تہ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي، سنڌ جي "متهلوي" ساداتن يعني متعلوي يا مٽياري سيدن جي "ڪريم پوٽا" خاندان مان آهي، جيڪو مٿي هلي شجري موجب هڪ پاڙي "جراڙ پوٽا" سان ملي ٿو. سيد جراڙ يا سيد جلال، سيد شرف الدين جو پٽ هو ۽ سيد سيد شرف الدين جو ڏاڏو سيد حيدر هرات شهر جي سيد مير عليءَ جو پٽ هو. جنهن جو شجرو مٿي وڃي امام موسيٰ ڪاظم سان ملي ٿو؛ جنهن ڪري اهي هراتي سيد ساڳئي وقت ڪاظمي سيد پڻ آهن.

سيد حيدر سنڌ ۾ آيو تہ هالا قبيلي جي رئيس شاهہ محمد بن دريا خان ڪيس پنهنجي نياڻي ڏني، جنهن مان ڪيس علي نالي هڪ فرزند ڄائو. سيد حيدر موٽي هرات ويو ۽ اتي ئي وفات ڪيائين. جڏهن تہ سندس پٽ سيد علي يا سيد مير علي سنڌ ۾ ئي رهيو. جنهن جي اولاد مان ڪريم پوٽا يا مٽياروي سادات آهن.

سيد مير عليءَ جي باري ۾ ڊاڪٽر بلوچ لکي ٿو.

"مير علي سنڌي غالباً اٺين صدي هجريءَ جي آخر ڌاري ڄائو. هو هالاڪنڊيءَ ۾ پنهنجي ناناڻن ۾ نپنو، جن ڪيس پرڻايو. هن ٻيو نڪاح ترڪن جي قبيلي مان ڪيو. ڪيس ٽي پٽ ٿيا: احمد، مرتضيٰ عرف پرئو ۽ شرف الدين، جن سڀني کي اولاد ٿيو. سيد علي جڏهن اولاد وارو ٿيو تہ هالاڪنڊي ڇڏي اچي پينگهاري پرڳڻي سان لاڳو پرڳڻي "متعل" يا "متعالہ" يعني متهلو (متهالو يا مٽ هالا) شهر ۾ وينو. جنهن جي نالي سان پاتئجي ٿو تہ اهو هالا قبيلي جي سربراهن جي زمينداريءَ ۾ هو ۽ هن پنهنجي ڏوهٽي کي جاگير ڪري ڏنو."٩

ان بعد اتي غالباً پاڻيءَ جي اڻاٺ سبب، سيد مير علي سنڌيءَ جو اولاد نائين صديءَ جي پوئين ڏهاڪن ۾ جام نظام الدين جي دؤر حڪومت ۾ لڏي اچي مٽيارين ۾ وينو. مٽيارين ۾ لڏي اچڻ کان پوءِ، سيد شرف الدين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جي اولاد مان ٩۴۴هہ ۾ جراڙ پوٽن جي پاڙي مان لال محمد شاهہ عرف لَلي شاهہ جي گهر ۾ سيد عبدالڪريم شاهہ ڄائو. جيڪو شاهہ عبدالڪريم بلڙيءَ واري جي نالي سان اڳتي هلي مشهور ٿيو ۽ شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جو ڏاڏو هو.

شاهہ ڪريم کي اٺ پٽ ٿيا. جيڪي سيئي اولاد وارا ٿيا. شاهہ ڪريم جي اولاد مان ٽئين نمبر فرزند جلال شاهہ جي اولاد مان شاهہ حبيب پيدا ٿيو. جيڪو شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جو والد محترم هو.

٢. شاهہ حبيب ۽ سندس ڪٽنبُ يا شاهہ لطيف جي ولادت: شاهہ حبيب ميين شاهہ ڪريم جو پڙپوٽو هو. چون ٿا تہ شاهہ حبيب جو ڏاڏو جلال شاهہ يا جمال شاهہ پنهنجي پيءُ يعني ميين شاهہ ڪريم جي وقت ۾ ئي هالن ۽ مٽيارين طرف گهاڻ لڳو هو. پوءِ ڪنهن مائيءَ جي مدد خاطر، ڦورن هٿان شهيد ٿي ويو.

"سندس مقبرو ديهہ ۽ ٽپي "جما" ۾ ڀٽ شاهہ کان ست ميل ڪن پري اتر طرف گولي پير جي مقام وٽ آهي." ١٠

جمال شاهہ يا جلال شاهہ جي شهادت کان پوءِ، اهو اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ سندس ٻار ٻچا اڪيلا ٿي پيا هوندا ۽ انهيءَ ڪري پنهنجي ڏاڏي ميين شاهہ ڪريم وٽ بلڙيءَ ۾ آيا هوندا؛ جنهن جو هڪ اندازو اهو بہ ٿي سگهي ٿو تہ جمال شاهہ جي فرزند عبدالقدوس شاهہ جي مزار بہ بلڙيءَ ۾ ميين شاهہ ڪريم جي پرسان آهي.

عبدالقدوس شاهہ کي بہ پٽ ٿيا. حبيب الله شاهہ (حبيب شاهہ) ۽ عبدالرشيد شاهہ. ٻنهي کي اولاد ٿيو. عبدالقدوس شاهہ جي ٻنهي فرزندن مان ديناري ۽ فقر جي ورچ حبيب شاهہ جي حصي ۾ آئي. چون ٿا تہ ميين شاهہ ڪريم کان پوءِ بزرگيءَ جي ونڊ وري حبيب شاهہ جي حصي ۾ آئي. شاهہ حبيب وڏو شاعر بہ هو. سندس ڪجهہ ڪلام شاهہ جي رسالي ۾ اچي ويو آهي. جنهن جي ڇنڊ ڇاڻ جي ضرورت آهي.

"شاهہ حبيب پنهنجي والد جي وقت ۾ يا سندس وفات کان پوءِ ڪجهہ وقت لاءِ اچي مٽياري شهر ۾ رهيو. اتي ٿي سگهي ٿو تہ سندس گهر بہ هو ۽ مٽياريءَ ۾ سندس رهڻ، ان ڪري بہ


Scanned with CamScanner

ٿيو جو سندس اتي شادي ٿي.“ ١١

چون ٿا تہ اتي سندس مائٽن سان اڻبڻت ٿي پئي، ان ڪري مٽياري ڇڏيائين. ڪن روايتن ۾ اھو بہ آيو آھي تہ شاھہ حبيب ۾ شاديون ڪيون. جن مان ھڪ سندس مائٽن مان ھئي ۽ ٻي ڏيرن فقيرن مان ھئي، جنھن مان زماني جو قطب حضرت شاھہ عبداللطيف ڄائو پيدا ٿيو. سندس پھرين شاديءَ جا ڪي پڪا ۽ ٺوس ثبوت ڪونہ ٿا ملن ۽ اھا بہ پڪي خبر ڪونہ ٿي پئي تہ اھا شادي ڪٿان ڪيائين. مرزا قليچ بيگ مطابق تہ

”مٽياري سيدن جا پاڙا ۽ شجرا موجود آھن، پر سندس ان شاديءَ بابت ڪٿي بہ ڄاڻايل ڪونھي. البت اھو يقين سان چئجي ٿو تہ شاھہ حبيب کي ھڪ ئي گھر مان ٽي فرزند ٿيا. جن مان بہ الله کي پيارا ٿي ويا ۽ باقي ھڪ بچيو، جيڪو زماني جو قطب، شاھہ لطيف ٿيو. چون ٿا تہ حبيب شاھہ کي اولاد ڪونہ ٿيندو ھو، سو ڪنھن الله واري فقير کان دعا ڪرايائين. جنھن کيس چيو تہ توکي پٽ ٿيندو، ان جو نالو عبداللطيف رکجانءِ.“ ١٢

شاھہ حبيب کي جڻ واڌائي ملي وئي. ھڪ پٽڙو پيدا ٿيو تہ نالو عبداللطيف رکيائينس، پر گذاري ويو. ٻيو پٽ بہ پيدا ٿيس ۽ ان جو نالو بہ عبداللطيف رکيائين، پر خدا جي قدرت جو اھو بہ گذاري ويو. وري ساڳئي ئي گھر مان ٽيون پٽ ڄائو، جنھن جو نالو بہ عبداللطيف رکيائين، جيڪو خدا جي قدرت سان بچيو ۽ اھو ئي شاھہ عبداللطيف ڄائو ٿيو. اھي ٽيئي ٻارڙا، جنھن گھر مان شاھہ حبيب کي ٿيا، سا بيبي عرس فقير ڏيري جي نياڻي ھئي. شاھہ لطيف جي ڄمڻ واري سال لاءِ سڀ محقق متفق آھن تہ سندس ڄمڻ وارو سال ١١٠٢ھہ آھي، جيڪو عيسوي سن مطابق ٩١ ــ ١٦٩٠ع ٿئي ٿو.

شاھہ لطيف جا ناناڻا يعني عرس فقير ڏيري وارا بہ پھتل فقير ھئا. ان ڪري شاھہ لطيف کي ڏاڏنگ ۽ نانڪ ٻنھي طرفن کان درويشيءَ فقر ورثي ۾ مليا ھئا.

شاھہ صاحب جي ڄمڻ واري ھنڌ جي باري ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ وڏي محنت ۽ جاکوڙ کان پوءِ اھا ڳالھہ ثابت ڪئي آھي تہ شاھہ لطيف سئي قندر جي مقام وٽ پيدا ٿيو ھو. ھو لکي ٿو تہ:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

"شاديءَ بعد شاھ حبيب بہ سھريجن جي پاڙي ۾ (عرس فقير ڏيري وارن) وٽ ٽي ويٺو. جتي سندس گھر سئي قندر واري تاريخي مقام کان بلڪل ويجھو، اولھہ طرف ھو. اھا گھر واري جاءِ روينيو رڪارڊ موجب سروي نمبر ١٢٤ ديھہ سئي قندر جاگير، تعلقي شھداد پور ۾ آھي ۽ مقامي طور ٽيھہ سال اڳ تائين مقامي ماڻھن سيني کي ان جي خبر ھئي. سئي قندر مقام کان نمبر جي لام تي اتر اولھہ طرف ۾ موجوده شاخ جي اوپر طرف شاھ صاحب (شاھ حبيب) جي گھر لڳ ھڪ کڏ ھئي، جنھن کي ساياتن جي کڙ، کري چوندا ھئا. انھيءَ پرسان ١٩٣٠ع تائين کنڊي جا وڻ بيٺل ھئا، جيڪي شاھ حبيب جا کنڊا سڏبا ھئا. اتي سندس حويلي ھئي جنھن جي پتين جون بنائون بہ ان وقت ماڻھن ڏٺيون ان حويليءَ ۾ ئي شاھ صاحب جا پھريان پٽ چاوا جيڪي گذاري ويا ۽ سئي قندر مقام ۾ ڏيرن فقيرن جي پاڙي ۾ دفنايا ويا. پنھي جون قبرون اڃان تائين اتي موجود آھن" ١٣

متين بيان مان اھو ثابت ٿئي ٿو تہ شاھ لطيف واقعي سئي قندر جي جاگير ۾ تعلقي شھداد پور ۾ ڄائو ھوندو. ڇاڪاڻ تہ شاھ حبيب جي پھرين ٻن پٽن جي اتي موجود قبرن، مقامي ماڻھن جي گواھين ۽ ڊاڪٽر بلوچ جي تحقيق مان اھو ئي اندازو ٿئي ٿو. جنھن کي غالباً ڊاڪٽر بلوچ کان پھرين ڪم ڪندڙ محققن (Avoide) درگذر ڪيو ھو. ان ڪم تي اڃان وڌيڪ تحقيق جي ضرورت آھي. ڇاڪاڻ تہ ڪن روايتن موجب تہ جڏھن شاھ حبيب جا پھريان ٻہ فرزند سئي قندر ۾ گذاري ويا، تڏھن شاھ حبيب اھو مقام (جڳھہ) ڇڏي ھالا حويلي لڏي اچي ويٺو، پر ان ڳالھہ جي بہ ڪا پڪي ثابتي موجود ڪانھي. محض زباني روايتن تي بڌل ڪھاڻي آھي. وري ان ڳالھہ جي رد ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکي ٿو تہ

"اھو دليل ايڏو وزندار ڪونھي، ڇاڪاڻ تہ شاھ حبيب وڏي پختي ارادي ۽ توڪل وارو بزرگ ھو جو باوجود پھرين ٻن ٻارڙن جي فوت ٿي وڃڻ جي بہ ٽين ٻار جو نالو عبداللطيف رکيائين تہ پوءِ وھم ۽ وسوسي ۾ اچي ڪيئن پنھنجو گھر ڇڏيو ھوندائين." ١٤

ڊاڪٽر صاحب جي متين بيان مان گمان غالب ٿئي ٿو تہ شاھ لطيف جي ڄمڻ جو ھنڌ سئي قندر ئي آھي. يلي شاھ لطيف جي پيدا ٿيڻ کان پوءِ شاھ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

حبيب لڏي ڪنھن ٻئي پاسي ويو ھجي.

## ٤- شاھ لطيف جو ننڍپڻ ۽ ابتدائي تعليم:

جيئن تہ شاھ لطيف جا ٻہ سڳا ڀائر اڳيئي فوت ٿي چڪا ھئا، ان ڪري شاھ ڀٽائي ڏانھن مائٽن جو پيار جو اندازو بخوبي لڳائي سگھجي ٿو. ان ڪري شاھ لطيف نہ صرف ننڍپڻ ۾ ماءُ پيءُ جي مھرباني، پيار ۽ شفقت ھيٺ رھيو پر اھا مھرباني ساڻس وڏي ھوندي تائين شامل حال رھي، جنھن سندس شخصيت کي وڌيڪ سنواريو ۽ اجاريو. ننڍپڻ ۾ ساڻس جيڪو ويجھو ڀارڙو ھو، اھو ھو سندس ماسات محمد عالم ڏيرو. جنھن سان شاھ لطيف ننڍي ھوندي رھاڻيون رچايون. چون ٿا تہ ننڍي ھوندي کان ئي شاھ صاحب گھمڻ ڦرڻ جو ڪوڏيو ھو. ان ڪري ننڍي ھوندي کان ئي سندس گھمڻ ڦرڻ جو ھنڌ پنھنجي ڳوٺ کان علاوہ ڪنڀار واري جوءِ تائين پکڙيل ھو.

تعليمي لحاظ کان شاھ صاحب جي باقائدي مڪتبي تعليم جا ڪي پڪا ثبوت ڪو نہ ٿا ملن ۽ نہ ڪو شاھ حبيب پنھنجي پٽ کي پاڻئون پري ڪري ڪنھن مڪتب ۾ ويھاريو پر سندس تربيت پنھنجي نظرداريءَ ھيٺ گھر ۾ ئي ڪيائين. ھونئن بہ شاھ حبيب پاڻ ٻہ علم وارو بزرگ ھو ۽ شاھ لطيف جي والدہ پڻ ھڪ فاقيري گھراڻي مان ھئي. تڏھن ان صورتحال ۾ اھو اندازو لڳائي سگھجي ٿو تہ شاھ لطيف جي تربيت ڪھڙي نہ بھتر نموني ۾ ٿي ھوندي. ان بعد روايتن مان معلوم ٿئي ٿو تہ شاھ لطيف کي ڪلام پاڪ پڙھائڻ لاءِ ويھاريو ويو، جنھن لاءِ آخوند طور ميين نور محمد ڀٽيءَ کي رکيو ويو. جيڪو شاھ صاحب سان آخري وقت تائين گڏ رھيو. مطلب تہ مڪتبي تعليم شاھ لطيف ميين نور محمد ڀٽي کان حاصل ڪئي. ان کان علاوہ شاھ صاحب جو پنھنجو ذاتي لاڙو بہ "ڄاڻ" حاصل ڪرڻ ڏانھن ھو، ان ڪري پنھنجي والد شاھ حبيب ۽ پنھنجي محترم استاد ميين نور محمد ڀٽيءَ کان سواءِ بہ شاھ صاحب ڄاڻ حاصل ڪندو رھيو. قدرتي نظارا، ڪائنات جو سمورو نظام ۽ خالق جا خلقيل ٻيا نظارا سندس معلومات وڌائڻ جا ڪارڻ ھئا.

ابتدائي ٻارھن ورھيہ شاھ صاحب ڪنڀار واري جوءِ ۾ گذاريا. جنھن جي ايراضي موجودہ ڀٽ شاھ تائين ھئي. جنھن تي وسڪاري جي مند ۾


Scanned with CamScanner

شاهہ صاحب ننڍي هوندي اچي راند ڪندو هو.

سندس ٻاراڻي وهيءَ ۾ دوستي فطري طور ڏيرن فقيرن جي ٻارن سان ٿي هوندي، جن ۾ سندس ماسات محمد عالم ڏيرو بہ شامل هو.

## ٥- والد جي رهنمائيءَ هيٺ تربيت وارو دور ١١١٥هہ کان ١١٢٠هہ تائين:-

هاڻي مڪمل طرح شاهہ لطيف جي تربيت سندس والد بزرگوار شاهہ حبيب جي نظرداريءَ هيٺ ٿيڻ لڳي. شاهہ حبيب ڪريمي سلسلي جو هڪ وڏو بزرگ ٿي گذريو آهي. پاڻ پڙهيل بہ هو ۽ وجد واري ڪيفيت ۾ اچي بيت بہ چوندو هو. ان ڪري شاهہ لطيف جي تربيت جي نظرداري پاڻ ڪرڻ لڳو. شاهہ حبيب ۽ شاهہ لطيف جو پاڻ ۾ نہ صرف پيءُ پٽ وارو رشتو پر پٺي پاڻ ۾ دوست ۽ همر رفيق پڻ هئا. ان ڪري شاهہ حبيب پنهنجي پٽ جي شخصيت کي ٺاهڻ، معرفت الاهي جهڙا ۽ تصوف جهڙا باريڪ نڪتا پڻ سمجهائڻ لڳو.

شاهہ لطيف غالباً ڏهن ٻارهن سالن جو هوندو جو شاهہ حبيب گنباٽ واري پيڙهي ڇڏي اچي ڪوٽڙي مغل ۾ رهيو. ان لاءِ ڪيترائي سبب ڏنا وڃن ٿا. بهرحال ڪهڙي بہ سبب جي ڪري شاهہ حبيب لڏي اچي ڪوٽڙي مغل ۾ رهيو. جتي سندس خاص معتقد ڪوٽڙيءَ جو رئيس مرزا بيگ مغل بہ رهندو هو، جنهن سندس خاصي آجيان ڪئي.

هاڻي شاهہ حبيب جو سمورو توجهہ سندس پٽ جي روحاني، اخلاقي ۽ ذهني تربيت تي ڏنو ۽ کيس عرفان جي اعليٰ منزل ماڻڻ لاءِ گامزن ڪيائين. جتي بہ شاهہ حبيب ويندو هو اتي شاهہ لطيف کي پاڻ سان وٺي ويندو هو. خصوصاً سندس ٽڙ ڏاڏي ميين شاهہ ڪريم جي مزار تي ڪريمي فقيرن سان ملائڻ ميين شاهہ عنايت وٽ وٺي وڃڻ ۽ شاهہ پور ۽ نصرپور تائين گهمائڻ جهڙا سفر ۽ سير شاهہ حبيب پنهنجي پٽ کان پاڻ ڪرايا ۽ ان دوران لطيف جي اسرندڙ ۽ سالر ذهن گهڻو ڪجهہ پرايو. هاڻي سندس ڏسڻ وائسڻ ۽ گهمڻ جو دائرو پڻ وسيع ٿيو. يعني اتر کان هالن کان وٺي هيٺ لاڙ ۾ بلڙي

۾ نئي تائين، اوير طرف ڪنباٽ کان اڳتي پينءَ پور. ھالا حويلي شاھ پور ۾ نصرپور تائين وسيع ٿيو.

شاھ صاحب جيئن نوجواني ڏانھن قدم وڌائڻ لڳو تيئن تيئن پنھنجي والد ۽ مرشد شاھ حبيب جي رھنمائيءَ ھيٺ زھد ۽ تقويٰ ڏانھن وڌيڪ توجھ ڏيڻ لڳو. پنھنجي نفس کي نمائڻ ۾ پاڻ پچائڻ لڳو. ھو خدا جي خلق کان پريرو ٿي عبات ۽ رياضت ۾ محو ٿيڻ لڳو. اھي جايون صرف انھي سبب ڪري مشھور ٿيون، جو شاھ سائين اتي رياضتون ڪيون ۽ چلا ڪڍيا. انھن جاين مان ھڪ لئي جو وڻ بہ ھو جيڪو پوءِ

"لال لئو سڏجڻ لڳو" ١٥

"بي جاءِ خود پٽ آھي جنھن جي ڪچ ۾ ڪراڙ ڍنڍ ھئي ۽ اھا جاءِ بہ وڌيڪ گوشائتي ھئي. اتي بہ وچي شاھ صاحب عبادتون ڪيون ۽ پوءِ پنھنجو حجرو بہ ٺھرايائين. تيون نشان "شاھ جو ڪنڊو" سڏجي ٿو جيڪو پڻ پٽ کان ڏھ ميل ڪن اتر اوير طرف آھي. ١٦

روايت موجب شاھ لطيف جڏھن سترھن ورھين جو ٿيو تہ شاھ حبيب ڪيس درويش پير ھاشم شاھ وٽ وٺي ويو. جنھن ڪيس چيو تہ "حبيب جو پٽ اجان پچي راس نہ ٿيو آھي." جنھن جو مقصد ھو تہ متس اجان مجازي عشق جو رنگ چڙھيل آھي. جنھن کي اجان شاھ سائين ميٺيو ڪو نہ ھو. اھو ٻڌي درويش پير ھاشم شاھ جي ھدايت موجب شاھ لطيف وري وچي رياضت ۽ عبادت شروع ڪئي. جنھن سان نہ صرف مجازي عشق کي ميٽيائين پر سندس ساڃاھ ۽ سرت ۾ بہ پختگي اچي ويئي، جنھن جو ثبوت ان ڳالھ مان ملي ٿو تہ شاھ حبيب جڏھن ڳوليندي ڳوليندي ڪنڊي واري مقام وٽ پھتو تہ ڏٺائين تہ عبادت ۽ رياضت ڪندي لطيف جي لڱن تي مٽيءَ جو تھ جمي ويو ھو ۽ ان جي باوجود لطيف سرڪار ذڪر الاھيءَ جي ياد ۾ محو ھو. جنھن تي شاھ حبيب بيت جي ھيءَ سٽ پڙھي

لڳي لڳي واءُ ويا انگڙا ڍڪجي

والد جو اھو دلنواز آواز ٻڌي لطيف سائينءَ ساڳئي جذبي ۽ محبت سان وراڻيو تہ:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پڻي ڪٽي پساهه پسڻ خاطر پرينءَ جي.

سندس اهڙي بيت جي ساڳئي دلپذير انداز ۾ جواب ڏيڻ سان لطيف جي شاعرانڻي شعور سان گڏوگڏ سندس ذهني اوجر ۽ روحاني رتبي جي پڻ پروڙ پوي ٿي. شاهه جي ان جواب سان سندس اندر جو آئينو اوجل ۽ عشق الاهيءَ ۾ پچي راس ٿيڻ جا اهڃاڻ ملن ٿا.

مٿين روايت اختصار سان "شاهه جي رسالي" ڊاڪٽر نبي بخش واري نسخي تان ورتل آهي. جنهنکي ڊاڪٽر بلوچ صاحب وڏي ۽ جاکوڙ سان مرتب ڪيو آهي. جڏهن تہ سانگيءَ ان روايت کي هڪ عامي روايت وانگر قلمبند ڪيو آهي. جنهن ۾ هن ڄاڻايو آهي تہ:

> "شاهه صاحب اڃان ڇوڪرو هو جو ٻين ڇوڪرن سان راند ڪرڻ ويو ۽ راند ڪنڊي هڪ ڪنڊي جي ٿڙ واري پور ۾ وڃي لڪو يا ان جي آڏو واريءَ جو دڙو هو ان ۾ وڃي لڪو، جتان ڪيس ڪو بہ ڏسي ڪو نہ ٿي سگهيو. آخر ٻيا ڇوڪرا موٽي ويا ۽ شاهه صاحب اتي ئي رياضت ۾ محو ٿي ويو. جتي شاهه حبيب ڪيس ڳولي ڪڍيو ۽ پوءِ مٿيون بيت پڙهيو، جنهن تي شاهه (شاهه لطيف) وري جواب ڏنو." ١٧

سانگيءَ جي ان روايت بيان ڪرڻ مان صرف هي مقصد ٿي سگهي ٿو تہ شاهه لطيف ننڍي هوندي کان ئي اعليٰ شعور جو مالڪ هو ۽ وليءُ الله هو. جيڪا روايت محض دلي عقيدي جي ڪري ماڻهن ۾ عام آهي ۽ حقيقت سان سندس تعلق گهٽ آهي. ان ڪان وڌيڪ پختي ڳالهہ اها ٿي سگهي ٿي جيڪا ڊاڪٽر بلوچ بيان ڪئي آهي.

## ٦- شاهه جو جواني وارو دور:-

شاهه لطيف جڏهن ويهن ٻاويهن ورهين جو هو تہ ڪيس درويش پير هاشم شاهه کان اشارو مليس تہ هاڻ "لطيف جو چراغ روشن ٿيندو" سو هاڻ لطيف ان چراغ جي روشنيءَ ۾ پنهنجي تربيت پاڻ شروع ڪئي. طريقت، معرفت، حقيقت، شريعت، عارفانہ زندگي ۽ زمان ۽ مڪان جي مسئلن کي سمجهڻ ۽ پر جهڻ شروع ڪيائين. سندس اندر واري انسان جا پنڌ پرانهان ٿيا. هستي ۽ نيستي جهڙن باريڪ نڪتن کي سمجهڻ شروع ڪيائين جنهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جا آثار سندس شاعريءَ ۾ نمايان آهن.

حقيقي حقيقتن کي سمجهڻ لاءِ مشاهدي جي ڪوٽ کي پورو ڪرڻ لاءِ ڏسڻ ۽ وائسڻ ۽ پروڙڻ ۽ پرجهڻ لاءِ سير ۽ سفر شروع ڪيائين. شاهہ صاحب پنهنجي جوانيءَ واري دور ۾ ئي شاديءَ جي رسم پوري ڪري چڪو هئي. عارفانہ زندگيءَ جي باريڪين کي سمجهڻ لاءِ پنهنجي ڏاڏي ميين شاهہ ڪريم جي فلسفياڻن نڪتن کي سمجهيائين ۽ ان سان گڏوگڏ فارسيءَ تي عبور حاصل ڪري، مولانا روميءَ جي مثنوي ۾ سمايل رازن کي پروڙڻ طرف توجهہ ڏنائين. جيڪي مشاهدي ۽ تجربي مان علم وسيلي حاصل ڪيائين، ان کي نج سنڌي ويس پهرائي سنڌي بيتن ۽ واين جي ذريعي ظاهر ڪيائين.

محققن جي راءِ موجب ۽ ڊاڪٽر بلوچ جي تحقيق مطابق تہ لطيف سرڪار بامقصد مسافرين ۽ ملاقاتن جي شروعات غالباً انهن ئي ماڳن کان شروع ڪئي، جتي اڳ هو پنهنجي پيءُ سان گڏجي ويندو هو. انهن مان هڪ طرف گنجو ٽڪر، مٽياري ۽ اڳتي هلي ٻلڙي ۽ ٺٽو ٿيا.

غالباً اهوئي دور هو جڏهن لطيف کي لنؤ لڳي ۽ پوءِ دل برداشتہ ٿي سير ۽ سفر تي نڪتو. هن جاءِ تي اچي ڊاڪٽر بلوچ ۽ ٻين محققن ۾ اختلاف پيدا ٿين ٿا. ڪن جو چوڻ آهي تہ شاهہ لطيف مرزابيگ مغل جي نياڻي ڏسندي ئي مٿس موهت ٿي پيو ۽ سندس ڇيڄ جهلي چيائين تہ "جنهن جي ڇيڄ سيد هٿ ۾ تنهن کي لهر نہ ڪو لوڏو." جنهن تي مرزا بيگ مغل ڪاوڙجي پيو، سيد صاحب سان بدتميزي ڪيائين، پوءِ شاهہ صاحب جلال ۾ اچي ڪيس بددعا ڏني ۽ لطيف سائين جي ئي بددعا جي ڪري سندس خاندان تباهہ ٿي ويو.

پر ڪي محقق، جن ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۽ مرزا قليچ بيگ شامل آهي، تن جو چوڻ آهي تہ انهيءَ روايت ۾ ڪنهن بہ قسم جي سچائي ڪانهي. سندن چوڻ موجب شاهہ لطيف شادي شرعي حڪم موجب ڪئي نہ ڪي عشق جي عتاب هيٺ اچي. ڊاڪٽر بلوچ صاحب لکي ٿو تہ:

> "شاهہ حبيب پنهنجي معتقد جي هن بيواهہ ڪٽنب جي ضائفائن کي سنڀالڻ ۽ سهارو ڏيڻ ضروري ڄاتو ۽ سندن رضا بعد پنهنجي فرزند (شاهہ لطيف) کي مڃايو ۽ بيبي سيده بيگم سان سندس نڪاح ڪرايو"١٨

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جڏهن تہ مرزا قليچ بيگ ڇاڻايو آهي تہ

"شوق جي پنيان شادي ڪين ڪيائين. سندس بيبي گهر واريءَ سان اوتري محبت ڪانہ هوندي هئي.... نڪا عشق پٺي ڪا شادي ڪئي هئائين ..... رڳو شرع شريف جي حڪم پوري ڪرڻ لاءِ ۽ ڪم ڪار جي سهنج لاءِ شادي ڪئي هئائين..... شادي ڪرڻ بہ هڪ سنت هئي تنهن ڪري هن (شاهہ لطيف) روا رکي." ١٩

مٿين مڙني بيانن کي سامهون رکندي منطقي اصول تحت سيني محققن جي بيانن کي جيئن جوتيئن نہ ٿو مڃي سگهجي. ڇاڪاڻ تہ ان وقت جي صوفين جي نظريي ۽ فلسفي تحت حقيقي عشق تائين پهچڻ لاءِ مجازي عشق ڪرڻ ضروري هو. ان ڪري اهو گمان غالب ٿئي ٿو تہ شاهہ صاحب پڻ اهڙي قسم جو مجازي عشق ڪرڻ ضروري ڄاتو هجي يا ائين ئي اتفاقي طور ڪيس لنؤ لڳي ويئي هجي. باقي مرزا مغل بيگ کي پٽ پاراتو ڏيڻواري ڳالهہ نہ ٿي اَئڙي. ڇاڪاڻ تہ شاهہ لطيف نهايت ئي سادي طبيعت وارو نهٺو ۽ مانيٺو انسان هو. انسانن سان محبت ئي سندس اصل آدرش هو. ان ڪري هو ڪنهن کي بہ بددعا نہ پئي ڏيئي سگهيو. ان لاءِ اهو ئي مثال ڪافي آهي تہ ڪيس وقت جي حاڪمن بہ ڪهڙوئي ڏکايو پر پاڻ ڪنهن کي بہ بددعا ڪو نہ ڏنائون. بيو تہ جهڙو درد جو اثر ۽ تاثير شاهہ جي شاعريءَ ۾ آهي سو بنان ڪنهن مجازي عشق جي پيدا ٿيڻ ناممڪن آهي. هو دردن ۽ تڪليفن جو بيان اهڙي تہ انداز سان ڪري ٿو ڄڻ پاڻ ان تڪليف مان گذري رهيو هجي، اجان بہ ائين چئجي تہ پاڻ تہ ان تڪليف مان گذريوئي آهي پر پڙهندڙ کي بہ ان جو احساس شدت سان ڏياري ٿو. سو انهن ڳالهين کي مدنظر رکندي اهو چئي سگهجي ٿو تہ شاهہ بيشڪ عشق ڪيو پر پنهنجي نفساني مطلب کي پورو ڪرڻ لاءِ، ڪنهن کي پٽ پاراتو ڪو نہ ڏنو ۽ نہ ئي نيهن جي نيش لڳڻ سان الف ليلوي داستان جو ڪو ڪردار بڻيو پر جي ڪيس اهڙو عشق لڳو بہ تہ ٻاهر ٻاق ڪو نہ ڪڍيائين ۽ نہ ڪي بيبي صاحبہ کي ڇيچ مان جهلي ڪيس چيائين تہ "جنهن جي ڇيچ سيد هٿ ۾ تنهن کي لهر نہ ڪو لوڏو" جڏهن تہ شاديءَ بعد شاهہ صاحب جا خيالات شادي بابت پنهنجي تڙ ڏاڏي ميين شاهہ ڪريم وارا هئا.

شاديءَ کان اڳ شاهه صاحب جي سير ۽ سفر بابت ڪجهه اشارا ملن ٿا. جن مان انومان ڪڍي سگهجن ٿا ته شاهه صاحب نه صرف پوري سنڌ گهميو پر هندوستان ۽ بلوچستان جي ڪجهه حصن جو پڻ سفر ڪيائين ۽ اتان جي مقامي ماڻهن جي ڪمن ڪارين جو چڱيءَ ريت مشاهدو ۽ اڀياس ڪيائين. انهن ڪمن ڪارين جي مثبت پهلوئن کي پنهنجي شاعري ۾ سموئي نصيحت آميز نڪتا بيان ڪيائين. هڪ روايت موجب ته جڏهن شاهه صاحب عشق جي انگ چڙهيو ۽ ڪيس نينهن جا نيش لڳا تڏهن جوڳين ۽ سنياسين سان گڏ ٽي سال گذاريائين ۽ گنجي ٽڪر جي دامن ۾ ڪالي ماتا جي ياترا به ڪيائين ۽ ڪيترائي هندوستان جا شهر پڻ ڏٺائين.

سير ۽ سفر کان علاوه ڪيترن ئي بزرگن سان رهاڻيون به رچايائين ۽ وحدت الوجود واري فلسفي ۽ زندگيءَ جي مختلف شعبن سان لاڳاپيل فلسفي تي بحث مباحثا پڻ ڪيائين. جن ۾ خواجه محمد زمان لنواري جهڙا بزرگ پڻ شامل آهن. ان کان علاوه فارسيءَ ۾ هڪ ڏکيو خط ٺٽي جي عالم ۽ محقق صوفي مخدوم محمد معين ڏانهن لکيائين، جنهن ۾ غائبانه مرشد وٺڻ واري مسئلي تي فارسيءَ ۾ خيالن جي ڏي وٺ ڪيائين جنهن منجهان شاهه صاحب جي فارسي زبان تي دسترس ۽ اونهي معلومات جي پڻ پروڙ پوي ٿي.

ان کان علاوه پنهنجي ڏاڏي ميين شاهه ڪريم جي مزار تي پڻ ڪيترائي ڦيرا ڦيريائين ۽ اتي ميان صاحب جي فقيرن ۽ گادي نشينن سان ملي شاهه ڪريم جي فلسفي جي باريڪ نڪتن کي سمجهڻ ۽ پروڙڻ لاءِ ڪوشش ڪيائين. ان عقيدت جي پيش نظر شاهه لطيف ملتان کان مستري ۽ سرون آڻي پنهنجي ڏاڏي ميين شاهه ڪريم جي مزار ٺهرايائين. شاهه ڪريم جي مزار نهايت ئي سهڻي نموني ۽ شوق سان جوڙيائين. جنهن تي هڪ سر جنهن تي "لطيف" لکيل هو سا به لڳرايائين، پر شاهه ڪريم جي گادي نيشن، شاهه لطيف جي وارث ٿيڻ جي ڊپ کان اها سر ڪيرائي ڇڏي.

ميين شاهه ڪريم جي ڪتاب "بيان العارفين" کان سواءِ، شاهه لطيف اسلامي تعليمات جي روح تائين پهچڻ لاءِ ۽ معرفت جا اعليٰ معنوي ۽ فڪري اهڃاڻ ماڻڻ لاءِ مولانا جلال الدين روميءَ جي مثنوي به پاڻ سان ڪنيائين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جنهن جو مطالعو هو هر وقت ڪندو هو. ڪيس مين شاهه ڪريم جا ۽ مولانا روميءَ جا ڪيترائي بيت برزبان ياد هوندا هئا. مولانا جلال الدين روميءَ جي مثنوي سان شاهه صاحب کي ايترو تہ شغف تي ويو جو ان وقت سنڌ جي حاڪم ميان نور محمد ڪلهوڙي شاهه صاحب ڏانهن مثنويءَ جو هڪ سهڻو قلمي نسخوتحفي طور موڪليو.

## ٧- ١١٢٢ ھ کان ١١٤٢ھ دور ۽ ڀٽ تي سڪونت:-

١١٢٢ھ کان ١١٤٢ھ تائين سچاسارا ويهہ سال شاهه صاحب ڪَهڻ ۽ ڪاهڻ، ڏسڻ ۽ پسڻ، پرجهڻ ۽ پروڙڻ ۾ صرف ڪيا. حق، حقيقت ۽ معرفت تائين پهچڻ لاءِ ۽ پنهنجو پاڻ کي سڃاڻڻ لاءِ شاهه صاحب اهي ويهہ سال پنهنجي تربيت پاڻ، ڪرڻ تي صرف ڪيا. مسلسل مطالعي ۽ مشاهدي کان پوءِ شاهه هاڻي مستقل طور ڀٽ تي سڪونت اختيار ڪئي. اها جاءِ بہ پاڻ سير ۽ سفر ڪندي پسند ڪئي هئائين. جوان مرد لطيف هاڻي پنهنجو پاڻ هر لحاظ کان پچائي راس ڪيو هو. شاهه صاحب جي مستقل ڀٽ تي سڪونت اختيار ڪرڻ بابت سالن ۽ تاريخن جا وڏا اختلاف آهن. مختلف محققن جي راين موجب (جن ۾ سانگي مرزا قليچ بيگ ۽ ليلارام وتڻ مل شامل آهن.) تہ اهوعرصو ١١٢٤ھ کان ١١٤٤ ھ تائين وارو ڊگهو عرصو معلوم ٿئي ٿو. جيڪو تمام ڊگهو عرصو آهي ۽ منطقي لحاظ کان بہ مڃڻ جي لائق ڪونهي. يقيناً شاهه صاحب کي بار ٻچا ڀٽ تي وٺي اچڻ ۾ عرصو تہ لڳو هوندو پر اهو عرصو بہ ايترو ڊگهو نہ ٿو ٿي سگهي. ان لاءِ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي تحقيق موجب شاهه صاحب کي ڀٽ تي مستقل آباد ٿيڻ ۾ ست سال لڳا هوندا. جن جو سن ١١٣٥ھ کان ١١٤٢ھ تائين ٿي سگهي ٿو. بهرحال اهو طئي ٿي چڪو تہ شاهه صاحب وڌ ۾ وڌ ١١٤٢ھ هجري تائين ڀٽ تي مستقل سڪونت اختيار ڪري چڪو هو ۽ وڏيڪ رياضت ۽ عبادت اتي ئي ڪندو رهيو. ١١٤٢ھ واري سال شاهه صاحب جي عمر اٽڪل چاليهہ سال هئي. ان ڪري پاڻ هاڻي ڊگهن سفرن ۽ مسافرين جو ارادو ترڪ ڪيائون. ڇاڪاڻ تہ ايتري ڊگهي عرصي ۾ گهڻو ڪجهہ ڏسي وائسي، پروڙي ۽ پرکي چڪا هئا. هاڻي پنهنجي تجربن ۽ مشاهدن کي

پنهنجي شاعريءَ ۾ آڻڻ ۽ سنگيت جو ادارو قائم ڪرڻ لاءِ سوچڻ لڳا.

شاھ صاحب ڀٽ تي اچڻ وقت پنهنجي رفيقن ۽ مريدن کي پنهنجي لٺ جي چوٽيءَ سان جايون ليڪي ڏنيون ۽ بعد ۾ زمين کي هموار ڪري اتي جايون ٺاهيون ويون. چاڪاڻ تہ ڀٽ، ان کان پهريائين واريءَ جن هڪ ڍرپ هئي.

جڏهن جايون ٺهي راس ٿيون تہ شاھ صاحب ڪوٽڙيءَ مان لڏي اچي ڀٽ تي مستقل طور ويٺو. ان دوران شاھ حبيب بيمار ٿي پيو. تڏهن شاھ لطيف پنهنجو سڄو ڌيان ۽ توجھ پنهنجي مرشد ۽ والد بزرگوار جي چڱڀلائي ڏانهن ڏنو. فقير پڻ هميشہ شاھ حبيب جي چڱڀلائيءَ لاءِ پيا دعائون گهرندا هئا. جيئن تہ شاھ لطيف عام ۽ خاص ۾ مقبول ۽ مشهور ٿي چڪو هو، ان ڪري ڪيترائي حڪيم ۽ طبيب آيا ويا هوندا پر ڦڪين فرق نہ ڪيو. آخر شاھ حبيب جو آخري وقت بہ اچي ويو ۽ پاڻ وصال فرمايائون. سانگيءَ شاھ حبيب جي وصال واري وقت بابت چاٿايو آهي تہ شاھ لطيف ڀٽائي موجود ئي ڪو نہ هو. جنهن کي بهرحال عقلي دليل ڪو نہ ٿو مڃي. اهڙي ڳالھ جي ڊاڪٽر بلوچ پڻ سختيءَ سان ترديد ڪئي آهي.

شاھ حبيب کي ڀٽ تي ئي دفنايو ويو. ان بعد سموري گهرولڙي جو بار ۽ مرشديءَ جي مسند جو بار بہ اچي شاھ لطيف جي ڪلهن تي پيو. هڪڙا تہ اڳيئي سندس خانداني مريد هئا ۽ ٻيا شاھ لطيف جي صحبت ۾ اچي مريد ٿيا. انهن مريدن جو تعداد اصلوڪن مريدن کان گهڻو هو.

والد صاحب جي وفات بعد شاھ لطيف مرشديءَ جي مسند باقائدي سنڀالي پر سندس مرشدي ۽ مريديءَ جو طور طريقو رسمي پيري مريديءَ کان الڳ هو. پاڻ ڪڏهن ڪنهن کان ڪا شيءِ گهري ڪانہ ورتائون ۽ نہ ڪي ڪنهن کي زبردستي مريد بڻايائون. بلڪہ جيڪو مريد ٿيڻ ايندو هو، ان کان شاھ صاحب جن پڇندا هئا تہ "ابا ماءُ پيءُ جي موڪل سان آيو آهين؟" جيڪڏهن ها چوندو هو تہ کيس مريد بڻائيندا هئا ۽ ذڪر اذڪار ۽ عبادات جا طور طريقا ٻڌائيندا هئا. اگر هو مائٽن جي اجازت کان بغير ايندو هو تہ کيس واپس ڪري ڇڏيندا هئا.

شاھ صاحب جي ڪلام جي باريڪ نڪتن واري فلسفي کان متاثر ٿي

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

يا سندن فيض واري صحبت کان موھجي جيڪي ماڻهو وٽائنئن فيض حاصل ڪرڻ ايندا هئا. انهن ۾ پڙهيل لکيل خواھ اڻ پڙهيل ھنهي طبقن جا ماڻهو شامل هئا. مثلاً هڪ طرف مخدوم محمد صادق نقشبنديءَ مخدوم معين جهڙا نئي جا عالم هئا. جيڪي شاھ صاحب جا عقيدت مند هئا تہ ٻئي طرف ڪڇ جا جت فقير پڻ هئا. جيڪي شاھ صاحب جي بزرگي واري مريدن جي صف ۾ شامل هئا.

پٽ تي مستقل سڪونت اختيار ڪرڻ ۽ مرشديءَ جي مسند سنڀالڻ کانپوءِ شاھ صاحب باقاعدي قاعدو نظام قائم ڪيو. جنهن ۾ پنهنجي خاص مردن ۽ پيارن خليفن کي باقاعدي ڪم ورهائي ڏنائون ۽ ان بعد اهي ڪم مڪمل ترتيب ۽ تنظيم سان ٿيندا هئا. ڪن فقيرياڻين کي حويليءَ جي ڪمن ۾ لڳايائون تہ ڪن فقيرن کي خاص حاضريءَ ۾ رکيائون. ڪي فقير هنڌ بسترا ٺاهيندا هئا تہ ڪي ماني پاڻيءَ جو بندوبست ڪندا هئا. ڪن تي عبادت ۽ رياضت جي مشغولين جو ڪم هو تہ ڪن تي راڳ جي محفل ۽ سرود سماع کي هلائڻ ۽ سنڀالڻ جو ڪم رکيل هو. انهن فقيرن ۽ متن رکيل ڪمن ڪارين جو تفصيل تمام ڊگهو آهي، جيڪوهتي ڏيڻ ممڪن ڪونهي. پڑهندڙ ۽ شوقين حضرات ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ واري ترتيب ڏنل شاھ جي رسالي مان استفادو حاصل ڪري سگهن ٿا.

شاھ صاحب جو ڪم ورهائي رکڻ وارو عمل سندس خدا داد تنظيمي صلاحيتن جي غمازي ڪري ٿو. ائين بہ نہ هو تہ ڪنهن تي وڌيڪ ڪم رکيل هو ۽ ڪنهن تي گهٽ، پر ڪم اهڙي نموني ورهايل هو جو هرڪو ماڻهو خوش هو.

پٽ تي ٿيندڙ راڳ ۽ سماع جو سلسلو مين شاھ ڪريم جي مزار تان هليو اچي ۽ شاھ صاحب پڻ ان کي باقاعدي قائم رکيو.بلڪہ شاھ صاحب تہ مڪمل هڪ راڳ جو ادارو قائم ڪيو جنهن ۾ نہ صرف راڳ ڳايو ويندو هو پر ان جي مڪمل تربيت بہ ڏني ويندي هئي. نوان فقير پراڻن فقيرن ۽ راڳيندڙن کان راڳ ٻڌي سکندا هئا. جيئن تہ شاھ صاحب پاڻ نہ صرف راڳ ۽ سماع سان شغف رکندو هو پر ان جو تمام وڏو ڄاڻو بہ هو. ان ڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

فقير سندس رھنمائيءَ ھيٺ راڳ ۽ سماع جي تربيت حاصل ڪندا ھئا. راڳ جي محفل مچائڻ ۽ ان جو مڪمل بندوبست ڪرڻ لاءِ شاھ صاحب جو سڳو ماسات ۽ سندس ننڍي ھوندي جو سنگتي محمد عالم ڏيرو فقير مقرر ٿيل ھو. جيڪو راڳ جي ترتيب سان فقيرن کان ڳائرائيندو ھو.

شاھ ڀٽائيءَ ڀٽ تي سڪونت اختيار ڪرڻ کانپوءِ انھن بزرگن جو خيال ڪيو جن جي فڪر ۽ فلسفي مان ھن ڪيترائي نصيحت جا نڪتا حاصل ڪيا ۽ اونھي عميق ۾ ٽٻيون ھڻي معنيٰ جا موتي حاصل ڪيا ھئا. شاھ صاحب جيترو مستقبل کي معنيٰ وارو سڏيو اوترو ئي ھن ماضيءَ کي ياد رکيو.

شاھ ڀٽائي ان عرصي ۾ بزرگن جي مزارن کي پڪي ڪرڻ جو سوچيو. جن ۾ سڀ کان پھريائين سندس توجھ جو مرڪز سندس ڏاڏي ميين شاھ ڪريم جي مزار ھئي، جنھن جو ھو روحاني طرح پوئلڳ ھو. ايتري قدر جو سفر دوران، قرآن پاڪ، مثنوي مولانا روميءَ سان گڏوگڏ شاھ ڪريم جي ڪلام ۽ نصيحتن جو ڪتاب بيان العارفين بہ ساڻ رکندو ھو. ميين شاھ ڪريم جي سماع واري سلسلي کي قائم رکندي پاڻ ڀٽ تي راڳ جو ادارو قائم ڪيائين.

١١٥٤ھ کان ١١٥٦ ھ تائين مسلسل ٻن سالن اندر وڏي محبت ۽ عقيدت سان ميين شاھ ڪريم جو مقبرو ٺھرايائين. ان سان لڳو لڳ ھڪ عاليشان مسجد بہ ٺھرايائين. ان بعد وري ميين شاھ ڪريم جي مقبري جي پرسان پنھنجي ڏاڏي عبدالقدوس شاھ جو پڻ سھڻو مقبرو ٺھرايائين.

## ٨- شاھ جي عمر جو آخري دور:-

ھاڻي شاھ صاحب جي عمر چوونجاھ سال ھئي. مقبرن جي فڪرن کان آزاد ٿيندي ئي وري پنھنجي مريدن ۽ معتقدن، ولين ۽ وڏن بزرگن ۽ عالمن سان وڃي ڪري رھاڻيون رچائڻ شروع ڪيائين. جن ۾ خواجہ محمد زمان لنواري وارو، ٻيا بزرگ ۽ ٻيا ڪيترائي معتقد ۽ درويش شامل آھن. خواجہ صاحب جي لاءِ تہ ھميشہ شاھ صاحب جن ھيئيون بيت پڙھندا ھئا.

مون سي ڏنا ماءِ، جنين ڏٺو پرينءَ کي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تين سندي ڪاهه، ڪري نه سگهان ڳالهڙي.

آخر ۾ سن ١١٦١هه ۾ جڏهن مخدوم محمد معين جي وفات تي ٺٽي ۾ ويا تڏهن شاهه صاحب جن کي ڏاڍو صدمو رسيو. ڪين ايترو ڏک ٿيو جو پاڻ چيائون ته "هاڻي اسانجو ٺٽي اچڻ ڪو نه ٿيندو" ان وقت شاهه صاحب جي عمر ٥٩ ورهيه هئي. غالباً جڏهن شاهه صاحب ٺٽي کان موٽيو ته وري ڪنهن ٻئي سفر تي ڪو نه اسهيو.

زندگيءَ جو باقي عرصو ڀٽ تي ٿي فقيرن سان گڏ خدا جي عبادت ۾ گذاريائين.

جيئن ته هاڻي شاهه صاحب ڀٽ تي گوڏو ڇوڙي ويهي رهيو. ان ڪري راڳ تي وڏيڪ توجه ڏيڻ شروع ڪيائين. هاڻي راڳ هر جمعي رات باقائدي ٿيڻ لڳو. راڳ ته هونئن به ٿيندو هو پر هاڻي شاهه صاحب جي پنهنجي مستقل موجودگيءَ جي ڪري منجهس وڌيڪ درد ۽ سرور پيدا ٿي پيو ۽ ان جو "غو غاءُ" پري پري تائين ٻڌجڻ لڳو. شاهه صاحب لاءِ راڳ ته هونئن ئي روحاني غذا هو پر هن ڏينهن ۾ شاهه صاحب راڳ ويراڳ ۽ سرود سماع تي ڏيک زور ڏنو هو.

جون تا ته شاهه صاحب پنهنجي آخري حياتيءَ ۾ "سر سهڻي، چيو. ڪيس شايد محبوب سان وصال جي پروڙ پئجي چڪي هئي، ان ڪري ئي سر سهڻيءَ ۾ چيائون ته:

ڪهڙي منجهه حساب، هڻڻ منهنجو هوت ريءَ.

جيئن ته اها مستند روايت آهي ۽ مٿي پڻ بيان ڪيو ويو آهي ته راڳ شاهه صاحب جي روحاني خوراڪ هو ۽ آخر ۾ به راڳ جي رس ۾ ئي هي جهان ڇڏيائين. سندس ئي ارشاد موجب ٽي ڏينهن راڳ هلندو رهيو ۽ شاهه صاحب پاڻ استغراق واري حالت ۾ مراقبي ۾ ويٺو رهيو. ٽن ڏينهن کان پوءِ جڏهن راڳ ۾ ٿورو وقفو ٿيو ته ڏٺائون ته شاهه صاحب جو روح استغراق واري حالت ۾ ئي پرواز ڪري ويو. پکيئڙو پڃرو ڇڏي پرديس اڏامي ويو ۽ وڃي عالم ارواح ۾ حقيقي محبوب سان مليو. جنهن جي لاءِ ساري حياتي واجهائيندو رهيو ۽ هن دنيا اندر جُسي کي جنجيرن ۾ سمجهندو رهيو.

٭

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

شاهه صاحب جي وفات لاءِ سڀ محقق متفق آهن تہ سنڌس وصال ١١٦٥ هہ بمطابق ١٧٥٢ع ۾ صفر مهيني جي چوڏهين تاريخ ٿيو.

---

## حوالا


١- شاهہ جو رسالو- ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ- مطبوعہ شاهہ لطيف ثقافتي مرڪز ١٩٨٩ع ص- ١

٢-شاهہ جو رسالو- ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ- مطبوعہ شاهہ لطيف ثقافتي مرڪز ١٩٨٩ع ص- ٢

٣- شاهہ جو رسالو- گربخشاڻي- مطبوعہ- ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز ڇاپو ٽيون ١٩٥٨ع- ص-ص- ٥

٤-شاهہ جو رسالو- گربخشاڻي- مطبوعہ- ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز ڇاپو ٽيون ١٩٥٨ع- ص-ص-٦

٥- شاهہ جو رسالو- ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ- مطبوعہ شاهہ لطيف ثقافتي مرڪز ١٩٨٩ع ص- ٦

٦- شاهہ جو رسالو- ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ- مطبوعہ شاهہ لطيف ثقافتي مرڪز ١٩٨٩ع ص- ٦

٧- شاهہ جو رسالو- گربخشاڻي- مطبوعہ- ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز ڇاپو ٽيون ١٩٥٨ع- ص-ص- ٤

٨- شاهہ جو رسالو- ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ- مطبوعہ شاهہ لطيف ثقافتي مرڪز ١٩٨٩ع ص- ٢

٩- شاهہ جو رسالو- ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ- مطبوعہ شاهہ لطيف ثقافتي مرڪز ١٩٨٩ع ص-ص- ٤

١٠- شاهہ جو رسالو- ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ- مطبوعہ شاهہ لطيف ثقافتي مرڪز ١٩٨٩ع ص-ص- ٧

١١- شاهہ جو رسالو- ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ- مطبوعہ شاهہ لطيف ثقافتي مرڪز ١٩٨٩ع ص-ص-٧


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۱۲- احوال شاهه عبداللطيف ڀٽائي مرزا قليچ بيگ صفحو نمبر ۱۳
۱۳- شاهه جو رسالو. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ. ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ۱۹۸۹ع صفحو نمبر ۱۰
۱۴- شاهه جو رسالو ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ. ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ۱۹۸۹ع ص- ص ۱۲
۱۵- شاهه جو رسالو ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ. مطبوعه: ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ۱۹۸۹ع ص-ص ۱۷
۱۶- شاهه جو رسالو ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ. مطبوعه. ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ۱۹۸۹ع ص-ص ۱۸
۱۷- لطائف لطيفي- سنڌي متن- مطبوعه ثقافت کاتو. ص- ص ۵۶-۵۷
۱۸- شاهه جو رسالو. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ. مطبوعه. ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ۱۹۸۹ع ص-ص ۲۳.
۱۹- احوال شاهه عبداللطيف ڀٽائي. مرزا قليچ بيگ. صفحو نمبر ۶۰-۶۱

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# باب ٽيون

## شاعري ڇا آهي؟

جيئن ته انسان زنده رهڻ چاهي ٿو، ان ڪري زنده رهڻ لاءِ ڪيس ڪن مصروفيتن ۽ لطف اندوزين کي پڻ پيدا ڪرڻو پوي ٿو. ڇاڪاڻ ته انساني فطرت ڪڏهن به هڪ جاءِ تي بيٺل، جميل يا ساڪن نه رهي آهي. مادي جي اهائي خصوصيت آهي ته هميشه حرڪت ۾ رهي ٿو ۽ ٻئي مادي کي پاڻ ڏانهن ڇڪي، پنهنجي جسم ۾ واڌارو آڻيندو رهي ٿو. ساڳيءَ طرح انسان جڏهن پيدا ٿيو ۽ پيدا ٿيڻ کان پوءِ سندس مختلف ضرورتن سان واسطو پيو ۽ مختلف ڪيفيتن مان ڪيس گذرڻو پيو ته ڏک، خوشيءَ، خوف ۽ هراس جي صورت ۾ رڙيون ڪرڻ شروع ڪيائين ۽ اهائي انساني ٻوليءَ جي ابتدائي صورت آهي. انساني ارتقا ۽ سندس ٻوليءَ جي ارتقا تي لکڻ لاءِ هزارين صفحن جي ضرورت آهي. ان ڪري اسين هتي صرف ٻوليءَ جي وجود ۾ اچڻ کان پوءِ وارين ڪاروائين جو ذڪر ڪنداسين.

شروع واري دؤر ۾ انسان ترنم (سُرَ) واري انداز ۾ ڳالهائيندو هو. ان ڪري تقريباً هر زبان جو ادبي سرمائي جو ابتدائي حصو، شاعريءَ تي مشتمل آهي. نثري ادب جي تخليق ترقي يافته دؤر ڏانهن منسوب ڪئي وڃي ٿي. شاعريءَ جي وجود ۾ اچڻ ۽ قدامت، انساني جذبات جي واڌ ويجهه جي تاريخ ۾ تلاش ڪري سگهجي ٿي. شاعريءَ جي اوليت جو هڪ سبب هيءَ به ڏنو وڃي ٿو ته قديم انسان اڄ جي انسان کان زياده جذباتي هئو. ان جي انفرادي ۽ معاشرتي روين جو بنياد جذباتي شدت ئي هو. قديم انسان جڏهن انفرادي زندگيءَ مان اجتماعي زندگيءَ جي ضرورت کي محسوس ڪيو، تڏهن انساني معاشرو جنم وٺڻ لڳو. زندگيءَ کي گڏ گذارڻ، ڪجهه ته جبلي تقاضائن جو نتيجو هئو ۽ ڪجهه پنهنجي مقصدن کي حاصل ڪرڻ جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

خواهش هئي.

انساني معاشري جي آغاز، رسمن رواجن ۽ خوشيءَ جي ڏهاڙن جو بنياد رکيو. خوشيءَ ۽ غميءَ جي موقعن تي شريڪ ٿيڻ سان اجتماعي اظهار جي رسم هلي. خوشيءَ ۽ غميءَ جي موقعن تي جذباتي شدت، رڙين ۽ لفظن کي جنم ڏنو. انهن رڙين ۽ لفظن جي امتزاج، رزميه گيتن، قصن ۽ لوڪ ادب کي جنم ڏنو. اهڙي نموني اهو ادب مختلف منزلون طيءِ ڪندوموجوده ادب تائين پهتو آهي.

جيئن تہ مختلف دؤرن ۾، وقت جي تقاضائن آهر، ادب جون مختلف وصفون ٿينديون پئي آيون آهن، پر موجوده دؤر ۾ ادب جي هڪ جامع وصف اها چئي وڃي ٿي تہ " ادب زندگيءَ جو آئينو آهي." ان ڪري ٿي، جيئن جيئن زندگيءَ جا اصول، متا ۽ زندگيءَ جون تقاضائون، مختلف دؤرن ۾ ڦرندا گهرندا رهيا آهن، تيئن تيئن ادب ۾ پڻ زندگيءَ جي ضرورتن مطابق تبديلي ايندي رهي آهي. جيترو زندگي ترقيءَ ڏانهن قدم وڌائيندي رهي آهي، اوترو ادب ۾ پڻ نوان رجحان ۽ نوان لاڙا شعوري ۽ غير شعوري طور تي پيدا ٿيندا رهيا آهن. اهوئي سبب آهي، جو ادب جي ڪا مستند وصف اڄ تائين نہ ڪئي وئي آهي.

زماني جي لاهين چاڙهين يا ستم ظريفين جي ڪري ۽ سماجي اٿل پٿل سبب اسان کي سنڌ ۾ ڪو گهڻو پراڻو ادب لکت جي صورت ۾ ڪونہ ٿو ملي. ان ڪري ادب جي مختلف صنفن جي تعريف ۽ وصف کي سمجهڻ لاءِ معمول مطابق اسان کي يورپ ڏانهن رجوع ڪرڻو پوي ٿو. ساڳيءَ ريت جيئن تہ لکت ۾ يورپ وارن وٽ سنڌن گهڻو پراڻو ادب موجود آهي تہ شاعريءَ بابت ڪا وصف بيان ڪرڻ کان اڳ، اسان يورپ جي محققن، نقادن ۽ شاعرن جا رايا ڏسي وٺون.

قديم نقادن ۾ افلاطون پهريون شخص هو، جنهن شاعريءَ تي پنهنجي خيالن جو اظهار ڪيو. سندس خيال ۾

" شاعري هڪ الهامي ۽ وجداني عمل آهي. شعر جي ديوي پهريائين فردن ۾ الهامي ڪيفيت پيدا ڪري ٿي ۽ پوءِ اهي فرد ٻين فردن ۾ وجداني ڪيفيت پيدا ڪن ٿا. شاعر پنهنجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

خوبصورت لفظن جي تخليق وجداني ڪيفيت سان ڪري ٿو.
شاعري هڪ غير شعوري عمل آهي، ان ڪري غير تسلي بخش
حقيقتن کي پيش ڪري ٿي. شاعري انهن عملن جو مت نه ٿي
ٿي سگهي، جيڪي ذهني ۽ عقلي ڪوشش جو نتيجو هوندا
آهن، ان ڪري شاعري غير حقيقي شيءِ آهي. جيڪو شخص
ان غير حقيقي شيءِ جو نقل ڪري ٿو، اهو نقل جو نقل ڪري
ٿو ۽ حقيقت کان پري ٿي وڃي ٿو." ١

جيئن ته افلاطون هڪ آدرشي اخلاق جو استاد هو، ان ڪري سندس شاعريءَ متان تنقيد ادبي نه پر معاشرتي آهي. سندس چوڻ موجب ته شاعري اگر معاشري جي اخلاقي قدرن کي سڌارڻ ۾ مدد ڏئي ٿي ته شاعرن کي هڪ اعليٰ ۽ مهذب معاشري ۾ رهڻ جو حق ڏيئي سگهجي ٿو.

شاعريءَ بابت، سندس شاگرد ارسطو، وري ان جي ابتڙ فلسفو ڏنو آهي. نظرياتي طور تي ارسطو، پنهنجي استاد افلاطون کان ڪافي متاثر هو. ليڪن افلاطون جي ابتڙ، ارسطو وري، شاعريءَ ۽ لطيف فنن کي اخلاقي قدرن سان پرکڻ جي بجاءِ، انهن جو تجزيو، جمالياتي ۽ ادبي قدرن سان ڪيو آهي. ارسطو جي خيال ۾ "هر شخص ۾ نقل جو مادو جبلي طور تي موجود هوندو آهي. شاعريءَ جا ٻه محرڪ آهن، جن مان پهريون هيءَ آهي ته انسان نقل ڪري ٿو. فنون لطيفه جي تخليق به ان ئي نقل جو نتيجو آهي. شاعري، نقل کان سواءِ، حقيقتن ۽ شين کي پيش ڪري ٿي. شاعريءَ جي تخليق جو ٻيومحرڪ 'نغمو' (سر سنگيت) آهي.

"ارسطو جي خيال ۾ جن شخصن ۾ نغمگيءَ جا رجحان
هجن، اهي شاعري ڪري سگهن ٿا. ارسطو جي ويجهو تقالي
حسن جي پيدائش ۽ افزائش جو نالو آهي. فطرت پنهنجي طور
ٻلي سهڻي نه هجي، پر شاعر ان کي پنهنجي شاعريءَ جي
ذريعي، سونهن بخشي ٿو. ٢

شاعريءَ بابت فلپ سڊني لکي ٿو ته

" شاعريءَ ۾ ڪنهن ڪهاڻيءَ يا واقعي جي پيڙهه تمثيلي
هوندي آهي. غير حقيقي ڳالهين جي مدد سان حقيقي ۽
دانشمندانه رمزن کي پيش ڪبو آهي. مبالغي، من گهڙت ۽
ڪوڙ کي تمثيلي انداز سان بيان ڪرڻ ڪري، اخلاقي قدرن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪي سڌاري سگهجي ٿو. شاعر جنهن دنيا جو نقشو چٽي ٿو،
اها حقيقي دنيا کان تمام گهڻو بهتر هوندي آهي." [٣]

ساڳيءَ ريت ٻين شاعرن ۽ نقادن پڻ شاعريءَ بابت پنهنجا پنهنجا رايا پيش ڪيا آهن، جن جي ادبي لفظن جي هير ڦير کي ڇڏي، باقي ڏسجي ته تقريباً سيني جا رايا، هڪجهڙا آهن. اچو ته ڏسون ته ٻيا يورپي مفڪر شاعريءَ بابت ڪهڙا رايا پيش ڪن ٿا.

جانسن پنهنجي لغت ۾ شاعريءَ کي "با وزن" ادب سڏي ٿو. سندس نظر ۾ شاعري هڪ اهڙو فن آهي، جنهن سان ادراڪ ۽ تخيل جي مدد سان مسرت ۽ صداقت ۾ امتزاج پيدا ڪيو وڃي ٿو. جي ايس مل J.S.Mill جي نظر ۾ شاعري خيالن ۽ لفظن جو مجموعو آهي ۽ ان ۾ جذبات جو عنصر پڻ شامل هوندو آهي. ميڪالي شاعريءَ کي هڪ اهڙو فن سمجهي ٿو، جنهن ۾ لفظن جو استعمال اهڙي انداز سان ڪيو وڃي جو، تخيل جي لاءِ فريب ڪن هجي. جهڙيءَ طرح هڪ مصور رنگن جي استعمال سان تخيل کي بلند ڪري ٿو. ڪارلائل جي راءِ آهي ته شاعري مترنم خيال جو نالو آهي. شيلي ان کي جذبن جو اظهار سمجهي ٿو. هيزليٽ شاعريءَ جو نالو "تخيل ۽ جذبن جي زبان "رکيو آهي. ڪالرج جي نقطه نظر کان شاعري سائنس جي متضاد آهي. جنهن جو مقصد حقيقت جي بجاءِ مسرت ۽ خوشيءَ جي تخليق آهي. وليم وردس ورٿ شاعريءَ کي سيني عملن جو روح سمجهي ٿو. ميٿيو آرنولڊ شاعريءَ کي جذبن جي اظهار جو بهترين پرزو سمجهي ٿو. رسڪن جي نظر ۾ شاعري تخيل جي مدد سان پاڪيزه ۽ پوتر جذبن جي اظهار جو نالو آهي. [٤]

مطلب ته سيني مفڪرن پنهنجي پنهنجي نقطئہ نظر کان شاعريءَ جي تعريف لکي آهي. جيڪڏهن اسين انهن سيني خيالن جو تجزيو ڪريون ته اسان کي ڪجهه گڏيل ڳالهيون ضرور ملنديون، جنکي اسين شاعريءَ جون خاصيتون چئي سگهون ٿا. مٿين خيالن جي روشنيءَ ۾ اسان جي سامهون ٻه مکيہ ڳالهيون اچن ٿيون. پهرين خاصيت، شاعريءَ جو جذباتي عنصر آهي ۽ ٻي خاصيت، شاعريءَ جو تخيلي عنصر آهي. ان ڪري اهو چوڻ غلط نہ ٿيندو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تہ شاعري جذبن ۽ تخيل جو سنگم آهي ۽ ان ۾ وزن هجڻ جو عنصر پڻ نهايت ضروري آهي، جنهن جي مدد سان اسين شاعريءَ ۽ نثري ادب کي الڳ ڪري سگهون.

عام شاعري يا شعر بابت تہ ذڪر ڪافي ٿي چڪو آهي، پر اچو تہ ڏسون تہ، سٺو شعر ڇاکي ٿو چئجي؟ علم عروض جي لحاظ کان موزون ڪلام (يعني وزن ۾ پورو ) کي شعر چئي سگهجي ٿو. جڏهن تہ منطق جي لحاظ کان اهو سٺو شعر آهي، جنهن ۾ اثر هجي. يعني جنهن جو مطلب پنهنجي دل جي ڪنهن ڪيفيت، جيئن ڏک، خوشي، حيرت، جوش، جذبو ۽ خوف وغيره ظاهر ڪري ۽ ٻين جي دلين تي اثر ڪري يا ٻين جي جذبن کي اڀاري.

ان تعريف مان اها ڳالهہ ثابت ٿي تہ جيڪڏهن ڪو ڪلام يا شعرموزون آهي تہ اهو عروض جي حساب سان تہ شعر هوندو، پر منطق ان کي شعر نہ مڃيندو. يا جيڪڏهن ڪو ڪلام تمام با اثر آهي ۽ وزن ۾ ٺيڪ نہ آهي، تڏهن بہ عروض جا عالم ان کي شعر مڃڻ کان انڪاري ٿيندا. هاڻي ظاهر ٿيو تہ سٺو شعر اهو آهي، جنهن ۾ منطقي لحاظ کان هڪ دلفريب اثر هجي ۽ عروض واري نغمگي پڻ هجي.

ان کان پوءِ اچو تہ شاعريءَ جي مجموعي خوبين تي هڪ متاچري نظر وجهون تہ شاعريءَ ۾ ڪهڙيون ڪهڙيون خوبيون هئڻ گهرجن. شاعريءَ ۾ اڪثر ٻن قسمن جون خوبيون هونديون آهن. هڪڙيون معنوي ۽ ٻيون لفظي خوبيون. اسين انهن ٻنهي تي غور ڪنداسين ۽ انهن جا مختلف جزا پڻ زير بحث آڻينداسين.

شعر جون معنوي خوبيون: شعر جي معنوي خوبين کي شاعر جي خيال جون خاصيتون پڻ ڪوٺي سگهجي ٿو. شاعر جي خيال ۾ جيتري گهرائي هوندي، اوتري ئي ڪلام جي معنيٰ، مطلب ۽ مقصديت واري هوندي. پر جيڪڏهن، شاعر جو خيال سطحي هوندو تہ ان صورت ۾ ڪلام جي معنوي حيثيت پڻ ڪا خاص ڪانہ هوندي. ڪلام جي معنوي خوبين کي هيٺ درجي وار بيان ڪجي ٿو.

١. اصليت: ڪلام جي پهرين معنوي خوبي اها آهي تہ ڪلام

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جنهن شيءِ جي باري ۾ چيل هجي، ان شيءِ جو وجود حقيقت ۾ هجي يا وري عقل ۽ اعتقاد جي ڪري، ممڪن هجي. يا ان کي ڪنهن فرد يا گروهه طرفان مڃي ورتو ويو هجي. مطلب ته شاعر جو ڪلام، جنهن شيءِ، ماڻهوءَ يا ڪنهن به امر جي باري ۾ هجي ته ان ۾ حقيقت جو روپ ضروري آهي. محض حوالن تي ڪلام چوڻ بي اثر ۽ بي فائدو ٿيندو. ها ! البته مفروضن جي دنيا ۾ شاعر جي تخيل کي آزادي آهي ته ڪيس جيئن وڻي، تيئن چوي. مثلاً محبوب جي چهري کي چنڊ چوي يا سندس نيڻن کي ڏنڌ جي نيري گهري پاڻيءَ سان مشابهه ڪري يا سندس ڪارن وارن کي اماس جي رات چوي يا واسينگن جا ور چوي. ان صورت ۾ ته ڪو سندر چهرو نظرن جي سامهون اچي ويندو. پر جي ان جي جاءِ تي، جيڪڏهن محبوب جي چهري کي وائيٽ واش ٿيل بلڪل سفيد دروازي سان مشابهت ڏئي ته ڪونه ٺهندو. ان ڪري لفظن جي استعمال ۾ حقيقتن کي مد نظر رکڻ، شاعر لاءِ انتهائي ضروري شيءِ آهي.

۲. شاعراڻي ۽ حڪيماڻي نظر: هڪ شاعر ۽ هڪ حڪيم جي نظرن ۾ فرق آهي ۽ هئڻ به گهرجي. هڪ حڪيم ڪنهن شيءِ لاءِ چوندو ته اها بذات خود ڇا آهي؟ پر هڪ شاعر ان کي ان نظر سان ڏسندو ته اها شيءِ ڪيئن نظر اچي ٿي يا محسوس ڪيئن ٿئي ٿي. مثال طور ڪنهن جي چهري جا گهنج، جيستائين گهنج آهن، تيستائين ته حڪيماڻي بحث جو سبب ۽ موضوع ٿي سگهن ٿا، پر جڏهن ڪنهن خاص حالت ۽ وقت ۾ ويندڙ عمر جا نشان لڳندا آهن، تڏهن شاعراڻي حد ۾ اچي ويندا آهن.

۳. سادگي: ڪلام ۾ سادگي، ان جي معنوي خوبين مان هڪ مکيه خوبي ڳڻي ويندي آهي. سادگي اها نه آهي، ته اهو ايتري قدر عام هجي ۽ سطحي هجي، جو هر خاص ۽ عام ان کي سمجهي. بلند کان بلند ۽ باريڪ کان باريڪ خيال ۾ بلندي ٿي سگهي ٿي. سادگيءَ مان مراد، هيءَ آهي ته، شعر ۾ يا خيال ۾ پيچيدگي ۽ مونجهارو نه هجي. شعر ۾ مونجهاري جا اڪثر به سبب ٿي سگهن ٿا. هڪ ته شاعر اهڙو شعر چوي يا اهڙو خيال پيش ڪري، جو مطلب سان واسطو ئي نه هجيس، پر شعر ۾ هڪ خاص لئه


Scanned with CamScanner

پيدا ڪرڻ ۽ صنعت پيدا ڪرڻ لاءِ لفظن جو ٻنڌار ڪٺي جمع ڪندو هجي. پر ان جي ابتڙ شعر ۾ خاص لئه ٻه هجي ۽ معنيٰ ٻه هجي ته سونهن ٻه هجي. جيئن هيٺيون شعر آهي.

ڪامـــان، پچـــان، پچـــران، لچان ۽ لـوچان،
تـن ۾ تـونس پريـنءَ جي، پـيئان نـه ڍاپـان،
جي سمونڊ منهن ڪيان، ته سُرڪيائي نه ٿئي.

جيڪڏهن شعر خيال جي بلند پروازيءَ سان مالا
مال آهي ۽ ڏاڍا سهڻا ۽ نازڪ لفظ استعمال ڪيا ويا هجن، پر جيڪڏهن ان شعر کي هڪ هزار ماڻهن مان صرف هڪ يا ٻه ماڻهو سمجهن ته ان شعر جي روانيءَ کي به سادگي نه چئبو.

۴. خيال جي بلندي: خيال جي بلنديءَ مان اها مراد نه آهي ته ڪا عجيب ۽ انوکي ڳالهه چئي وڃي، جيڪا معمولي سمجهه کان ٻاهر هجي. بلڪ جيڪو خيال پيش ڪيو وڃي، اهو اهڙو هجي، جيڪو انتهائي شريفاڻو هجي؛ ان ۾ انساني اخلاقي قدرن جو ذڪر ڪيل هجي. حيواني قسم جون ڳالهيون ٿيل نه هجن. ها ! اگر ڪنهن انسان جو ذڪر ڪيو وڃي، تڏهن ان جا سيئي منفي ۽ مثبت پهلو ڀلي اجاگر ڪيا وڃن. ورنه شعر ئي صورت ۾ سچائيءَ کان پري ٿي ويندو ۽ اهو مبالغو لڳندو. اهڙي قسم جو شعر هڻڻ، جنهن کي پڙهڻ سان هڪ عام انسان جي دل تي اثر ٿيندو هجي. بلنديءَ وارو شعر چوائيندو.

آدمـــين اخلاص، مـــتائي مانـــو ڪيـــو،
هاٿي ڪائي هرکو، سندو ماڻهوءَ مـــاس.

۵. باريڪي: ان مان مطلب اهو آهي ته خيال سطحي نه هجي، بلڪ انساني فطرت جي گهري اڀياس ۽ ڪائنات جي وسيع مشاهدي جو عڪس يا اولڙو ۽ نتيجو هئڻ گهرجي. مختلف قسمن جا استعارا، ڪنايه ۽ تشبيهون وجهي، لفظن کي ور وڪڙ ڏيئي، شعر چوڻ ادائگيءَ جي طرز جي پيچيدگي ته ٿي سگهي ٿي، پر خيال جي باريڪي نه ٿي ٿي سگهي. سونهن واري پيچيدگيءَ وارو شعر يا ڪلام به باريڪيءَ جو مظاهرو ڏيکاري سگهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٿو. مثلاً شاهد عبدالڪريم بلڙيءَ واري جو هڪ شعر آهي تہ:

پاڻياريءَ سر ڀـڙو، جر تي پـڪي جيئن،
اسـان سـجڻ تيئن، رهـيـو آهي روح ۾.

٦. تڙپ: تڙپ يا درد واري ڪيفيت مان مراد آهي تہ بلند خياليءَ سان گڏو گڏ جذبات جو شامل هئڻ ضروري آهي. خيال جي بلندي هڪ گل وانگر آهي ۽ ان ۾ جذبات جو عنصر خوشبوءِ يا سڳنڌ وانگر آهي. خيال اگر ڪڙڪبيتو آهي تہ جذبات سندس روشني آهن. ان ڪري خيال جي بلند پروازيءَ سان گڏ جذبات جو هئڻ چنڊ ۽ روشنيءَ واري سبنڌ واري معنيٰ رکي ٿو.

ڪنڌيءَ جهليو ڪانهن، عاشق ايو آهون ڪـري،
تو ڪيئن ٻوڙي سهـٺـي؟ ٻيلي منهنجي ٻـانـهـن!
درياه ! توتي دانــهـن، ڏيندس ڏينهن قيام جي.

شاعريءَ ۾ معنوي خوبين سان گڏ ساڳئي قسم جون لفظي يا نحوي خوبيون بہ هئڻ گهرجن. يعني لفظ تـمام سادا ۽ عام فهم استعمال ڪيل هجن. اگر لفظ ٻاهرين ٻولين جا استعمال ڪرڻ ضروري هجن، تڏهن بہ انهن کي مقامي رنگ ۾ استعمال ڪرڻ گهرجي. ڏکيا ۽ غير معروف لفظ استعمال ڪرڻ سان اها شاعري عام ماڻهن ۾ پنهنجو اثر ڏيکاري نہ سگهندي. شاعري جي اهڙي خوبيءَ کي سلاست چوندا آهن.

ٻيو تہ لفظن جي ترتيب بہ نحوي قائدن مطابق هئڻ گهرجي، نہ تہ ٻيءَ صورت ۾ شعر ڏکيو ٿي پوندو ۽ عام سمجهہ کان مٿاهون ٿي ويندو. لفظن جي ترتيب ۽ لفظ بذات خود مروج اصولن مطابق هئڻ گهرجن. متروڪ ٿيل لفظ هرو ڀرو ڪوتي نہ ڪيجن، ورنہ شاعريءَ جي معنيٰ سمجهڻ تي اثر پوندو.

شاعريءَ ۾ تشبيهون، استعارا، ڪنايہ، اصطلاح ۽ پهاڪا پڻ استعمال ڪرڻ گهرجن. پر اهي سڀ پهاڪا ۽ اصطلاح مروج، عام فهم ۽ گهريلو هئڻ گهرجن. ان سان گڏ شاعري پيش ڪرڻ ۽ پنهنجي مقصد بيان ڪرڻ ۾ اجائي ديگهہ ۽ لباڙ نہ هئڻ گهرجي. بلڪل اختصار کان ڪم وٺي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

گهڻ ۾ گهڻ لفظن ۾ وڌ ۾ وڌ خيال کي، بيان ڪرڻ گهرجي. مخدوم نوح رحه جن فرمايو آهي تہ:

پيئي جا پريات، سا ماڪَ نہ پانيو ماڻهنا !
روئي چَري رات، ڏســـي ڏڪـــويـن کي.

---

حوالا:


۱- جمهوريہ افلاطون. ص-ص ۶۲۴
۲- تنقيد شعر انيس ناگي ص-ص ۱۵
۳- ائن انٽروڊڪشن ٽو اسٽڊي آف لٽريچر هڊسن- ص- ۶۴
۴- ائن انٽروڊڪشن ٽو اسٽڊي آف لٽريچر هڊسن ص-ص ۶۳-۶۴-۶۵


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# باب ٽيون

## شاهه عبداللطيف جي شاعريءَ جون خوبيون

ان ۾ شڪ جي گنجائش نہ آهي تہ شاهه عبداللطيف ڀٽائي پنهنجي دؤر جو حقيقي ترجمان آهي. جنهن دؤر ۾ سنڌ سان ويل وهي رهيو هو. سنڌ تي هر طرف کان ڪاهون ٿي رهيون هيون ۽ سنڌ تي حقيقت ۾ مڪمل ڌارين جي حڪومت هئي. جيڪڏهن مقامي ماڻهن جي حڪومت هئي بہ تہ نالي ماتر. اهي هندوستان جا ڏن ڀرو هئا. اهڙي دؤر ۾، شاهه لطيف جهڙي حساس ماڻهوءَ، اک کولي جڏهن دنيا جي پهرئين سوشلسٽ شاهه عنايت جي شهادت ۱۷۱۷ع ۾ ٿي. ان وقت شاهه عبداللطيف، پنهنجي جوانيءَ جون منزلون طيءِ ڪري رهيو هو. ان وقت هو ۲۷ يا ۲۸ سالن جي ڦوهه جوانيءَ ۾ هو. اها عمر جوش، جذبي جي بہ آهي، تہ بهادريءَ ۽ دانشمنديءَ جي پڻ. شاهه لطيف طبيعتاً هوڏنڻ ٿي مائيٺو هو. حساس هئڻ جي ناتي، مصلحت پسند پڻ هو. ان ڪري، سندس مصلحت پسنديءَ واريءَ شاعريءَ مان بغاوت پڻ نظر اچي ٿي:

پايو منهن مونن ۾، غربت ساڻ گذار،
مفتي منجهه ويهار، تہ قاضيءَ ڪاٺيارو نہ ٿئين.

هونئن تہ شاهه لطيف جي شاعري، انيڪ خوبين سان ڀري پئي آهي. پر مرحوم علامہ آءِ آءِ قاضيءَ، ڪارلائل جي ڪسوٽيين تي پرکيندي شاهه شاهه کي دنيا جو سڀ کان وڏو شاعر ثابت ڪيو آهي. علامہ صاحب، پنهنجي مضمون "شاهه لطيف دنيا جو وڏي ۾ وڏو شاعر" ۾ ثابت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪيو آهي تہ ڪارلائل جي شاعرائين ڪسوٽين جي مطابق، شاهہ لطيف ۾ اهي مڙئي خوبيون آهن، جيڪي دنيا جي وڏي ۾ وڏي شاعر ۾ هئڻ گهرجن. دنيا جي وڏي ۾ وڏي شاعر کي ثابت ڪرڻ لاءِ، ڪارلائل جي پهرين ڪسوٽي اها آهي تہ "شاعر جي شاعريءَ کي ڳائي سگهجي". سو اها ڪسوٽي شاهہ صاحب جي شاعريءَ تي سؤ سيڪڙو ٺهڪي اچي ٿي. پيو تہ شاهہ صاحب پاڻ هڪ وڏو موسيقار هو. ان موسيقار انسان، سنڌ جي هڪ نئين ساز "تنبوري يا دنبوري "کي ايجاد ڪري، سنڌ ۾ متعارف ڪرايو. لڳي ائين ٿو تہ شاهہ لطيف پهريائين پنهنجي وائيءَ يا بيت کي پاڻ ڪمپوز ڪندو هو (سُرَ ڏيندو هو)، ان ڪان پوءِ ان کي آخري شڪل ڏيندو هو. ڳائڻ واري ڪسوٽي، ايتري قدر لاڳاپجي ٿي، جو هن وقت ٻولي، ارتقائي منزلون طيءِ ڪري بدليل هئڻ جي باوجود شاهہ جي ڪلام کي ننڍو خواهہ وڏو، مرد خواهہ عورت، انتهائي دلچسپيءَ پڙهن ٿا ۽ حظ حاصل ڪن ٿا. سڄيءَ سنڌ جي ڳوٺن، خاص طور ٿرپارڪر، سکر، خيرپور، سانگهڙ، ميرپور ماٿيليءَ ناري جي ايرندي علائقن، ڪوهستانيءَ ڪڇ ۽ لس ٻيلي وارن علائقن ۾ مينهوڳيءَ جي مند ۾، جڏهن سانوڻ ڪڪر جا ويس ڍڪي، مارن مٿان وسڪارو ڪندو آهي، تڏهن واريءَ جي ڊڙن ۽ ڍهرن مان ٻڪرارن ۽ ڌنارن جا سريلا آواز، شاهہ لطيف جي سر سارنگ وارن بيتن جا محتاج هوندا آهن. هرڪنهن ننڍي خواهہ وڏي جي وات تي "الو ميان" جا آلاپ هوندا آهن. جيڪي ماڻهن جا ستل سور جاڳائي وجهندا آهن. مطلب تہ سنگيت ۽ شاهہ هڪ ٻي ڳالهہ آهن. شاهہ سائينءَ کي راڳ سان محبت جو هڪ مثال هن ريت آهي تہ پاڻ وحدت الشهود جي پير حضرت خواجه محمد زمان صاحب لنواريءَ واري سان عقيدت رکندا هئا. هڪ دفعي سائن ملڻ لاءِ ويا ۽ اتي سندن مريد تين جي خواهش ڏيکاريائون. خواجه صاحب جن کين چيو تہ "اسان جي طريقت مؤجب سرود ۽ سماع جي اجازت نہ آهي. تڏهن پاڻ خواجه جي مريد تين کان انڪار ڪيائون. پر راڳ ۽ سماع کي نہ ڇڏيائون. آخري وقت تائين راڳ جا ايترا تہ متوالا رهيا، جو راڳ ٻڌندي پنهنجا آخري پساهہ ڏنائون. مطلب تہ سنگيت ۽ شاهہ لطيف جي شاعري لازم ملزوم شيون آهن. ڪارلائل جي ان ڪسوٽيءَ تي ڪوبہ شاعر، ايترو پورو نٿو لهي، جيترو شاهہ صاحب بيهي ٿو.

ٻي اهم ڪسوٽي ڪنهن شاعر کي پرکڻ لاءِ لفظن جي استعمال جي آهي ته شاعر ڪيترا ۽ ڪهڙا لفظ سندر يا اڻ وڻندڙ استعمال ڪيا آهن. جانسن کي جڏهن اهو چيو ويو ته تون پنهنجي شعر جي ڏهه ڀيرا اصلاح ڪرين ٿو. جڏهن ته شيڪسپيئر هڪ ڀيرو به پنهنجي شعر جي اصلاح ڪونه ڪندو هو. تڏهن جانسن جواب ڏنو ته جيڪڏهن شيڪسپيئر ويهه ڀيرا اصلاح ڪري ها ته سٺو ٿئي ها. اهو وقت ثابت ڪيو آهي ته سندس ڪلام کي ڏهه ڀيرا وري به سڌاريو ويو آهي ۽ اڃان به اصلاح طلب آهي. شيڪسپيئر جي ڪيترين سٽن کي نئين سر سنواريو ويو آهي. ساڳي حالت ٻين شاعرن سان پڻ آهي. پر شاهه لطيف جي ڪلام مان جيڪڏهن ڪو لفظ ڪڍيو وڃي، ته شعر جو روح ۽ شعر جي معنيٰ ئي ختم ٿي ويندي. ان کان علاوه شعر مان ڪو لفظ ڪڍي، ان جي جاءِ تي ڪو ٻيو لفظ رکيو وڃي، تڏهن به شعر جي جمالياتي سونهن ختم ٿي ويندي. اهڙي قسم جون ڪوششون ناڪام ثابت ٿيون آهن. شاهه جي ڪلام تي جيڪڏهن غور ۽ ويچار ڪبو ته بقول ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي ته ان ۾ اوتري ئي نواڻ محسوس ٿيندي. مٿين ڪسوٽيءَ تي جيڪڏهن شاهه صاحب کي پرکبو ته به شاهه کان وڏيڪ ڪو ٻيو شاعر ڪونهي، جيڪو ان ڪسوٽيءَ تي سؤ سيڪڙو پورو لهي سگهي.

جيڪا ٽين ۽ آخري ڪسوٽي آهي، سا آهي ٻوليءَ جي گهڻائي ۽ سندن استعمال. ٻولي، جنهن ۾ شاعر پنهنجي جذبن جو اظهار ڪري ٿو، اها به سندس مقام متعين ڪري ٿي. مثال طور، ملٽن اٺ هزار لفظ استعمال ڪيا آهن. جڏهن ته شيڪسپيئر سورنهن هزار لفظ استعمال ڪيا آهن. جذبن کي صحيح ۽ حقيقي رخ ڏيڻ جو اهو هڪ خوبصورت طريقو آهي. سورهين صديءَ ۾ انگريزي ٻولي پروان چڙهي چڪي هئي ۽ ان ئي ٻوليءَ کي شيڪسپيئر يا ملٽن استعمال ڪيو. پر سنڌي ٻولي اصولي طور سرجي ئي لطيف وٽان آهي. لطيف سنڌي ٻوليءَ جي سند آهي. سندس رسالو لغت جو ڀنڊار آهي. لطيف ابلاغ جو ڪم ڏيندي، اهي لفظ متعارف ڪرايا، جيڪي مختلف علائقن ۾ ڳالهايا ويندا هئا. يعني ڪو لفظ، اگر هڪ علائقي ۾ ڳالهايو پئي ويو، ته ٻئي علائقي وارا ان کي سمجهي نٿي سگهيا. پر لطيف اهڙن لفظن جو سنگم

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر


Scanned with CamScanner

بنائي، پنهنجي جذبن جو اظهار ڪيو.

اِهي تہ اُهي خوبيون هيون، جيڪي ڪارلائل جي ڪسوٽين تي علامہ آءِ آءِ قاضي صاحب پرکيندي، شاهہ صاحب کي دنيا جو وڏي وڏو شاعر ثابت ڪيو آهي.

هاڻي اچو تہ ڏسون، تہ شاهہ صاحب جي شاعريءَ ۾ مٿين خوبين کان سواءِ، ٻيون ڪهڙيون خوبيون آهن، جن شاهہ صاحب کي ايڏو مٿاهون بڻايو آهي ۽ جنهن سبب ڪري، شاهہ صاحب جي شاعري، شهري پڙهيل ڳڙهيل توڙي ڳوٺاڻي گهٽ ۽ اڻپڙهيل ۾ يڪسان طور مقبول آهي.

## ١. شاهہ صاحب جي شاعري عوامي امنگن جي ترجماني

**ڪندڙ آهي:** شاهہ لطيف هوندي تہ بنيادي طور پير ۽ پيري مريديءَ وارو بزرگ هو، پر پاڻ اها راهہ ڇڏي، عوامي ۽ عام ماڻهوءَ جي زندگيءَ کي پرکي ۽ پروڙي ڏٺو. عام ماڻهوءَ جا عام ۽ خاص جذبا، پنهنجي شاعريءَ ۾ شامل ڪري، عوام تائين پنهنجي رسائي حاصل ڪيائين. ڪيس حاڪمن طرفان ڪيتريون تڪليفون بہ مليون، پر پاڻ ڪنهن جي آڏ نہ مڃيائون ۽ هميشہ حق جي ڳولا ڪندا رهيا ۽ صبر جي تلقين ڪندا رهيا.

مونکي مون پرين، ٻڌي وڏو ٻار ۾،
اُيا ائين چون، تہ متان پاند پسائين.

لوڪ داستانن مان بہ، انهن لوڪ داستانن کي ڪنيو اٿس، جيڪي سنڌ اندر، مختلف روايتن سان، مقبول ۽ مشهور رهيون. هر عام ۽ خاص جي زبان تي هيون. ان کان علاوه، مظلوم سان محبت ۽ همدردي ۽ ظالم سان ڌڪار ۽ نفرت، شاهہ جي شاعريءَ کي وڌيڪ سگهارو ۽ عوامي بڻائين ٿيون.

سهسين سيبا ڪنجري، لوئي ليڙ تيام،
اباڻن جي آسري، ڪتي ڪانہ ڪيام،
جا ڏٽ ڏڪيام، تنهن جو پرور پن رهائيين.

شاهہ صاحب، سنڌ جي رسمن رواجن، ڌنڌن پيشن، ڪمن ڪارين، ونج واپار ۽ اهڙي قسم جي ٻين ڳالهين کي اجاگر ڪيو آهي. سندس ڪردار بہ، عوام مان ورتل آهي. جهڙوڪ: وينجهار، سونارا، لوهار، ڪنڀار، رنگريز.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪاسائي، ڪتيندڙ، ڪاتب، راڳيندڙ، درزي، ڪتوال، سوداگر، مهاڻا ملاح، شڪاري وغيره.

رسمن جي سلسلي ۾، هڪ شاديءَ جي رسم بابت، شاهه ان رسم کي هيٺين طريقي سان واضح ڪيو آهي.

پوڇا ڏنـــــر پـيـر، ڏڪـــڻ مـتـي ڏول جا،
مون پانــيو تنهين وير، ڪوجهي ڪندو پريڙي.

لائن ڏيڻ کان پوءِ، گهوٽ جڏهن چني کان ٻاهر ايندو آهي، تڏهن سامهون کو لڪر جو ٿانءُ جهڙوڪ: ڍڪڻ، ٻاٽ يا پاٽوڙو سندس اڳيان رکندا آهن، جنهن کي گهوٽ لت هڻي ڀڃندو آهي. ساڳيءَ ريت ليلا سرتين کي چوي ٿي ته، چنيسر جنهن ويل ڍڪڻ ڀڳو هو، تنهن وقت مون سندس ڏنگائي ڏسي ورتي هئي. اهڙي رسم بيان ڪري، شاهه صاحب، عوامي شاعر هئڻ جو ثبوت ڏنو آهي.

ٿر جا مارو ماڻهو، جيڪي انتهائي غربت واريءَ حالت ۾ گهاريندا آهن، شاهه صاحب انهن جي ڏکار واري ڏکي زندگيءَ جي ڪيفيت کي محسوس ڪندي چيو آهي ته:

آتـيـن ۽ چـــاڙهين، ڏٺ ڏيهاڙي سومرا،
ستا ڪيو سيد چئـــي، سائون سـڪـائين،
منجهان لنب لطيف چئي، چائر ڪيو چاڙهين،
پـــلاءُ نـه پـــاڙيـن، عُمرَ ! آراڙيءَ سين.

وٿجاري جي ونيءَ جي احساس ۽ سندس عدم موجودگيءَ ۾ ڏکي حياتي گهاريندڙ عورت جي احساسن جي ترجماني، شاهه صاحب پيش ڪندي، غريب عوام جو پنهنجو شاعر بڻجي ويو آهي.

اســـــــان اڌارا، آٿي آونگ چاڙهيا،
منهن ڏيئي مون آئيا، سَـمـهُاَن سـيـارا،
ايـرن سيـــــڪارا، پـسـيو وَرَ ڀين جا.

۲. عام شين جو گهرو مطالعو: شاهه صاحب ۽ ٻين شاعرن ۾ جيڪو فرق آهي، سو آهي، عام ۽ خسيس شين جو اونهون اڀياس. شاهه صاحب

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اهڙين عام شين کي اجاگر ڪيو آهي، جن ڏانهن ڪنهن ٻئي ماڻهوءَ جي نظر ٻه نه پهچي سگهي آهي. شاهه صاحب جتي ٻه ويو آهي، اتي جي ماڻهن جي زندگيءَ جو غور سان اڀياس ڪيو اٿس ۽ ان اڀياس ذريعي، عام ماڻهن جي ڪمن ڪارين ۽ دلچسپين کي ايتري قدر ته اونهائيءَ سان محسوس ڪيو اٿس ۽ انهن جا جيڪي پهلو بيان ڪيا اٿس، سي شايد اهي ماڻهو خود به ائين محسوس نه ڪندا هجن ۽ انهن جي پنهنجي محسوسات ٻئي جي واتان ٻڌي ڏندين آڱريون اچي ويندين هجن.

پاڇاهي نه پاڙيان، سرتيون سُئيءَ ساڻ،
ڍڪي اگهاڙن کي، ڪين ڍڪيائين پاڻ،
ٻيهر ڇاپي ڇاڻ، اِبرَ جي اوصاف کي.

مٿئين بيت ۾ شاهه صاحب، هڪ اهڙي شيءِ ڏانهن اشارو ڪيو آهي، جنهن ڏانهن ڪنهن عام ماڻهوءَ جو ڌيان وڃڻ ناممڪن نه ته مشڪل ته ضرور آهي. ڇاڪاڻ ته عام ماڻهوءَ جي نظر ۾ هڪ عام سُئيءَ جي ڪا به اهميت ڪانهي. ان سان گڏوگڏ شاهه صاحب جي تشبيهه وڏي ڪمال جي آهي. بقول شاهه جي، حڪومت جيڪا ماڻهن جي روزگار ۽ اني لٽي ۽ اجهي جي ذميداري کڻي ٿي، پر ان کي به هن معمولي سُئيءَ سان ڀيٽي نٿو سگهجي. ڇاڪاڻ ته اها سُئي اگهاڙن کي ڍڪي ٿي، پر پاڻ هميشه اگهاڙي رهي ٿي. ڪوبه راجا، پنهنجي راڄدانيءَ لاءِ ايتري قرباني ڏيئي نٿو سگهي. ٻئي بيت ۾ درياهه جي ڪناري تي بيٺل ٻوڙن ۽ سَرن جي تعريف ڪري ٿو، جيڪي ٻڏندڙن لاءِ زندگيءَ جو پيغام کڻي اچن ٿا.

ٻـــــڏندي ٻوڙنِ، ڪي هاٿڪ هٿ وجهن،
پسو لڄ لطيف چئي، ڪـــــيڏي ڪي ڪکن،
توٽي ڪنڌيءَ ڪنِ، نات ساڻ وڃن سير ۾.

يا وري هڪ هنڌ، ماڻهن ۽ پکين جي وچ ۾، ڀيٽ ڪري ٿو. ڪيس ماڻهن جي ماڻهن سان دشمني تڪليف پهچائي ٿي. پکين جي پاڻ ۾ پرت جي پچار کي شاهه صاحب سونهن ۽ سرت سان بيان ڪري ٿو:

وَلَرَ ڪيو وتن، پرت نه ڇنن پاڻ ۾،
پسو پــکيئڙن، ماڻهـئان ميٺ گهڻو.

٣. وسيع مطالعو ۽ مشاهدو: شاهه جي ڪلام ۾، جيڪا خوبي وڌيڪ نظر اچي ٿي، سا آهي، شاهه صاحب جي وسيع مشاهدي ۽ گهري مطالعي جي. جن داستانن بابت شاهه صاحب شاعري ڪئي آهي، ائين ٿو لڳي تہ انهن ماڳن مڪانن ۽ ٿاڻن ٽڪاڻن کي پنهنجي اکين سان پسيو اٿس. سسئيءَ جي ڏکن ۽ سورن کي ايترو تہ اونهائيءَ سان بيان ڪيو اٿس، جو لڳي ٿو تہ، شاهه صاحب سسئيءَ سان گڏ هو. سسئيءَ سان لطيف پنيور کان مڪران جي هاڙهي جبل وارو رستو پيرين پيادي طيءِ ڪيو آهي. سسئيءَ جي سورن کي بلڪل ائين ئي محسوس ڪيو اٿس، جيئن سسئي پاڻ ڪيو آهي:

چپون چيرُ ڪٽَ، پهڻ پٿرائيون پانئيان،
جتي رهان راتڙي، مرون منهنجا مٽ،
سيئن جي سهٽ، ڏونگرَ ڏولِي مون ٿيو.

يا وري سر سارنگ ۾ لطيف سرڪار، مينهن جي وسڪاري کان پوءِ وارا جيڪي چٽ چٽيا آهن، تن جي مشاهدي جي ڪل سندس بيتن پڙهڻ مان پوي ٿي. ائين وسهجي ٿو تہ، وسڪاري واري سڳنڌ نڪ جي رستي، مٿي ۾ گهڙي، دماغ کي معطر ڪيو ٿي ڇڏي. ساوڪ اکين اڳيان تري ٿي اچي ۽ مال جي چڙن جا مڌر آواز، ڪنن ۾ ٻرڻ لڳن ٿا.

مند ٿي مندل منڊيا، ڪي اوهيڙن اوڪ،
چاچر ٿي چنن ۾، مينهون چرن موڪ،
سرهيون ٿيون سنگهاريون، پويو پائن طوق،
ميها، چيڙ، ڦنگيون، جت ٿين سيئي ٿوڪ،
لاهين مٿان لوڪ، ڏولائي جا ڏينهڙا.

يا وري، سر سارنگ جي هڪ ٻئي بيت ۾ شاهه لطيف بهترين مشاهدي جو مظاهرو ڪيو آهي. صبح واري ويل، ڪير جي ولوڙڻ، ڀورن ڏڳن، ڳئن، مينهن ۽ ٻڪرين جي قسمن ۽ تلن ۽ ترائن جو ذڪر، ڪيڏي نہ خوبصورتيءَ سان ڪيو اٿس، جيڪو شاهه لطيف جي مشاهدي ۽ ٻين شاعرن جي مشاهدي ۾ فرق ظاهر ڪري ٿو ۽ شاهه جي شخصيت کي نمايان ۽ واضع ڪري، ڪيس ممتاز بڻائي ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ترُ وٺا، برُ وٺا، ونيون ترايون،
پرهيہ جو پٽن تي، ڪن ولوڙا وايون،
مڪڻ پرين هٿڙا، سنگهاريون سايون،
ساري ڏهن سامهيون، ٻولاهيون، رايون،
ٻانهيون ۽ ٻايون، پکي سنهن پانهنجي.

مومل جي ماڙيءَ ۽ سندس مانڊاڻ جي باري ۾ مختلف ماڻهن جا مختلف رايا آهن، ڪن جو چوڻ آهي تہ، ماتيلي جي حاڪم جي ڌيءُ هئي، ٻين جو چوڻ آهي تہ ڪنهن بادشاهہ جي ڌيءُ وغيره ڪانہ هئي، پر ڏوڪڙ ڪمائڻ جو ڌنڌو ڪندي هئي. اهڙيءَ طرح ڪاڪ محل جو ٺڪ ٺاٺ، مچايو هئائين. لطيف جي بيتن مان پوئين ڳالهہ جي پٺ ڀرائي ٿئي ٿي. لطيف جي هيٺئين بيت مان ڪاڪ محل جي رهندڙ عورتن جي لباس ۽ سندن هار سينگار جو، نقشو هوبهو چٽيل ٿو لڳي. جهڙو ڪر لطيف تازو اهو سمورو لقاءُ، پنهنجي اکين سان ڏسي آيو آهي.

جهڙا پانڻ پن، تهڙيون سالون مٿن سائيون،
عطر ۽ عنبير سان، تازا ڪيائون تن،
مڙهيا گهڻو مشڪ سين، چوٽا ساڻ چندن،
سُنهن ربي سون سين، سندا ڪامڻ ڪن،
ڪيائين لال لطيف چئي، وڏا ويس ورن،
منجهہ مرڪيس من، سوڍي سين سڱ ٿيو.

نہ صرف مٿيان بيت ۽ داستان سهڻي مشاهدي جا عڪاس آهن، پر لطيف جو سڄو رسالو، ان مانڊاڻ سان منڊيو پيو آهي. سسئيءَ واري داستان جي پنجن سرن ۾، جتي شاهہ صاحب، معنوي لحاظ کان وحدت الوجود جي اپٽار ڪري ٿو، تہ ساڳئي وقت، سسئيءَ جي ڏکن ڏاکڙن ۾ سندس همسفر پڻ لڳي ٿو. مارئيءَ جي مارن ڏانهن محبت ۽ ساٿيهہ جي سک سان ڳڏوڳڏ، لطيف بہ عمر ڪوٽ جي قيد ۾ قابو ٿيل نظر اچي ٿو ۽ عمر جي محلن تي ويهي، ملير ڏانهن واجهائيندو رهي ٿو. سورٺ واري سر ۾، راجا انيراءُ ٿو لڳي. موڪيءَ وٽ، مَٽن جا مَٽَ مڌ جا اندر ۾ اوتي چڏيا اٿائين. ڪاموڏ ۾ نوريءَ جي نياز ۽ نوڙت کي اکين ڏٺو بيان ڪيو اٿس. گهاتوءَ ۾ موروڙي جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

بهادريءَ جو اکين ڏٺو شاهد آهي. وڻجاري جي وڻج واپار ۽ سندس وڪرن وهائڻ واري ڪرت ڪي، سامهون بيهي ڏٺو اٿس. وڻجاري جي ونيءَ جو روئڻ، ڪيس پڪ وجهي ڏورانهين ڏيهه وڃڻ کان روڪڻ ۽ سياري ۾ غربت سبب، اڌارا آونگ چاڙهڻ، سوڙ نہ هئڻ، سيءَ ڪي هڪ بهترين مشاهدي ۽ وسيع معنيٰ وارن لفظن ۾ بيان ڪيو اٿس.

ان کان علاوه، شاهہ صاحب جي شاعريءَ ۾ ڪيترائي اهڙا، مشاهداتي پهلو آهن، جن کي تفصيل سان لکڻ جي ضرورت آهي، خصوصاً هنرمندن ۽ سندن هنر جي ٽيڪنڪ کان شاهہ صاحب، پليءَ پَرِ واقف آهي. مثلاً: لوهارڪي ڌنڌي جي مڪمل ڄاڻ اٿس. سنداڻ ۽ ڌمڻ جي ڌکن جي پوري پروڙ اٿس. لوهارن جي مختلف بين اوزارن ۽ انهن جي فني ڪاريگريءَ کان پوريءَ ريت واقف آهي.

سر سانداڻ ڪري، پيچ گهر لوهار جو،
ڌڪن هيٺ ڌري، ماڻ ڳڏينئي رڪ سين.

يا وري،

باريو اجهائين، اجهايو بارين،
مونکي ٿا مارين، ليٿا لوهارن جا.

ڪورين جي ڪرت ۽ سندن ڌنڌي جي واکاڻ ۾ ڪيل شاعري، شاهہ صاحب جي مشاهداتي پاسن کي گهڻو اجاگر ڪري ٿي.

هلو هلو ڪورئين، نازڪ جن جو نينهن،
ڳنڍين سارو ڏينهن، چنڻ مور نہ سڪيا.

يا

هو ڇنن تون م ڇن، پاءِ اميري ان سين.

## ٤. شاهہ جي شاعريءَ ۾ مدي خارج رسمن ۽ ظالم حاڪم جي ظلمن کان بغاوت جو درس ملي ٿو:

شاعر ۽ اديب، پنهنجي دؤر جو تاريخدان بہ هوندو آهي، تہ رهبر ۽ اڳواڻ بہ. شاهہ جي دؤر ۾ سنڌ سان، جيڪي ويل وهايا ويا ۽ قومي سرواڻن يا سنڌ جي عام ماڻهن سان، جيڪي عقوبتون ڪيون ويون، شاهہ صاحب

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

انهن کي پنهنجي اکين سان ڏٺو. هڪ حساس ماڻهوءَ جي حيثيت سان شاهه صاحب، عام ماڻهوءَ کان وڌيڪ انهن ڏکن ۽ ڏولاون کي محسوس ڪيو. نه رڳو انهن ڏکن ڏاکڙن کي محسوس ڪيائين، پر ان وقت، وقت جي حڪمرانن، پنهنجي هندوستاني آقائن جي چوڻ تي، شاهه صاحب کي تڪليفون به ڏنيون. شاهه صاحب، انهن پيڙائن کي صبر سان سٺو. اهڙا ڪيترائي مثال موجود آهن، جن جي مطابق شاهه صاحب کي حرفتن سان مارائڻ جون ڪوششون ڪيون ويون. مطلب ته انفرادي، اجتماعي ۽ ذاتي ڏکن کي شاهه صاحب محسوس ڪيو، پر انهن کان نجات لاءِ وندر جي واٽ جو ڏس به ڏنائين.

تتيءَ ٿڌيءَ ڪاهه، ڪانهي ويل وهڻ جي،
متان ٿيئي اونداهه، پير نه لهين پرينءَ جو.

علامتي ڪردارن وسيلي، هن هڪ بئي ڪردار کي جهڙوڪر جنم ڏنو. شاهه عنايت شهيد جي شهادت، شاهه صاحب واري قوم جوانيءَ ۾ تي هئي. ان وقت شاهه لطيف ڪيڏو نه ڏک محسوس ڪيو هوندو. ممڪن آهي، ته وقت جي جابر حڪمرانن جي ڊپ کان شاهه صاحب، علامتي ڪردار گهڙيا هجن. انهن ڪردارن ۾ ڏکيون، ڪاپڙي، وڻجارا، هاٿو، لوڙائو ۽ ڪاهوڙيءَ جا ڪردار تخليق ڪري، انهن جي بهادرين ۽ سورهاين جو ذڪر ڪيو اٿس. خاص طور تي جيڪو ذڪر "ڪاهوڙي" نالي ڪردار جو ڪيو اٿس، اهو ائين ٿو محسوس ٿئي، ڄڻ ڪا باغين جي ٽولي هجي، جيڪا ڌرتيءَ ڌڻين جي آجپي لاءِ، جاکوڙ ڪري، تحريڪ هلائي رهي هجي.

سُڪا مُنهَن سندن، پيرين پراٺا ڪيتڙا،
ڳجها ڳجهيون ڪن، تهان پرانهين پنڌ جون.

يا وري، ساڳين ڪاهوڙين کي لطيف سرڪار "جُنگن" يعني بهادرن جي نالي سان مخاطب ٿي، سر ڪاهوڙيءَ ۾ هيئن چيو آهي:

مون سي ڏٺا ماءِ، جنين ڏٺو پرين کي،
رهي اڃجي راتڙي، تن جنگن سندي جاءِ،
تنين جي ساڃاءِ، ترهو ٿئي تار ۾.

يعني مون اهڙا "جُنگ" ويڙهاڪ بهادر ڏٺا، جيڪي هِت نه پر

جهنگ ۾ رهن ٿا. انهن کان ڌرتيءَ جي آجپي لاءِ سبق وٺڻ گهرجي ۽ سائڻ رهاٿيون ڪجن. انهن گوريلن جي جوءِ تي هلي وجهي، جن جي صدقي سان ڏيهه تان ڌرت، ڏولاوا ۽ ڏک ڏور ٿيٽا آهن.

ان کان علاوه، شاهه صاحب راهه ڏسيندي، ڪجهه نه ڪجهه ڪرڻ جو ڏس ڏئي ٿو. هر ماڻهوءَ ۾ جستجو ۽ ڪوشش جي چاهه جي چڻنگ ٻاري ٿو. چوي ٿو ته، جيڪڏهن هي ماڻهو آزاديءَ جي راهه تي هڪ وک به کڻي ٿو ته، اهڙي قوم لاءِ آجپي ۽ آزاديءَ جو ڏينهن ڏور ڪونهي. پر منزل ماڳهين ويجهو آهي. جيڪڏهن هر ماڻهو هڪ وک وڌائي ٿو ته، قومي سٽ ۾ سندس وڏو ڀاڱو آهي. ان جي بدلي ۾ ڪيس گهڻو ڪجهه موٽ ۾ ملندو.

هتان ڪئي، هَتِ، جن رکيو سي رسيون،
ساجن، سونهن، سرت، وکان ئي ويجهو ٿيو.

نه رڳو پنهنجي ساٿيءَ کي پنهنجي منزل تي پهچڻ لاءِ ڏس ڏئي ٿو، پر ظالم ۽ جابر کي به چتاءُ ڏئي ٿو.

متو آهين مچ، تلها ! تو تونا هٿين،
تو جا پائئين اچ، تنهن پاڻيءَ پنا ڏينهڙا.

تون جنهن سگهه، ڏاڍ، جبر ۽ اڌنبر کي هميشه جي طاقت جو سرچشمو سمجهي رهيو آهين ۽ ماڻهن کي آزاري رهيو آهين، تنهن کي ڪا به بقا نه آهي. اها چاڙ پوري ٿيڻي آهي. جنهن جر تي تنهنجو جياپو آهي، ان پاڻيءَ جا ڏينهن پورا ٿيڻ وارا آهن. يعني تنهنجي سگهه جو سرچشمو سُڪڻ وارو آهي.

ٻئي طرف سر ڪيڏاري ۾ بهادرن جي بهادريءَ جي ساراهه ڪري ٿو ۽ گڏوگڏ هڪ سپه سالار جي حيثيت سان ڪين بهادريءَ جا سبق سيکاري ٿو ته ويڙهه جا انگ ۽ گُرَ پڻ سمجهائي ٿو.

سورهيه مرين سوپ کي، ته دل جا وهم وسار،
هڻ ڀالا وڙهه ياڪرين، آڏي ڍال مَ ڍار،
متان تيغ تـــرار، مار تـــه متارو ٿئين.

يا وري قومي وجودي بقا واري جنگ ۾ پنهنجي ساٿين کي خبردار ڪري ٿو ۽ کين سوپ جي اهميت کان واقف ڪندي ٻڌائي ٿو ته:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سويون، سِرُ ڳهرن، سِرَ ريءَ سوپ نہ سپجي،
سوپ برابر سيون، توريان تان نہ تُرن،
جي هينئڙي منجهہ هُرن، سي مُلهہ مهانگا سپرين.

اهڙي نموني، پيا بہ ڪيترائي بيت آهن، جن جي ذريعي شاهہ صاحب، نہ صرف، حڪومت جي ظلمن ۽ جابر حاڪمن جي استبداد جي مذمت ڪئي آهي، پر غلاميءَ جي زنجيرن ۾ جڪڙيل عوام کي بہ غلاميءَ جي ڳٽ کي ڀڃيءَ مان لاهي اجلاڻ جو ڏس ڏنو آهي. ان ڪري، شاهہ صاحب نہ رڳو، پنهنجي دؤر جي دليرن جي تاريخ لکي آهي، پر هن دؤر جو بہ سرواڻ ۽ رهبر آهي.

## ٥. شاهہ جي ڪلام ۾ بين الاقواميت ۽ ترقي پسندي:

شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪلام جي خاص خوبين مان هڪ اهم خوبي اها بہ آهي تہ، سندس ڪلام ۾ ترقي پسنديءَ جا لاڙا آهن ۽ ڳڏوکڙ هو انسان جي ڀلائي چاهي ٿو. ڌرتيءَ جي هن گولي تي امن ۽ آشتي چاهي ٿو. جنهن دؤر ۾ شاهہ جي حياتي گذري آهي، سو دؤر مذهبي ڪٽرپڻي جو دؤر هو. پر شاهہ صاحب حالتن جي ابتڙ، مذهبي ڪٽرپڻي کان هميشہ دور رهيو. ڪلهوڙا حاڪمن جي زماني ۾ متيارين جا ملا، هندن کي زوريءَ مسلمان ڪندا هئا. اها انتها پسندي، ايتري هئي، جو عام هندو ماڻهو "رسو" چوڻ کان ڪيٻائيندو هو. ڇاڪاڻ تہ جيڪڏهن ڪو هندو "رسو" چوندو هو تہ انتها پسند مسلمان کين چوندا هئا تہ تو "رسول" چيو آهي، ان ڪري تو کي مسلمان ٿيڻو پوندو. ڪيترائي دفعا شاهہ لطيف ڪيترن هندن کي زبردستيءَ مسلمان ٿيڻ کان بچايو.

شاهہ صاحب نہ صرف مسلمانن کي وحده لاشريڪ لہ جي واٽ تي هلڻ جي تلقين ڪري ٿو، پر هندن کي بہ پنهنجي مذهب سان سچي رهڻ جي تلقين ڪري ٿو.

ڪوڙو تون ڪفر سين، ڪافر مَ ڪوٺاءِ،
هندو هڏ نہ آهين، جڻيو تو نہ ڄڳاءِ،
تلڪ تنين کي لاءِ، سچا جي شرڪ سين.

شاهہ صاحب جي سوچ، انسان ذات لاءِ هئي. سندس سوچ سيني

مذهبي تفرقي کان بالاتر هئي. هو تعصب پرستيءَ کان آجو هو.سندس نظر ۾ هر ماڻهوءَ جو پنهنجي نظرئي سان سچو رهڻ ئي ان جو ايمان آهي. مذهبي ڪٽرپڻي واري دؤر ۾ هڪ سيد خاندان جي فرد جي هندن کي اها تلقين ڪرڻ ته هو پنهنجي مذهب ۽ نظرئي سان سچا رهن، انسان ذات سان محبت ڪرڻ جي هڪ اعليٰ ڪسوٽي آهي.

سر سارنگ ۾ شاهه صاحب پنهنجي هڪ ڏکي بيت ۾ سڄي عالم انسان جي خوشحاليءَ جي دعا گهري ٿو:

موٽي ماندائن جي، واري ڪيائين وار،
وڄون وسڻ آئيون، چوڏسِ ٿي چوڌار،
ڪي اتي ويون استنبول ڏي، ڪي مڙيون مغرب پار،
ڪي چمڪن چين تي، ڪن لڏي سمرقندين سار،
ڪي دلي، ڪي دکن، ڪي گڙن مٿي گرنار،
ڪي رمي ويون روم تي، ڪي ڪابل ڪي قنڌار،
ڪنين جنبي جيسلمير تان، ڏنا بيڪانير بڪار،
ڪنين ڀڄُ ڀڄائيو، ڪي ٿيون ڍٽ مٿي ڍار،
ڪنين اچي عمرڪوٽ ۾، اجهي وسايا ولهار،
سائينم ! سدائين، ڪرين مٿي سنڌ سڪار،
دوسَ مٺا دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين.

جيڪي به ملڪ ۽ علائقا شاهه صاحب جي مشاهدي ۽ ڄاڻ ۾ هئا ۽ ڪين هئا، هن انهن سڀني ملڪن کي سائو ستابو ۽ سکيو رکڻ جي دعا ڪئي آهي. شاهه صاحب سڄي جهان کي خوش ۽ مسرت ڀريو ڏسڻ چاهي ٿو. جيتوڻيڪ شاهه صاحب جي شاعري سنڌي زبان ۾ آهي، تڏهن به بني نوع انسان جي عظمت ۽ خوشحاليءَ جي لاءِ دعائيه ٿـ رن سان انسان کي سکي ڏسڻ جي ڪيڏي نه تمنا منجهس موجود آهي. هو نه صرف انسان کي عظيم بنجڻ جي تلقين ڪري ٿو، پر راهه ۽ رستو پڻ ڏسي ٿو.

اهڙيءَ شاعريءَ ۾ شاهه صاحب جي رنگن جي شاعري، اهجائي شاعري ۽ مترنم شاعري قابل ذڪر آهن. جنهن کي پڙهڻ کان پوءِ، انسان شاعرائو حظ حاصل ڪري ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# باب چوٿون

## منظر نگاري

### منظر نگاري ڇا آهي؟

هر تخليقڪار پنهنجي تخليق ڪرڻ وقت ٻين مادي يا غير مادي شين جي مدد ضرور وٺندو آهي. ڪي تخليقڪار تہ تخليق کي مڪمل ڪرڻ لاءِ خارجي شين جي مدد وٺندا آهن، ڇاڪاڻ تہ اهي خارجي شيون سندن تخليق جي پورائي لاءِ ضروري هونديون آهن. پر ڪي وري سندن تخليق ۾ حسن پيدا ڪرڻ لاءِ خارجي شين کي استعمال ۾ آڻيندا آهن. ادب ۾ پڻ ساڳئي طريقي سان خارجي شين جي مدد ورتي ويندي آهي. جنهن ۾ خاص طور تي مذڪوره صنف ۾ مطلوب ماحول جو بيان قابل ذڪر هوندو آهي. يعني ادب ۾ ذڪر ڪيل صنف، جيڪا لکي وڃي ٿي، اها يقيناً ڪنهن انساني فطري سماج يا ماحول مان ورتل هوندي آهي. تڏهن ان فطري ماحول جي بناوت، زمين جو اهو خاص خطو ۽ ان تي ايرنڊڙ گل ٻوٽا، پوڪون، ڍنڍون ڍورا، ڏونگر لڪ، پٽون پاٽا، مال ۽ وٿاڻ، مطلب تہ هر شيءِ بيان ڪئي ويندي آهي.

> "خصوصاً شاعر، پنهنجي تجربن جي اظهار لاءِ، مختلف وسيلن کي ڪم آڻي ٿو. هر شاعر، پنهنجي نفسياتي لاهن چاڙهن جي مطابق، اظهار جي مختلف فني جوڙجڪن کي استعمال ڪري ٿو." [٣٠]

بنيادي طور، شاعر جي تخليقي شخصيت، انساني تجربن جو طلسمي خزانو آهي. هو جن واردادتن کان متاثر ٿئي ٿو، اهي هڪ حساس ۽ مشاهداتي ذهن هڻ جي ناتي، قبول ڪندو رهي ٿو. جيڪي تجربا، سندس

شخصيت تي وڏيڪ اثر انداز ٿين ٿا. اهي ڪنهن نہ ڪنهن ريت، لفظي تصوير وٺي ظاهر ٿين ٿا. تجربن جون اهي لفظي تصويرون، جيڪي شاعر پنهنجي فطين ذهن ۽ ڏاهپ واري فطرت جي اپياس مان حاصل ڪري ٿو، سي منظر نگاري يا منظر ڪَشي چوائن ٿيون. ٻين لفظن ۾، ائين ڪئي چئجي تہ، محسوسات ۽ تجربن جو تصويري بيان منظر نگاري آهي.

منظر نگاري، خصوصاً شاعريءَ ۾ منظر نگاري، اظهار جي هڪ بهترين ٽيڪنڪ آهي، جنهن سان نہ صرف شاعر پنهنجي ذهني ۽ جذباتي امنگن جو اظهار ڪري ٿو، پر هو پڙهندڙ تي پنهنجو تصويري عڪس بہ ڇڏڻ چاهي ٿو. اهو هڪ اهڙو محاڪاتي عمل آهي، جيڪو گهٽ ۾ گهٽ هر ماڻهو نٿو ڪري سگهي. اِها شاعر جي اندرين حس آهي، جيڪا نہ صرف ذهني تسڪين حاصل ڪرڻ لاءِ لفظي تصويرون ٺاهي ٿي، پر ان سان گڏ فن جو بہ هڪ مٿيون ڏاڪو ظاهر ٿئي ٿو.

مٿين بحث مان اهو ظاهر ٿيو تہ شاعر پنهنجي تخليق يعني شاعريءَ اندر، عروض يا چند وديا يا ڪنهن ٻئي بحر وزن جي پابندين ۾ رهندي لفظن کي جوڙي، اهڙو تہ فطري نظارن کي بيان ڪري، جو پڙهندڙ جي اکين آڏو، اهو منظر ڦرندڙ محسوس ٿئي. منظر نگاريءَ جي ميدان ۾ هڪ شاعر جي اِها وڏي ۾ وڏي خوبي آهي.

## ٢. شاعريءَ ۾ منظر نگاري

ادب جي ٻين صنفن وانگر، شاعريءَ ۾ بہ منظر نگاري ٿيندي آهي. اِها بہ هڪ چٽي حقيقت آهي تہ ادب ۽ خصوصاً شاعري دنيا جي هر ٻوليءَ ۾ موجود آهي. پوءِ توڙي اِها ٻولي لکي ويندي هجي يا نہ. ساڳيءَ ريت، هر علائقو، هر ملڪ پنهنجي ضرورتن ۽ آبهوا جي لحاظ کان قدرتي منظرن سان ڳتيو پيو آهي. ضرورت صرف ان ڳالهہ جي آهي، تہ انهن فطري نظارن کي ڏسڻ ۽ پنهنجي قلم ۾ قلمبند ڪرڻ واري تيز مشاهدي واري اک هجي.

دنيا جي سيني ملڪن وانگر، اسان جي پياري ڌرتي سنڌ سونهاري بہ قدرتي منظرن سان ڀري پئي آهي. سنڌ ۾، ميداني، ريگستاني، ۽ پهاڙي يا جابلو هر قسم جا علائقا اچي وڃن ٿا، جتي ڏنديون ڊورا، سمنڊ ۽ درياهہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پنھنجي پاڻيءَ جي پالوٽ ڪري رھيا آھن، تہ روھ، جبل ۽ پھاڙ پنھنجا ڳاٽ اوچا ڪري ۽ ٻيلا ۽ وٽڪار سھڻيءَ ساوڪ سان سونھن ۾ سوپيا جو ڏيک ڏين ٿا. ٻئي طرف ميداني علائقا، پوکن ۽ فصلن جو من موھيندڙ منظر پيش ڪن ٿا، تہ ٽئي طرف اڻ کٽ واريءَ جون ڀٽون ۽ ڏڙا عجيب احوال ڏين ٿا. بھرحال سچي سنڌ ۾، اھي سيئي مختلف ڏيک ميسر آھن، جيڪي دنيا جي ڪنھن بہ ملڪ ۾ ھڪ ئي وقت مشڪل سان ملندا.

سنڌي شاعريءَ ۾ سنا، سھڻا ۽ وڻندڙ مثال ملن ٿا. آڳاٽي توڙي ھاڻوڪي شاعريءَ ۾ تمام سونھن ڀريا مثال موجود آھن. جن ۾ سنڌ جي ڌرتيءَ جي قدرتي منظرن، ڀٽن، جبلن، واھن، درياھن جي لھرن، ترِ ۾ وسڪاري ڪان پوءِ ساوڪ جي سونھن، ڳاھن، ٻيلن، پکين جي اڏامڻ، مال جي چرڻ ۽ تلين جي چونگار جا مثال ملن ٿا.

## ٣. منظر نگار جا فرض

ھڪ سٺي منظر نگار لاءِ ضروري آھي تہ پنھنجي شاعريءَ ۾ صرف انھن منظرن جو ذڪر ڪري، جيڪي ھن جي پنھنجي مشاھدي مان گذريا ھجن. صرف ٻڌل ڳالھين ۽ ڪتابي ابياس تي اڪتفا نہ ڪري. يا ھو جنھن جڳھہ يا ماحول جي باري ۾ شاعري ڪري رھيو آھي، اتان جي ماڻھن واتان منظرن بابت ٻڌل ڳالھين تي شاعري نہ ڪري، ورنہ ان منظري نگاريءَ ۾ خاميون رھجي وينديون. مثلاً چاسر مئي جي صبح ۽ باغن جي جيڪا منظر نگاري ڪئي آھي، اھا اسان کي بلڪل رسمي تي لڳي. ڇوتہ مئي مھيني جي موسم، اسان وٽ انگلنڊ وانگر سٺي نہ ھوندي آھي، بلڪ مئي جي گرمي تہ اسان جي ملڪ ۾ ٻنھہ گھٽيءَ ۽ سھپ کان ٻاھر ھوندي آھي. ساڳيءَ طرح فطرت جي ابياس بابت ملٽن جي شاعري پڻ، اسان کي اڻ پوري ۽ اڌوري تي لڳي. يورپ جي يا اڙدوءَ جي ڪيترن شاعرن جي شاعريءَ ۾ منظر نگاري اسان کي ڪوڙي، بي بنياد ۽ محض رسمي آھي. جيئن "More beautiful than the Sun" (سج کان وڌيڪ سھڻي)، سج سان تشبيھہ، اھڙي تہ غير فطري ۽ ڪوڙي محسوس ٿئي ٿي، جو مشرق ۽ خاص طور اسان جي ملڪ جو ماڻھو، جڏھن سج کي سھڻو يا محبوب سان مثال ڏيندي ٻڌندو تہ ڪيس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڳالهہ دل سان نہ لڳندي. ان کي پڙهندڙ کي ڪنهن بہ قسم جي نظاري جي جاذبيت محسوس نہ ٿي ٿئي. پر ان جي ابتڙ ، وردس ورٿ ۽ ڪيٽس فطرت جي منظرن جو غور سان اڀياس ڪيو ۽ پنهنجي شاعريءَ کي فطري رڱن سان رڱيو. اهوئي سبب آهي، جو سنڌن شاعري ٻين شاعرن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ سگهاري آهي. ساڳيءَ طرح، سر والٽر اسڪاٽ جو ذڪر ڪرڻ بہ ضروري آهي، جنهن شاعري ڪرڻ کان پهريائين گلن جو بغور اڀياس ڪيو ۽ انهن کي پنهنجي نوٽ بُڪ ۾ لکيو ۽ ان کان پوءِ شاعريءَ لاءِ قدم کنيو." ۵

ساڳيءَ ريت، اسان وٽ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رحہ، ڪافيءَ جي ٻين شاعرن، يا غزل جي شاعرن مير عبدالحسين خان سانگي ۽ غلام محمد گدا جي شاعريءَ ۾ ديسي منظرن جي جيڪا منظر ڪشي ڪئي وئي آهي، اها ان منظر جي هوبهو زندهہ تصوير لڳي ٿي. جڻ ڪنهن مصور، ويهي ان تي تازو رنگن سان چِٽسالي ڪئي آهي.

## ۴. منظر نگاريءَ جا اصول

هڪ نقاد جي حيثيت سان، ڪنهن بہ شاعر جي شاعريءَ ۾ اهو ڏسڻ گهرجي تہ، منظر نگاري ڪهڙي مقصد سان ڪئي ويئي آهي ۽ ڪهڙي انداز ۾ ڪئي ويئي آهي. يعني سواءِ هيئيت جي، ٻنهي تي غور ڪرڻ جي ضرورت آهي. هيٺ اسين منظر نگاريءَ جي اصولن تي روشني وجهنداسين.

**١لف. لطف اندوزيءَ جو مقصد:** انسان جيئن تہ شروع کان ئي ڪليل رنگين فضا ۾ گهمڻ پسند ڪيو ۽ ان مان هڪ خاص قسم جي لذت ۽ مسرت حاصل ڪئي آهي. ان ئي لذت ۽ مسرت جو اظهار شاعرن بہ پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪيو آهي. جيئن تہ شاعري هڪ قدرتي ڏات آهي، ان ڪري ان ۾ "آورد" جو عمل داخل ڪونہ هوندو آهي ۽ شاعري ادراڪي عمل وسيلي وجود ۾ اچي ٿي. ان ڪري شاعر پنهنجي تخيل جي اڏام سان قدرتي نظارا پنهنجي شاعريءَ ۾ شامل ڪندو آهي. ان کي پُر لطف ۽ پر مسرت بڻائيندو آهي. جيئن شاهہ صاحب جو هيٺيون شعر آهي؛

هُنَ تاري هُنَ هنڌِ، هُتِ منهنجا سپرين،
سجڻ ماڪيءَ منڌ، ڪڙائي ڪينَ لهان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

٢. جمالياتي مقصد

منظرنگاريءَ جو مقصد فطرت جي حسن ۽ جمال سان محبت جي اظهار ڪري پڻ حاصل ٿئي ٿو. پهريون بيان ڪيل مقصد تہ صرف ايترو آهي، جو فطرتي منظرن مان دل کي حظ يا لطف ۽ سرور ملي ٿو، پر هن مقصد ۾ فطري منظرن سان محبت جو اظهار پڻ شامل آهي. پهرئين مقصد جو تعلق، دل سان آهي ۽ ٻئي جو اک سان آهي. شاعر اک سان فطري منظرن کي ڏسي ٿوءِ انهن سان محبت ڪري ٿو ۽ ڪيس پنهنجي شاعريءَ جي زينت بڻائي ٿو.

وڏا وڻ وٽڪار جا، ڇپون جت ڇيها،
منزل دور من تنها، جت ہولين پاپيها،
رائي پير رَتَ ڪيا، لڳي لڪ ڏينهان،
لڪن جون ليهان، لوڙيان لعل لطيف چئي.

٣. استعارن لاءِ منظرنگاري

تشبيهن ۽ استعارن کي زياده واضع ڪرڻ لاءِ، شاعر فطري منظرن جي پڻ مدد وٺندا آهن. ان قسم جي شاعري هر زبان ۾ موجود آهي. عبراني آڳاٽي شاعريءَ ۾ خاص طور "هومر" جي شاعريءَ ۾ اهڙي قسم جا ڪيترائي مثال ملندا. اسان وٽ بہ اهڙي شاعريءَ جي کوٽ ڪانهي.

پسي لب پرينءَ جا هندوا ٿيا حيران
وڃون وسڻ آئيون، ڪري لال لبيس

## ٤. پس منظر لاءِ منظرنگاري:

فطرت کي ڪڏهن ڪڏهن انساني جذبن جي عڪاسيءَ جي لاءِ پس منظر جي طور تي پيدا ڪيو ويو آهي. شاعريءَ ۾ پڻ اهڙن جذبن کي پس منظر جي سنگم سان ملائي ڪنيو ويندو آهي. مثلاً:

هيءَ ڳسي، هو ڳسَ؛ هيءَ پهڻ، هو پيڇرو،
ويچاريءَ وڏو ڪيو، پنيان ويندن وسَ.

## ٥. تاريخي منظرنگاري:

اهڙي قسم جي منظرنگاريءَ ۾ تاريخي مقامن، ماڳن، شخصيتن يا شهرن جو ذڪر هوندو آهي. انهن تاريخي مقامن يا شهرن مان گذريو هوندو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آهي يا تاريخي شخصيتن سان مليو هوندو يا انهن جي باري ۾ پڙهيو يا ٻڌو هوندائين، ان ڪري اهڙي قسم جي شاعريءَ ڪي تاريخي منظر نگاري چئبو آهي. مثلاً:

اڄ نہ اوطاقــــن ۾، طالــــب تنوارين،
آديــسي اٿي ويـــا، مڙهيون مون مارين،
جي جيءَ کي جيارين، سي لاهوتي لڏي ويا.

۴. مصوراڻي شاعري

جهڙيءَ طرح هڪ چترڪار پنهنجو برش کڻي، چتر ۾ رنگ ڀريندو آهي، ساڳيءَ ريت شاعر پنهنجي شاعريءَ کي رڱن سان نمتار ڪري ڇڏيندو آهي. ان قسم جي شاعريءَ ۾ داخلي جذبن کي گهٽ اهميت ڏني ويندي آهي. اهڙي قسم جي شاعريءَ جو تعلق، گهڻو ڪري، خارجي دنيا سان يا فلسفي سان هوندو آهي.

پورئين پاند نمن، جڳهہ جهاڳي آئيون،
ڪاڇو ميهنڙين، مـنـدائـتـو ماٿيو.

۵. منظرن يا عڪسن جا قسم

بنيادي طور انسان کي جيڪي ڇهہ حواس آهن، انهن جا ڪم ڪارج، پڻ مختلف آهن. هڪ شاعر جيئن تہ عام ماڻهوءَ کان وڌيڪ حساس ۽ ذهين ٿئي ٿو، ان ڪري انهن ڇهن ئي حواسن کي استعمال ڪندي، شاعري ڪري ٿو. شاعريءَ ۾ منظرنگاري پڻ هڪ لازمي جزو آهي، ان ڪري شاعر پنهنجي شاعريءَ ۾ جيڪا، منظرنگاري ڪري ٿو، اها يقيناً انهن ڇهن حواسن جي محسوسات جي نتيجي ۾ هوندي آهي.

سئنڊرس لکي ٿو تہ

"شاعر پنجن حواسن کي ڪاميابيءَ سان ڇوري اهڙي معنيٰ تو پيدا ڪري، جيڪا انهن مان محسوس ڪري سگهجي ٿي. ان ڪان پوءِ هو ڇهون حواس ڪتب آڻي ٿو، جنهن جو ڪم آهي، نون خيالن کي جذب ڪري ترتيب ۾ آڻڻ. نتيجي طور پڙهندڙ نہ رڳو، شعر جو تاثر وٺي ٿو، پر پنهنجي حواسن کان باخبر ٿي، شاعر جي خيالن سان گڏوگڏ شاعراڻي سمجهہ بہ ماڻي ٿو." [٦٠]

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مٿينءَ راءِ موجب شاعريءَ ۾ منظرنگاريءَ جا مختلف طريقا بہ ٿي سگهن ٿا، تہ وري منظرنگاري يا عڪس جا پڻ حواسن جي محسوسات جي لحاظ کان الڳ الڳ قسم بہ ٿي سگهن ٿا. اچو تہ عڪسن يا نظارن يا شاعريءَ ۾ عڪسيت ۽ منظرنگاريءَ جي مختلف قسمن جو جائزو وٺون.

١. نظري عڪس (Visual Image): يا تہ ڪنهن نظاري جي چٽسالي يا ڪنهن ماڻهوءَ جي مهاندن جو ذڪر اهڙيءَ طرح ٿيل هجي، جو هوبهو اهو نظارو اکين اڳيان چٽائيءَ سان ابري اچي. اهڙي قسم جي عڪس کي نظري عڪس (Visual Image) چئبو آهي.

٢. ٻڌڻ جو (سمعي) عڪس (Auditory Image):
ڪنهن آواز يا سُرَ جو بيان اهڙيءَ ريت ٿيل هجي، جو ان جو آواز يا پڙاڏو، ڪَن ۾ ٻُرندو محسوس ٿئي ۽ ان جو آواز چٽو سر ٻڌبو محسوس ٿئي، تڏهن اهڙي عڪس کي ٻڌڻ جو عڪس (يا سمعي عڪس ) Auditory Image چئبو.

٤. سنگهڻ جو عڪس Olfactory Image: شاعر پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪنهن ماحول، جڳهہ يا شيءِ جو ذڪر اهڙيءَ طرح ڪري، جو ان جي خوشبوءِ يا بدبوءِ جو احساس ٿئي تہ اهڙي قسم جي عڪس کي سنگهڻ جو عڪس Olfactory Image چئبو. جيئن لطيف سرڪار چيو آهي:

ککيءَ هاٿيون ڪاريون، ڇيڇيءَ هاٿا ڇڄَ،
پاندَ جنين جي پاندَ سين، لڳي تہ ٿئي لڄَ،
سمون چار سهجَ، ايو ڪري انِ سين.

٥. ڇهڻ جو عڪس Tactile Image: شعر پڙهڻ سان شعر اندر بيان ٿيل شين جي لساڻ يا کهراڻ يا نرميءَ ۽ سختي وغيره کي محسوس ڪجي، تہ اهڙي قسم جي عڪس کي ڇهڻ جو عڪس Tactile Image چئبو.

٦.تَدَ يا گرميءَ جو تاثر پيدا ڪندڙ عڪس -Ther

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

mal Image، شعر پڙهڻ سان ٿڌي ۽ ڪوسي جو تاثر پيدا ڪرڻ واري ڳالهه مان پيدا ٿيندڙ عڪس کي ٿڌ يا گرميءَ جو تاثر پيدا ڪندڙ عڪس Thermal Image چئبو.

مٿيان سڀ عڪس انسان جي مختلف حواسن جي پيداوار ۽ محسوسات آهن. انسان اهي عڪس يا منظرنگاريون انهن ئي حواسن سان محسوس ڪري سگهي ٿو، جن حواسن کان ڪنهن شاعر ڪم ورتو، شاعري ڪئي هوندي. مثال طور ڪو شاعر، ڪنهن ملڪ جي ٿڌي رات يا گرم ڏينهن جو ذڪر ڪري ٿو ته هن يقيناً ان شيءِ کي پنهنجي تجربي مان يا گهٽ ۾ گهٽ مشاهدي مان گذاريو هوندو ۽ تڏهن ئي، ان گرميءَ يا ٿڌ کي محسوس ڪيو هوندائين. تڏهن ان شاعر کي شعر پيش ڪرڻ جو طريقو به اهڙو هئڻ گهرجي، جو پڙهندڙ، ان شاعر جي احساس کي پنهنجي تجربي کان سواءِ ئي محسوس ڪري سگهي. حواسن جي نالن يا عڪسي نالن جي لاءِ ڊاڪٽر تنوير عباسي جي ڪتاب "شاهه لطيف جي شاعري" تان گهڻي مدد ورتي ويئي آهي. مان سندس ٿورائتو آهيان.

---

حوالا:

١- تنقيد شعر انيس ناگي ص-ص ١٠
٢- ادب کا تنقيدي مطالعه- ڊاڪٽر سلام سنديلوي. ص-ص ٦٦
٣- شاهه لطيف جي شاعري- ڊاڪٽر تنوير عباسي ص-ض ٢٧

# باب پنجون

## شاھ لطيف جي شاعريءَ ۾ منظر نگاري

جيئن تہ پھرين باب ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ منظرنگاريءَ جا ڇھہ قسم آهن. شاھ لطيف جي شاعريءَ ۾ بہ اهي ڇهہ ئي قسم نهايت سهڻي انداز ۾ بيان ٿيل آهن.

شاعريءَ ۾ منظر نگاريءَ جو عنصر بہ ايتروئي پراڻو آهي جيتري شاعري پراڻي آهي. آئزڪ لکي ٿو تہ "شاعرن، نقادن جي ڳولڻ ۽ سمجهڻ کان اڳي ئي عڪسن جي اهميت کي ڄاڻڻ شروع ڪيو هو ۽ انهن کي سڃاڻڻ شروع ڪيو هو."

جيئن تہ اسان وٽ منظرنگاريءَ بابت تمام ٿورو لکيو ويو آهي. مرحوم غلام محمد شاهوانيءَ شاھ لطيف جي شاعريءَ بابت ارسطوءَ جي حوالي سان ذڪر ڪيو آهي. پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي پڻ "لفظن ۾ تصوير" جي باري ۾ ڪجھ لکيو آهي. خصوصاً تنوير عباسيءَ پنهنجي بهترين تصنيف "شاھ لطيف جي شاعري" ۾ مختلف موضوعن سان گڏ "شاھ جي عڪسي شاعري" جي سري هيٺ سٺو مواد پڙهندڙن سامهون پيش ڪيو آهي.

اها هڪ حقيقت آهي تہ هڪ عظيم شاعر ۽ فنڪار هڪ عام ماڻهوءَ جي مقابلي ۾ وڌيڪ حساس ٿئي ٿو. ان ڪري ڪائنات کي گهري اپياس واري اک سان ڏسي ٿو ۽ پنهنجي تيز حس سان اهڙا تجربا حاصل ڪري ٿو جو عام ماڻهوءَ جو ان تائين پهچڻ ئي ناممڪن آهي. اها ان شاعر جي ڪمال واري ذات ۽ ڪمال وارو ڏانءُ آهي جو عام ماڻهوءَ کي پنهنجي مشاهدي بابت ائين ئي ٻڌائي ٿو ۽ محسوس ڪرائي ٿو جيئن هن پاڻ محسوس ڪيو آهي.

"شاھ لطيف جي شاعري ڪتابن جي مطالعي بدران فطرت مان ڦٽي نڪتي آهي. ان ڪري ئي سنڌس شاعري عڪسن سان ڀري پئي آهي. شاھ صاحب پنهنجي چوڌاري خوبصورت دنيا کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

چڱيءَ طرح ڏنو وائنو آهي" (١)

شاهه صاحب عام ماڻهوءَ کان وڌيڪ ان مان مشاهدو ماڻيو آهي. خاص طور تي ان کي ڀيهر بيان ڪرڻ لاءِ ۽ ٻين کي ان ئي حالت ۾ محسوس ڪرائڻ لاءِ ٻوليءَ جو ڀنڊار ۽ لفظن جو وڏو ذخيرو جمع ڪيو اٿس. ڇاڪاڻ ته هر جذبي ۽ احساس کي سگهاري نموني بيان ڪرڻ لاءِ وٽس الڳ الڳ لفظ آهن. مثلاً هيٺين بيت کي پڙهي ڏسو

کامان، پچان، پچران، لڇان ۽ لوچان،<br>
تن ۾ تونس پرينءَ جي پيان نه ڍاپان،<br>
جي سمنڊ منهن ڪيان، ته سرڪيائي نه ٿئي.

مٿين بيت ۾ ڏک ۽ تڪليف جي ڪيفيت کي محسوس ڪرائڻ لاءِ الڳ الڳ لفظ استعمال ڪيا اٿس ۽ الڳ الڳ ڪيفيتون بيان ڪيون اٿس. مثلاً ڪامڻ، پچڻ، پچرڻ، لڇڻ ۽ لوچڻ وغيره. انهن ڪيفيتن تي جيڪڏهن غور ڪبو ته اسان کي الڳ الڳ محسوس ٿينديون. ورنه عام پڙهندڙ لاءِ ساڳي معنيٰ رکندڙ آهن.

نظارن جي لحاظ کان به شاهه صاحب جي شاعريءَ ۾ هر نظارو موجود آهي. خصوصاً سنڌ جا ٿر، بر، راڻو، رڃ، ڍنڍيون، ڍورا، پاڻيءَ تي ترندڙ ٻيڙيون، ڪنول جا گل، بندر بازاريون، جهاز، جهازن جا سڙهه، لاڄو، ڪوڪاءِ ڪلِ، ٻيڙياتا، سامونڊي، ائن جون قطارون، پکين جا ولر، ڪونجون، ڪانوَ، مور، هنج، ٻگهه، درياءَ درياءَ، جي مستي، ڇولين جو شور، سج، چنڊ، تارا، ڪتيون، ٽيڙو، لهندڙ سج جو نظارو، باک، موکي، ۽ سندس مٽَ. مينهن جا وسڪارا، کنوڻ جا چمڪاٽ، ڪنڍيون، ڪاريون ۽ ڀوريون مينهون، ٻڪريون، ٻڪرين جا ڦر، ٿوڪ، ڀٽون، ڀٽن تي ٿيندڙ گاهه، ٿر ۾ ٿيندڙ سڀ گاهه ۽ مال جا چارا، ڀنل نيل، ڀنل ۽ ڀنيا وار، ڪجل وارا نيڻ، شمع جو ٻرڻ ۽ پتنگن جو سڙڻ چڙن جو چونگارڻ، سَرَ، ڪانهن ۽ انهن جو سڙڻ اهڙي ته سونهن ڀرئي نموني بيان ڪيو اٿس جو ائين ٿو لڳي ته اڄهو هاڻ اهو منظر اسان جي نظرن جي سامهون گذري رهيو آهي. تنوير لکي ٿو ته:

"شاهه جون هي لفظن ۾ تصويرون اهڙيون ته جامع آهن جو ائين ٿو محسوس ٿئي ته ڄڻ اهي جيئريون جاڳنديون اسان جي اکين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اڏو بيٺيون آهن. اجهو هاڻي ڳالهائڻ شروع ڪيائون. شاعري فوٽوگرافي نہ پر ان کان وڌيڪ واضع ٿئي ٿي. جنهن ۾ منظر ۽پس منظر ٻئي صاف ۽ چٽا بيٺا هوندا آهن" (٢)

رات سهائي پونءِ سنئين پٽن وڏو پنڌ،

هلندي حبين ڏي ڪرها موڙ نہ ڪنڌ.

آسماني تي پور نماسي چنڊ چمڪي رهيو آهي ۽ هيٺ نيڻ نهار تائين سنئون پٽ پکڙيل آهي ۽ ان سان گڏ اٺ ۽ سوار جو منظر اهڙو تہ منظر پيش ڪن ٿا جو سچو ڪئنواس ڪليل ۽ وسيع لڳي ٿو.

يا وري تارن ڀريل آسمان هيٺان ڪاري رات ۾ ڪاوڙيل، گڏ تي ويهي پنهنجي محبوب جي باري ۾ ڇاتي سوچي؟ ڏسو تہ ڪيڏو نہ سهڻو ۽ چٽو منظر آهي.

هن تاري هن هيٺ، هت منهنجا سپرين،

سڄڻ ماڪيءَ ميٺ، ڪڙائي ڪا نہ لهان.

يا وري ساڳيو منظر هيئن بہ آهي تہ:

هن تاري هن هنڌ، هت منهنجا سپرين،

سڄڻ ماڪيءَ منڌ، ڪڙائي ڪا نہ لهان.

ڪا درد جي ماري ۽ ويڇڙيل، ستارن ڀريل آسمان ڪي ڏسي چوي ٿي تہ ڪو تارو منهنجي محبوب جي اڱڻ مٿان هوندو، يا اوا هن تاري هيٺان منهنجو محبوب وسي ٿو.

مطلب تہ شاھ صاحب پنهنجي شاعراڻي فوٽوگرافيءَ وسيلي پڙهندڙن کي منظر، پس منظر مان پڻ لطف اندوز ڪرايو آهي. هاڻي اسان هتي شاھ صاحب جي مختلف سرن بابت منظر نگاري جي حوالي سان تفصيلي بحث ڪنداسين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ١- سرڪلياڻ

ڪلياڻ لفظ سنسڪرت ٻوليءَ جو آهي. جنهن جي معنيٰ آهي سک يا شانتي. راڳ جي پارکن جو چوڻ آهي تہ هي سُر سنجها ويل ڳائبو آهي ۽ وري ڪن جو چوڻ آهي تہ اسر ويل ڳايو ويندو آهي. پر جيئن تہ عبادت ۽ ڪريا ڪرم لاءِ اهي ٻئي مهلون وڏيڪ شانت هونديون آهن ان ڪري ٻنهي وقتن تي ڳائبو رهندو آهي.

ڀٽائي صاحب هن سر ۾ الله تعاليٰ جي وڏائي ۽ هيڪڙائي بيان ڪئي آهي ۽ هن سر ۾ زياده تر وحدت الوجود جي فلسفي کي سمجهايو ويو آهي ۽ ان جي منجهيل مسئلن کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي. ان ڪري منجهس منظر نگاريءَ بابت گهڻا بيت ڪو نہ ٿا ملن. تنهن هوندي بہ شاھ صاحب هن سر ۾ عڪسيت جا ڪي مثال بيان ڪيا آهن.

ايڪ قصر در لک، ڪوڙين ڪـُـــس ڳـــڙکيـــون،
جيڏانهن ڪريان پرک، تيڏانهن صاحب سامهون.

هڪ طرف تہ هن بيت جو معنوي پهلو آهي، جنهن ۾ اها ڳالهہ سمجهائي ويئي آهي تہ جيتوڻيڪ هن ٻونءَ تي مذهبي لحاظ کان ماڻهو مختلف عقيدن جا پيروڪار آهن پر تنهن هوندي بہ سندن رب هڪ ئي آهي ڀوءِ کو ڀلي ان کي God جي نالي سان سڏي يا الله، ڀڳوان چوي يا ايشور. پر وري ٻئي طرف منظر پڻ ظاهر ٿئي ٿو. جنهن ۾ ماڻهو پنهنجو پاڻ کي اهڙي محل ۾ بيٺل محسوس ڪري ٿو. جنهن ۾ لکين در ۽ ڳاٽاٽي کان ٻاهر ڳڙکيون يا سوراخ آهن. شيشن جي ٺهيل هن رنگ محل ۾ ماڻهو جيڏانهن نهاري ٿو تيڏانهن ئي نظارو پسي رهيو آهي. سندس نيڻن ۾ هڪ ئي صورت پسجي ٿي. جيڪو نظارو ۽ جيڪا صورت سندس محبوب جي آهي.

اڳيان اڏنِ وٽ، پـوئـيـن سـر سنـبـاهيــا،
ڪاٽ تہ پوين قبول ۾، مڃڻ پائين گهٽ،
مٿان مهاين جـا، پيـــا نہ ڏسيـــن پـــٽ .

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪلا لڪي هٿ، ڪسڻ جو ڪــوپ وهي.

هڪ منظر، جتي ڪسڻ ۽ ڪهڻ جو رواج آهي. عاشقن جو امتحان آهي. جيڪو سر ڏيئي سو محبوب جي وصال جو مزو ماڻي. هڪ ڊگهي قطار نظر تي اچي. ان قطار ۾ جيڪي اڳيان آهن انهن جا مٿا اڏين تي رکيل آهن ۽ پويان پڻ سر ڏيڻ جي سنبهت ڪري رهيا آهن. ڪلال جي هٿ ۾ ڪات آهي ۽ وڃي ٿو منڍيون لاهيندو. سڀ پنهنجي ڳچيءَ ڪپائڻ لاءِ تيار آهن. هڪ اهڙي جڳهه جو نظارو جتي رت جا ريلا وهن ٿا. عاشقن جو ڪوس جاري آهي. شاعر، عاشقن کي چوي ٿو ته اي محبت جا مُئل! جيڪڏهن مٿو ڪپائيندين ته سرخرو ٿيندين ۽ تنهن جي قرباني قبول پوندي. متان پوئتي موٽيو آهين. ڪيس همت ڏياريندي منظر نگار، اڳين عاشقن جا وڍيل مٿا ڏيکاريس ٿو. جيڪي پڻ سامهون نظر اچي رهيا آهن. جيتوڻيڪ هي منظر مادي حوالي سان فطرت سان ڪو نه ٿو ٺهڪي پر تنهن هوندي به پڙهندڙ جي سامهون ڪلال ۽ سندس هٿ ۾ جهليل ڪات عاشقن جي هڪ ڊگهي قطار ۽ وڍيل منڍيون سڀ هڪ پوائنٽو منظر پيش ڪن ٿا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ٢- سر يمن ڪلياڻ

"يمن ڪلياڻ بہ ڪلياڻ جو هڪ قسم آهي. "يمن" جي معنيٰ آهي من کي روڪڻ. هن سر ۾ شاهہ صاحب من کي وس ۾ آڻڻ جون هدايتون ڏني "(٣)

هن سر ۾ بہ شاهہ صاحب انسان کي پنهنجي نفس کي مارڻ ۽ من کي وسوسن ۽ وهمن کان پاڪ ۽ پوتر ڪرڻ جي هدايت ڪري. سچي صوفيءَ کي وجود جو ورق پڙهڻ جي تلقين ڪري. انهن سيني ڳالهين جو تعلق جيئن تہ داخلي جذبن سان آن ڪري هن سر ۾ بہ سر ڪلياڻ وانگر خارجي منظر گهٽ آهن. پر جتي بہ منظر چٽيل آهن اتي ڀرپور نموني ۾ پنهنجو تاثر ڇڏين ٿا.

ويڄ مَ ڀڪي ڏي، الا! چڱي مَ ٿيان
سڄڻ مانَ اچي، ڪر لاهو ٿئي ڪڏهن.

هڪ اهڙو منظر جنهن جي ڏسڻ سان ان مريض کي نہ صرف اکين سان ڏسجي ٿو پر ساڻس همدردي بہ پيدا ٿئي ٿي. ائين نظر اچي ٿو تہ جڻ هڪ محبت جو مريض بستري تي ليٽيل آهي. پرسان هڪ طبيب ويٺو آهي جيڪو تپاسڻ بعد ان مريض کي ستيون ڦڪيون ڏيئي ٿو، پر مريض کيس جواب ڏيئي ٿو ۽ کيس چوي ٿو تہ اي طبيب! مون کي اهي ڦڪيون نہ گهرجن، چاڪاڻ تہ مان جيڪڏهن چڱو ڀلو ٿي ويس تہ منهنجو محبوب مونکان پڇڻ کو نہ ايندو پر مان جيڪڏهن اگهوئي رهيس تہ من ڪڏهن منهنجو پرين منهنجي ڪا ڪَرَ لهي. منظر ۾ هڪ انتظار جي ڪيفيت ڏيکاريل آهي. هن بيت ۾ منظر سان گڏوگڏ گفتگو پڻ نظر اچي ٿي. جيڪا هڪ مريض، پنهنجي ويڄ سان ڪري رهيو آهي. اها شاعر جي ڀاران پڙهندڙ يا ٻڌندڙ تي تاثر ڇڏڻ جي ٻئي خوبي آهي.

ڏنءُ ڏنءُ ڏمڻ وار، اڄ پڻ آڳرين جي،
ڀاري مڇ مجاز جو، اوتيائون اگار.

ڏوڏا ٿي مَر ڏار، جِرَ ڪچو رڪ ڪٿيون ٿئي.

مٿين بيت ۾ تمثيلي انداز اختيار ڪيو ويو آهي. لفظ "ڌنءِ ڌنءِ" چوڻ سان لوهارن جي ڌمڻ ۽ ڏڪڻ سامهون اچيو بيهن ٿا. ڌمڻ جا ڌڪ ڪنن ۾ گهڙڻ لڳن ٿا. مجاز ڪي مچ سان تمثيل ڏني ويئي آهي. پر "اوتيائون اگار" وارو اصطلاح وري اچي پڙهندڙ کي لوهار جي "ڏڪڻ يا دوڪان" تي بيهاري ٿو. جتي لوهار مچ ۾ اگر وجهي مُچ ٻاري لوهه کي تپائيندا آهن.

منظر پيش ڪرڻ سان گڏوگڏ شاهه صاحب هڪ هدايت پڻ ڏيئي ٿو ته اي ڌمڻ وارا تون متان مچ جو تئه پسي پري ٿي وڃين، ڇاڪاڻ ته رڪ کي رتيون ڪرڻ لاءِ باهه جي گرميءَ کي برداشت ڪرڻو پوندءِ. اتي هڪ اهڙي جانئي مڙس جو عڪس ايري اچي ٿو، جيڪو گوڏ ۽ گنجي ۾ پگهر ۾ شل لڳو پيو آهي، ڪيس ٽانڊن جي توَ تپائي چڙيو آهي پر هو پنهنجي ڌمڻ کي لڳاتار لوهه متان هلائي رهيو آهي.

ساڳيءَ ريت وري ٻئي بيت ۾ تلوارن کي تکي ڪرڻ ۽ کين پاڻي ڏيڻ وارو ڪيڏو چٽو نظر اچي ٿو

اڄ آڳڙيا آيا، سوڏا سراٽي،
پياري پاڻي، تيغون ڪندا تکيون.

اهو ضروري ناهي ته منظر رڳو سونهن ڀريا هجن، جن ۾ گلن، باغن ۽ ساوڪ جو سينگار هجي. پر اهڙا منظر به هوندا آهن جيڪي ڏکائتا به هوندا آهن ته پوائتا به هوندا آهن. مرڻ جو به منظر هوندو آهي. ان متان روئڻ جي آوازن ٻڌڻ جو به منظر ٿيندو آهي. اهڙي قسم جو منظر شاهه صاحب پيش ڪيو آهي. جنهن ۾ پتنگن جي پڇڻ، سندن مجبوريءَ جو بيان منظر سميت اکين اڳيان تري اچي ٿو.

پتنگن پهه ڪيو، مڙيا مٿي مچ،
پسي لهس نه لُڇيا، سڙيا مٿي سچ،
سندا ڳڇين ڳچ، ويچارن وڃائيا.

هي بيت به تمثيلي ۽ تشبيهي انداز سان چيل آهي. سندس روحاني راز

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

واري معنيٰ کي ڇڏي، جيڪڏهن اسانجو ڌيان ظاهري معنيٰ ڏانهن ويندو تہ هڪ اهڙي باهہ جي مچ جو تصور منظر سميت ذهن جي رستي اکين جي اڳيان اچي ويندو، جنهن جي مٿان مسلسل پتنگ ڪري پنهنجي پنهنجي جان جو نذرانو ڏيئي رهيا آهن. لفظ "ويچارن" سندن مجبوريءَ کي ظاهر ڪري ٿو. جيڪا مجبوري کين پنهنجو پاڻ جلائڻ تي مجبور ڪري ٿي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ٣- سر ڪنڀات

"سر ڪنڀات کي "ڪماچ" بہ چئبو آهي. اهو نالو مٿس ان ڪري پيو آهي جو گجرات جي ڪنڀات شهر جي هڪ مشهور گويئي ان سر کي رچيو هو. هي سر رات جو ڏهين بجہ ڌاري ڳائبو آهي ۽ هي سر، من کي آرام ڏيندڙ آهي" (٤)

ڀٽائي صاحب هن سر ۾ پنهنجو همسفر اٺ کي ڪيو آهي. ان سان ئي همڪلام نظر اچي. ٿو. اهڙي همڪلامي جيڪا ہڌڻ ۾ بہ اچي ٿي ۽ ڏسڻ ۾ بہ اچي ٿي يعني ڏسڻ واري عڪس ۽ ہڌڻ واري عڪس، ٻنهي جو پاڻ ۾ هڪ خوبصورت سنگم آهي.

رات سهائي پونءِ سنئين، ڀائي گهر جي ڀَلُ،
آهـر ۾ الا چـيـون، چـنـدن چـري چـل،
مون تو ئي سين ڳالهڙي، ٻئي ڪنهين مَ سَل،
ها هر ڪندو هل، تہ ڪـجايـون ڪـرن ڪـي.

پورنماسي رات آهي. جنهن ۾ چنڊ پنهنجي پوري جوين تي نظر اچي ٿو. رات ڏاڍي سندر ۽ وڻندڙ آهي. جيڏانهن ڪيڏانهن رُج لڳي پئي آهي. ان صحرا ۾ سنئون پٽ آهي. ڪيڏانهن بہ ڪو ماڻهو يا گهر ڏسڻ ۾ ڪو نہ ٿو اچي. اتي سوار پنهنجي ڪرهي کي منت بہ ٿو ڪري تہ همت بہ ٿو ڏياريس ۽ ايلاچين ۽ چندن جي لالچ بہ ڏئيس ٿو، جنهن مان سوار جي پنهنجي محبوب سان محبت جو اندازو ٿئي ٿو. جنهن سان محسوسات تي منظر حاوي ٿي وڃي ٿو. "ها هر ڪندو هل" واري جملي سان منظر چٽو ٿي وڃي ٿو. اتي سوار اٺ کي هونگر ۽ رڙين لاءِ چوي ٿو تہ جيئن رقيبن کي حسد ۾ جلائي سگهجي. ايترا سارا خيال ۽ منظر هڪ ئي وقت ۾ بيان ڪرڻ ۽ فوٽو ڪيڏڻ ڪمال جي شاعراڻي ۽ فني خوبي آهي. جنهن سان نہ رڳو منظر ڏسي سگهجي ٿو پر پس منظر بہ پسي سگهجي ٿو. هڪ ڪئميرا جي فوٽو گرافي ۽ هڪ شاعر جي فوٽو گرافيءَ ۾ اهوئي تہ فرق آهي تہ ڪئميرا صرف منظر کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

واضح ڪري ٿي ۽ پس منظر کي پوئتي ڌڪي ٿي ڇڏي پر شاعر پنھنجي لفظن جي فوٽوگرافيءَ وسيلي منظر ۽ پس منظر ھڻي چٽا پيش ڪري ٿو.

اير چنڊ پس پرين، تو اوڏا مون ڏور،
سڄڻ ستا ولھ ۾، جوتا پري ڪپور،
پيرين آءُ نہ پڄئي، پاپل ڏيئي نہ پور،
جنھن تي چڙھي اسور، سنجھي سڄڻ سيئيان.

اونداھيءَ رات ۾ چنڊ اوير ڪان اپري رھيو آھي. ھڪ ماڻھو جيڪو اٺ تي چڙھيو تو وڃي. سندس اٺ ڏھرو تو نظر اچي. تڏھن بيوس ٿي اھو عاشق دانھن ڪري ٿو ۽ چنڊ کي چوي ٿو تہ ”اي چنڊ! تون اَيرَ ۽ رات سھائي ڪر. اپري محبوب جي اڱڻ تي وڃ، ڇاڪاڻ تہ مان محبوب ڪان تمام گھڻو پري آھيان. پيرين پنڌ آءُ پڄي نہ ٿو سگھان. منھنجو ڪرھو بہ ھلڻ ۾ ڍرو آھي. تون محبوب جي قدمن تي وڃي پئہ. ھن بيت جي خاص ڳالھہ اھا آھي تہ ھڪ تہ منظر آھي ٻيو وري ان منظر جي اندر منظر آھي. ھڪ ماڻھو اونداھي ۽ سھائي رات جي وچ واري وقت ۾ وڃي رھيو آھي ۽ چنڊ سان ڳالھائي رھيو آھي. پر وري ساڳيو ماڻھو اھو بہ منظر پيش ڪري رھيو آھي. تہ منھنجو محبوب ٻاھر ولھہ ۾ ستل ھوندو ۽ سندس وارن ۾ ڪپور جي سڳنڌ پريل ھوندي. ”سڄڻ ستا ولھہ ۾ جوتا پري ڪپور“ چوڻ سان خوشبوءِ محسوس ٿئي ٿي، جيڪا ھڪ مخصوص قسم جي خوشبوءِ آھي. جيڪا وارن ۽ ڪپور جي خوشبوءِ جو سنگم آھي. ٿورو غور ڪرڻ جي ضرورت آھي. ھن بيت ۾ نظري عڪس سان گڏوگڏ سنگھڻ وارو عڪس بہ موجودآھي.

منظر جي اندر ھڪ ٻيو منظر پيش ڪرڻ جو اھو طريقو صرف شاھہ لطيف وٽ ئي موجود آھي. يعني ھڪ وقت ۾ بہ نرالا ۽ منفرد منظر پيش ڪرڻ ڪمال جي ڏات آھي.

چنڊ کي نياپو ڏيئي عاشق اتي ويھي نہ ٿو رھي پر اڳتي وڌندو ٿو رھي ۽ چوي ٿو تہ:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪر ها ڪسر ڇڏ، وک وڌندي پاءِ،
منهنجو هلڻ اتهين، جت جانب جاءِ،
توکي چندن چاريان، ٻيو وڳ لائي ڪاءِ،
ائين اٺ اٺاءِ، جيئن هوندي رات هت مڙون.

ساڳئي منظر اندر جيڪا ڳالهه قابل ذڪر آهي سا آهي ان ماڻهوءَ جو پختو يقين Determination. يعني هن بيت کان اڳ بيان ڪيل بيت ۾ ائين ٿو محسوس ٿئي تہ عاشق همت هاري ويٺو آهي، ڇاڪاڻ تہ سندس ڏاگهو ڏٻرو آهي ۽ ات چنبڙ ڪي سنيها ٿو ڏيئي. پر هن بيت ۾ "منهنجو هلڻ اتهين جت جانب جاءِ" مان هڪ پڪو ارادو ٿو لڳي. جيڪو عاشق جي چهري تي يقين جي پختگي وارين لڪيرن جو منظر چٽي ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ٤- سرسر يراڳ

سر سريراڳ بابت چون ٿا تہ هندوستان جي مکيہ راڳڻ مان هڪ آهي. ان جي ڳائڻ جو وقت ڳائڻ و ديا موجب شام جو ڇئين لڳي کان رات جو ٺئين بجہ تائين آهي. هن سر ۾ شاهہ صاحب مهراڻ جي موجن، معلمن، ملاحن، غواصن، ساموندين بيڙين، غورابن ۽ جهازن جو ذڪر ۽ وڻج واپار ۽ مختلف وکرن جو بہ ذڪر ڪيو آهي. ان ڪري هن سر جي منظر نگاريءَ ۾ مهراڻ جا ڪنارا، ٻيڙيون، پاڻيءَ جون ڇوليون ٻيڙين جا لاڇو، سڙهہ، ناکئا، ملاح، وڏا ٻيڙا ۽ واپاري جهاز نظر اچن ٿا.

لڙ لهريون لس ليٽ، جت انت نہ آب جو،
جو کو ٿئي نہ جهاز کي، ڦرهيءَ اچي مَ ڦيٽ،
الله ات مَ اوليئن، ٻيڙا مٿي ٻيٽ،
لڳي ڪا مَ لپيٽ هن غار ٻيي غراب کي.

منظر: ملاحن پنهنجو غوراب پاڻيءَ ۾ لاتو آهي. سندن سڙهن کي ٻڌي سنئون ڪيو ويو آهي. پاڻي عميق پيو نظر اچي. لڙاتيل پاڻيءَ ۾ لهرون اچي ۽ وڃي رهيون آهن. خاص طور تي لڙاتيل پاڻيءَ جو منظر بلڪل آکين اڳيان اڀري اچي ٿو جهڙوڪر ملاح وچڻ کان اڳ دعائون گهري رهيا آهن تہ اي خدا! اهڙي ٻيٽ ۽ آفت کان بچائجانءِ، جنهن سان جهاز کي جوکو ٿئي يا سندس ڪنهن بہ تختي کي ڪوڏار يا چير ٿئي.

هن بيت جي اندر بہ منظر جي اندر هڪ ٻيو منظر آهي. جيڪو مستقبل جي باري ۾ ملاح دعا گهري ڏيکاري رهيا آهن. اتي بيت جو تصور جهاز جي ڦاسڻ جو تصور ۽ منظر اکين آڏو ابري اچي ٿو.

هڪ ٻئي بيت ۾ شاهہ صاحب وڻجاري کي صلاح ڏيئي ٿو ۽ چوي ٿو تہ :

ٻيـڙي پـراڻـي، وکـر پـاءَ مَ وتـرو،
تـري ۾ ٽَـن پـيا، پـاسـئون پـاڻـي،
هيءَ هڏ وهاڻي، ڪڙهه ڪالهوڻي ڏينهن ڪي.

شاعر وڻجارن کي سامان ٻيڙي ۾ وجهندو ڏسي ٿو، هو تمام سياڻو ماڻهو ۽ جهونو وڻجارو ٿو ڏسجي . ان ڪري کين صلاح ڏيئي ٿو ته ايڏو وڏيڪ وکر نه وجهو، ڇاڪاڻ ته توهانجي ٻيڙي جهوني آهي. "ٻيڙي پراڻي" "تري ۾ ٽَن" " پاسئون پاڻي" اهڙو ڇتو منظر پيش ڪن ٿا جو ائين ٿو لڳي ته اڄهو هاڻي هڪ پراڻي ٻيڙي سامهون اچي بيٺي آهي. جنهن ۾ پاڻيءَ جا هلڪيرا وهڪرا داخل ٿي رهيا آهن ۽ تري جي ٽنگن مان (جنهن ۾ ٽَن پيل آهن) پاڻي اچي رهيو آهي.

اڳي به ٻڌايو ويو آهي ته ضروري ناهي ته منظر هميشه سونهن پرياڻي هجن پر جيڪي منظر يا رنگ ڪائنات ۾ پکڙيل آهن، انهن کي لفظي تصويرون ڏيڻ هڪ بهترين شاعر ۽ وڏي شاعر جي وڏي خوبي آهي. هيٺين بيت ۾ ڏسو ته منظر ڪيڏي نه چٽائيءَ سان ظاهر ٿئي ٿو.

دنگي منجهه درياءَ، ڪي ٻڏي ڪي اپڙي،
هوجي وادي واڻيا، سي سونهڻ سڀ سڙيا،
معلم ماڳ نه اڳهين، فرنگـي سـڀ ڦريـا،
ملاح تنهنجي مڪڙيءَ تي، اچي چور چڙهيا،
جتـي ڊينـگ دريـا، تتـي تـاريءَ تـنهـنجي.

نيڻ نهار تائين اونهون سمونڊ آهي، جتي اهڙي ٻيڙي پئي نظر اچي، جنهن ۾ وادي جا نهيل ڪل، ڇپڙيون ۽ ڪاٺ جا ڪوڪا سڀ لاڳيتو پاڻيءَ ۾ هڻڻ سبب سڙي ويا آهن، ان جهوني ٻيڙيءَ ۾ مالڪ يا ناکئو به نظر ڪو نه ٿو اچي ۽ چور به ٻيڙيءَ ۾ هاڪاري هليا آيا آهن. چور وڻجاري جي ٻيڙيءَ جو سامان لٽي ۽ ڦري رهيا آهن. تصور ڪرڻ سان اهڙو پوائنٽو منظر اکين اڳيان ٿو ايري جنهن ۾ ٻيڙيءَ جي ٻڏڻ جي خطري جو عڪس پڻ شامل آهي ۽ غوراب ۾ رکيل سامان ۽ چورن جو به منظر اکئين پيو پسجي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ساڳئي سر ۾ ساڳئي منظر جي قسم جو هڪ ٻيو بيت پڙهي ڏسو.

بندر جان ٻئي، تہ سڪاڻيان مَ سمهو،
ڪپر ٺوڪَن ڪري، جيئن ماٽيءَ منجهہ مهي،
ايڏو سور سهي، ننڊ نہ ڪجي ناڪئا.

هن بيت ۾ نہ صرف سمنڊ جي ڪنارن ڪي پاڻيءَ جي ڪاٽڻ جو منظر آهي پر تشبيهہ جي وسيلي ان کي تمام چٽو ڪيو ويو آهي. "جيئن ماٽي منجهہ مهي" واري تشبيهہ ڏيئي منظر کي تمام گهڻو سگهارو بڻايو ويو آهي. جنهن ماٺوءَ سمونڊ يا درياءَ جاڪنارا پاڻيءَ سبب ڪاڻندا نہ ڏٺا هوندا اهو اها تشبيهہ پڙهي ساڳيو منظر اکين پسي سگهندو ۽ ناڪئي جي ننڊ جو بيان بہ نهايت جاندار انداز ۾ ڪيو ويو آهي. بندر جو منظر ۽ ان جي ڪنارن يا ڪپرن جو منظر بہ بيت پڙهڻ سان سامهون اچيو وڃي. اهي سڀ منظر پيش ڪرڻ لاءِ تمام وسيع مشاهدي ۽ ذهن جي گهڻيءَ مشق جي ضرورت هوندي آهي. شاهہ لطيف اهي سڀ شيون جيئن پاڻ اکين سان پسيون آهن، تيئن ئي ٻين کي محسوس ڪرايون آهن. اها هڪ وڏي ۾ وڏي شاعر، جي ڪمال جي خوبي آهي.

لهرين ليڪو ناهہ ڪو، جت ڪپر ڪن ڪارا،
اڇا عميق جا، اڇن اوپارا،
اتي آسارا، ويرَ وڙهندءِ ويسرا.

درياءَ جون اوپاريون لهرون ۽ سندس ڪپرن جي پرسان وڏا وڏا گهرا ڪن ۽ اڇي پاڻيءَ جون وڏيون لهرون، سڀ سامهون نظر اچڻ لڳن ٿا. هڪ خوفائتو منظر آهي. جت ناڪئو سمهيو پيو آهي. ڏسندڙ، ان کي ڊونداڙي اٿاري ٿو ۽ چويس ٿو تہ اي موڳا! اتي نہ تہ ڪا وير مٿان چڙهي ويندءِ. مٿين بيت ۾ نہ صرف سمونڊ جو ڀوائتو منظر آهي پر گڏوگڏ مڪالمن ذريعي "اتي اسارا" چئي ڊرامائي تصور ڏنو ويو آهي.

ساڳئي سر جي داستان پنجين ۾ شاهہ صاحب وري انهن وڪرن جو ذڪر ڪيو آهي جيڪي وڻجارا ڏيساور ڪٽي واپار سانگي وڃن ٿا. يعني ان مان اهو بہ ثابت ٿئي ٿو تہ منظر نگاري نہ صرف فطرتي نظارن جي ٿئي ٿي پر عام

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

شين کي بہ منظرن طور اياري عڪسيت جي عنصر کي بيان ڪري سگھجي ٿو. شاهہ صاحب وڻج واپار جي مختلف وکرن، مزدورن جي مزوريءَ ۽ ٻيڙن ۾ سامان لڏڻ جي منظر کي بيان ڪري Imagination جي عنصر کي سگهارو بنايو آهي.

ترِ قل، ڦوٽا پارچا، پاٽيٽ پاتائون،
ڪوڙيون قيمت سنديون، ترِ ۾ تاڪيائون،
لاڄن منجهہ لطيف چئي، ٻيڙا ٻڌائون،
نذر نبي جام جو، چڙهندي چيائون،
جي جوهي جوڙيائون، سي ٻيڙيون رکين ٻاجهہ سين.

لونگ، ڦوٽا، قيمتي ڪپڙا ۽ آبدار موتي محفوظ پيٽين ۾ بند ڪري رکيا اٿن. هاڻي لاڄن ۽ سڙهن ۾ گل قل ۽ ٻيڙا ٻڌا اٿن ۽ نذرانو نبي ڪريم جو ورهائي هاڻي ٻيڙين جا پڳهہ ڇوڙي هلڻ وارا آهن. هن ۾ سيني ڪان سگهارو منظر آهي لاڄن کي گل ٻڌڻ ۽ نبي ڪريم ﷺ جو نذر ڏيڻ. جيڪو بغير ڪنهن وڌاءَ جي ايڏو تہ حقيقي آهي جو شاعر جي فوٽو گرافيءَ تي زبان مان ازخود واهہ نڪريو ٿي وڃي، ڇاڪاڻ تہ اهڙي قسم جا سوڻ ساٽ ۽ عقيدا صرف سنڌين وٽ عام جام آهن. ان ڪري هن منظر ۾ ثقافتي خوشبوءِ بہ اچي ٿي.


Scanned with CamScanner

# ٥- سر ساموندي

هيءُ سُر، سريراڳ جو ٻيو پاسو آهي. هن سر ۾ به ساموندي وڻجارن جو ذڪر آهي. لونگ، ڦوٽا ۽ قيمتي ڪپڙا ڪٺي سنڌ جا وڻجارا، لنڪا ۽ عدن جهڙن ڏيساورن ڏانهن ويندا هئا. اتان وري ماڻڪ موتي ۽ سون ڪٺي واپس ورندا هئا ۽ سنڌ کي سون جهڙي ذات سان مالا مال ڪندا هئا.

جڏهن اتر لڳندا هئا ته پڳهه ڇوڙي لاڄن کي نئون ڪري معلمن کان سمونڊ جون خبرون پڇي هلڻ وارا ٿيندا هئا. چيٽ جي مند ۾ وري واپس ٿيندا هئا.

”هي نوجوان وڻجارا پنهنجي ونين کي ڦوهه جوانيءَ ۾ ڇڏي گهر جا سک ترڪ ڪري، وڻج واپار لاءِ سمنڊ جهاڳي وڃي ڏورانهن ڏينهن ۾ نڪرندا هئا. ويچاريون نوورنيون پنيان جوانيءَ جي هوريءَ پيون جهرنديون هيون ۽ ٻين جي ورن کي ونين سان ملندو ڏسي سيڪارا پيون پرينديون هيون. انهن وڻجارن جي وڃڻ وقت سندن ونيون ڪنارن تي ڳوڙها ڳاڙينديون هيون ۽ ڪين نه وڃڻ لاءِ پيون منتون ڪنديون هيون“ (٥)

عڪسن جي بابت ۾ اسان کي ڪيترا اهڙا بيان ملن ٿا جن ۾ خارجيت ۽ داخليت ٻنهي جو هڪجهڙو ڪم ڏيکاريل آهي. خارجي عڪسن کي بيان ڪرڻ ڪنهن حد تائين سولي ڳالهه آهي پر داخلي عڪسن کي خارجي عڪسن سان ملائي يا نج داخلي عڪسن جو ذڪر ڪرڻ ۽ انهن جو تاثر ڀرپور نموني ۾ ڏيڻ ڪجهه ڏکيرو آهي. ڇاڪاڻ ته داخلي منظر خالصتاً انسان جي اندرين احساسن سان واسطو رکن ٿا. جپاني هائيڪو شاعريءَ جي باري ۾ وليم ڪوهين جي لکيل تاثر کي ڊاڪٽر تنوير عباسي هيئن نقل ڪيو آهي.

”ڀريل عڪس Charged Image شديد جزباتي ڪيفيت جو هڪ سادي ۽ خارجي ۽ خارجي عڪس ۾ اظهار آهي“ (٥)

وري ساڳئي وقت ڊاڪٽر تنوير پيٽر جونس جي بيان جو نقل ”اميجسٽ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پوئٽري" ڪتاب تان هيٺن ڪيو آهي.

"عڪس ٻن قسمن جو ٿي سگهي ٿو. هڪ داخلي ٻيو خارجي. داخلي عڪس ۾ ٻاهرين ڪائنات من ۾ سمائجي ۽ گڏجي مسجي ٿي وڃي ۽ پوءِ اهڙو عڪس ٿي ظاهر ٿئي جيڪو ان ڪان (اصل خارجي حقيقت ڪان) مختلف آهي.(٦)

خارجي عڪس ۾ من ڪنهن ٻاهرين نظاري کي جذبن ذريعي جهٽيو وٺي. ٻنهي حالتن ۾ عڪس ڪنهن آئيڊيا کان بہ وڌيڪ آهي. ڇو تہ اهو رليل مليل فڪرن جو نتيجو آهي. جي ڪڏهن ان ۾ اهي سڀ خاصيتون ناهن تہ اهو عڪس ناهي "(٧)

شاهہ لطيف جا عڪس ڪنهن نہ ڪنهن خيال، جذبي ۽ ڪنهن نہ ڪنهن احساس سان ڀريل آهن. هر عڪس وليم ڪوهين جي معيار موجب نہ فقط ڀريل عڪس آهي، پر جذبي فڪر يا احساس سان ٽمٽار پڻ. ڪهڙيون ڪهڙيون نہ عجيب گوناگون ڪيفيتون آهن. شاهہ لطيف نہ صرف خارجي حقيقتن کي جهٽي پنهنجي اندر رلمل ڪري ڇڏيو آهي پر داخلي ڪيفيتن کي بہ خوبصورت لفظي منظرن سان چٽيو آهي.

سر سامونڊيءَ ۾ شاهہ صاحب خارجي ۽ داخلي ڪيفيتن کي سهڻي نموني لفظي تصويرن جو ويس ڍڪايو آهي. هن سر ۾ شاهہ صاحب جيترو عورت جي احساسن کي اونهائيءَ سان بيان ڪيو آهي، اوترو ئي اونهائي سان ان ۾ منظر نگاري پڻ ڪئي. هن سر ۾ خصوصاً عورت جي اندرين احساسن کي اجاگر ڪيو ويو آهي. اهي احساس جيڪي صرف هڪ عورت ئي پنهنجي محبوب ور جي وڇڙڻ ڪان پوءِ محسوس ڪندي آهي. اهڙن احساسن جي شاهہ صاحب ايتري تہ سگهاري ترجماني ڪئي آهي جو ڏندين آڱريون اچيون ٿيون وڃن.

الوڙڻ نہ ڏيئي، ور وڌائين ونجهہ کي،
رهہ اچوڪي راتڙي، لالن مون لائي.
وچ مَ ڦوڙائي، ايڏي سفر سپرين.

وڻجاري جي وني سمنڊ ڪناري ٻيڙيءَ جي ونجهہ کي ياڪر وجهي جهلي بيهي رهي آهي. وڻجارو ٻيڙيءَ کي ڇوڙي وڃڻ وارو آهي، ٻيڙي ۾ سچو

سامان ستي ڇڏيو اٿس. اتي ونيءَ پنهنجي ور کي ٻاڏائي رهي آهي تہ ”اي پيتار اڄوڪي رات مون لاءِ رهي پئہ“ کيس صرف هڪ ئي رات رهڻ جون منٿون ڪري رهي آهي. هيڏي سفر تي سنيرڻ ڪري سندس ونيءَ جو هيانءُ ڪاڇي رهيو آهي.

هن بيت ۾ عورت جي اندرين احساسن سان گڏوگڏ هڪ چٽو عڪس بہ پيش ڪيو يو آهي. خاص ڪري بيت جي پهرين سٽ ۾ آهي ئي رڳو عڪس، جنهن جي پس منظر ۾ ٻيڙيءَ جا سڙهہ، ونجهہ لاڄو، پڳهہ ۽ وڻجارو سڀ چٽا ڏسڻ ۾ تا اچن.

اها هڪ حقيقت آهي تہ جنهن بيت ۾ منظر گهڻا هوندا اهوئي پڙهندڙ جي ذهن تي وڌيڪ اثرانداز ٿيندو آهي ۽ ٻين بيتن جي مقابلي ۾ وڌيڪ ذهن ۾ محفوظ پڻ رهندو آهي. ان ڪري ئي شاهہ صاحب جي شاعريءَ جي ان منظر نگاريءَ واري خوبيءَ جو ڪمال آهي جو ماڻهن کي ٻين شاعرن جي شاعري کان وڌيڪ ياد آهي. ان ۾ ٻيلي عوامي شاعريءَ جي هئڻ وارو عنصر بہ شامل هجي، پر منهنجي نظر ۾ ان ۾ وڌيڪ اثرائتو پهلو منظر نگاري آهي.

متين بيت واري ساڳئي احساس جي ترجماني ڪندڙ ۽ منظر نگاريءَ سان لاڳاپيل هڪ ٻيو بيت پيش ڪجي ٿو. جنهن ۾ وڻجاري جي زال ٻيڙيءَ جي آڳل وٽ ٻيهي ڳريي کي جهليو ٻيٺي آهي ۽ روئي رهي آهي. چوي ٿي تہ تنهنجو اهو سودو ئي وڃي ٻن پوي جيڪو اسانجي وچ ۾ جدائيون ٿو پيدا ڪري.

ڳريو جهليو روءِ، متي مهري هٿڙا،
ڪوءِ سودو سندوءِ، جوتو ڏوليا سکيو.

وڻجاري کي وئي ڪيترا ڏينهن گذري ويا آهن. سندس واپس ورڻ جو وقت پڻ وهامي ويو آهي. اهڙيءَ موسم ۾ ونيءَ پنهنجي وڻجاري ور کي ساري ٿي

سر نسريا پاند، اتر لڳا آءُ پرين،
مون تو ڪارڻ ڪانڊ، سهسين سڪائون ڪيون.

سردين جي مند جي منظر نگاري ڪيڏي نہ فطري انداز ۾ ڪئي وئي آهي. سرن جي ڪانن جون چوٽيون نسري چڪيون آهن اتر جون هوائون اوتون ڏيئي، سيءَ جي احساس کي وڌائي رهيون آهن. اهڙي صورت حال ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وڻجاري جي وني سَوڙِ ۾ سمهي پنهنجي محبوب ور کي ساري ٿي ۽ چوي ٿي تہ اي ڍوليا هي ڏينهن تہ تنهنجي واپس ورڻ جا آهن. ههڙي مند تو ڪيئن وساري ڇڏي آهي.

منظر شاهہ صاحب گهڻن ئي قسمن جا پيش ڪيا آهن. جن ۾ گل ڦل، فطري نظارا، درياءَ جي ڏونس ۽ لهر، ڪَنن جا ڪڙڪا ۽ ماڻهن جي مهاندن جا منظر پڻ چٽيل آهن. ۾ هيٺين بيت ۾ مندن جي عڪاسي وسيع مشاهدي جي ترجمان آهي جيڪا خوبي صرف شاهہ صاحب ۾ ڏسڻ ۾ اچي ٿي. وقت جي هلڪي وڇوٽيءَ کي بہ شاهہ صاحب محسوس ڪيو ۽ پڙهندڙ کي محسوس ڪرايو آهي.

سر لو هيڙا ڳيپا، ڪسر نسريا،
تو ڪيئن وسريا، ڍوليا ڏينهن اچڻ جا.

لوهيڙا سنڌ ۾ سچن سرن کي چئبو آهي ۽ شاهہ صاحب لفظ ”ڪسر“ ڪوڙن سرن لاءِ استعمال ڪيو آهي. ڪوڙا سر سچن سرن کان اڳ نسرندا آهن. جڏهن سچا سر ڍڍي، هوندا آهن، تڏهن ڪوڙا سر نسري چڪا هوندا آهن. هن بيت ۾ هڪ مخصوص وقت جو منظر ڪونهي پر هڪ ڊگهي مدت يعني پندرهن ڏينهن تي مشتمل هيءُ منظر آهي. جنهن موجب هڪڙن سرن جو ڳيچڻ واري وقت ۽ ٻين سرن جو نسرڻ وارو وقت چٽايل آهي.

وڻج واپار تي ويل وڻجاري جي ونيءَ وٽ هاڻي ڪاڻ پيڻ جو سامان بہ ختم ٿي ويو آهي. هوءَ هاڻي پاڙي مان ڪاڻ لاءِ ڪجھ اوڌر تي وٺي آئي آهي ۽ پنهنجي ور کي ساري ٿي ۽ چوي ٿي تہ اي منهنجا محبوب! هاڻي تہ ورڻ واري ڪر. هت سڀ ڪجھ ختم ٿي ويو آهي ۽ سياري جو سرديون بہ چوٽ چڙهي ويون آهن اهڙي موسم ۾ تنهنجو مون سان گڏ هئڻ ضروري هو.

اسان اڌارا، آٿي آونگ چاڙهيا،
منهن ڏيئي مون آئيا، سمهان سيارا،
ايرن سيڪارا، پسيو ور ٻين جا.

احساسن جي فوٽو گرافي آخري سٽ ۾ ايتري تہ سگهاري آهي جو سڪارن ايرڻ واري ڪيفيت يا جذبات جي شدت سببان ڏکڻ واري ڪيفيت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سامهون اچيو ٿي وڃي.

صرف اتي ئي بس ناهي عڪس جو اپار اجان بہ اڳيان آهي. وڻجاري جي استريءَ جي هر حرڪت Living Photography ذريعي نہ پر ويڊيو ڪيسٽ وسيلي اسانجي سامهون اچي ٿي.

جر تر ڏيا ڏي، وڻ ٽڻ ٻڌي وانٽيون،
الا ڪانڌ اچي، آسائتي آهيان.

عورت وڻج تي ويل پنهنجي ور لاءِ پاڻيءَ پر ٽوي تي ڏيئا ٻاري رهي آهي. اتي ڏيئن جو نہ صرف تصور آهي پر انهن جو ٽمڪڻ بہ نظر پيو اچي. ڏيئن جي لاٽ ۾ ٻيڙل اڌ اونداهيءَ ۾ هڪ مجبور ۽ وسوڙل مائي بہ نظر اچي ٿي تہ وري ساڳي مائي وڻن ٽڻن ۾ سوڻ ۽ ساٽ ڪري جهنڊيون پئي ٻڌي ۽ پڙ پئي چاڙهي.

اتي ڪوي ٻين ونين کي هدايت بہ ڪري ٿو.
جا جر جا ٿون نہ ڏيئي، ڏيئا نہ موهي.
سڏون ڪوه ڪري، سا پنهنجي ڪانڌ جون.

آخر ۾ وڻجارن جي ورڻ جا ڏينهن اچي ويا آهن. سامونڊي جهازن جون جهنڊيون پري کان ڏسڻ ۾ پيون اچن اهڙي صورت حال ۾ شاهہ صاحب هن قسم جا عڪس چٽي ٿو.

وانٽيون ٽيون ورڪن، اجان سڙهہ نہ پڌرا،
سيئي ٽيون مرڪن، جنين سندا آئيا.

سمنڊ ڪناري گهرن جون قطارون آهن. اتان عورتون ڪناري تي نڪري ٽيون اچن. ڪي جهاز بندر تي اچي لڳا آهن. انهن جهازن مان جيڪي وڻجارا لٿا آهن. انهن جون ونيون مرڪي رهيون آهن. پري پري تمام پري ڪجهہ جهنڊيون نظر ٽيون اچن، جيڪي سڙهن جي چوٽين ۾ ٻڌل هونديون آهن. اجان جهازن جا سڙهہ ظاهر نہ ٿيا آهن. ڪي عورتون جن جا ور اجا نہ آيا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آهن آس ۽ نراس جي وچ واري ليڪ تي بيٺي انهن جهڙين ڏانهن نهاري رهيون آهن. اهو هڪ اهڙو منظر آهي جيڪو ملڻ ۽ ڏکي انتظار، اميد ۽ نااميديءَ مان ظاهر ٿئي ٿو. ان ڪري ٿي شاهه صاحب کي هر انسان جي هر جذبي جو ترجمان چئجي ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner



گهڙي گهڙو هٿ ڪري، چئي الله توهار،
ڇنگهه ڇرڪي وات ۾، سئي ڪي سيسار،
ڇوڙا ٻيڙا ڇِڪَ ۾، لُڙ ۾ لڙهيس وار،
لکين ڇهتيس لوهٽيون، ٽيلهيون ٽِرنئون ڏار،
مڙيا مڇ هزار، ٻاگاٽيندي سهڻي.
(سر سهڻي)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ٦- سر سهڻي

هن سر جي اصل قصي يعني سهڻي ميهار جي قصي تي اختلاف آهن. ڪن جو چوڻ آهي تہ هيءُ قصو سنڌ سان تعلق رکي ٿو، پر ڪن عالمن جي راءِ موجب هن قصي جو تعلق پنجاب جي گجرات شهر سان آهي.

بهرحال ان قصي جو تعلق زمين جي ڪهڙي بہ خطي سان هجي، هتي اسان جو تعلق شاهہ لطيف جي شاعريءَ سان آهي.

هن سر ۾ شاهہ صاحب معنوي لحاظ کان انسان کي پنهنجي مقصد سان سچي رهڻ جي تلقين ڪئي آهي. منظر نگاريءَ جي حوالي سان هن سر ۾ گهڻا بيت پوائنٽن ۽ خوفائتن منظرن جا آهن. جن ۾ ڪَنن جا ڪڙڪا، درياءَ جون خطرناڪ لهرون ۽ درياءَ جا خونخوار جانور، اونداهي رات ۽ ڪچي گهڙي جا چٽ چٽيل آهن.

وُٺن وينا ڪانگ، وچين تي ويلا ڪري،
گهڙي گهڙو هٿ ڪري، سهڻي سانجهيءَ ٻانگ،
سيئي ڊونڊي سانگ، جتي ساهڙ سپرين.

هت بيت ۾ سج جي لهڻ کان پوءِ واري هلڪي اونداهيءَ جو عڪس آهي. سج لهي وڃڻ سبب ڪانوَ ۽ پيا پکي هاٿي کو نہ تا اڏرن، پر وڃي سپ پنهنجي ڪکين قراريا آهن. مُلي پڻ سانجهيءَ ٻانگ ڏني آهي. ٻانگ جي بصري عڪس يعني ٻڌڻ واري منظر سان هڪ ٻيو ڏسڻ جو منظر پڻ اڀري ٿو. جهن ۾ هڪ عورت اونداهيءَ رات ۾ گهڙو هٿ ۾ ڪئي مهراڻ جا گهٽ ۽ گهيڙ تاڙي تي ۽ پاٽيءَ ڏانهن واجهائي ٿي. ان بعد منظر تبديل ٿئي ٿو ۽ اها عورت گهڙ وکٽي پاٽيءَ ۾ گهڙي پوي ٿي ۽ مهراڻ جي موجن ۾ ترندي وڃي ٿي.

اونداهي رات ۽ خونخوار جانورن جي هڪ هنڌ گڏ ٿيڻ جو هڪ اهڙو خوفناڪ منظر، جنهن جي ڏسڻ سان لڱ ڪانڊارجيو وڃن ٿا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

گهڙي گهڙو هٿ ڪري، الاهي لهار،
ڇنگهه ڇرڪي وات ۾، سسي ڪي سيسار،
چوڙا پيڙا چڪ ۾، لــڙ ۾ لڙهيس وار،
لڪين ڇهڻيس لوهڻيون، ٽيلهون ٽرڻئون ڏار،
مڙيا مڇ هزار، ياڳا تيندي سهڻي.

رات جي ويلا آهي. سهڻي گهڙو کڻي درياءَ ۾ گهڙي پئي آهي. الله جي آسري تي پاڻ کي پاڻيءَ جي لهرن جي حوالي ڪري ڇڏيو اٿس. ان بعد درياءَ جا خونخوار جانور سندس ڇڻني پاسن ڪان مڙي اچن ٿا. ان سان گڏ لڙا تيل پاڻيءَ ۾ ڪارا وار، گپ سان پريل چوڙيون هڪ عجيب منظر پيش ڪن ٿا. هڪ لڙهندڙ لاش ۽ هڪ عورت جو انت ۽ سندس دکدائڪ موت، اهي سڀ ماحول ۾ ملي ڪري بيڪسيءَ جو منظر چٽين ٿا. بيت جو آخري حصو "ياڳاتيندي سهڻي" سڄي بيت ۾ جذباتي عنصر تو پري. اگر هن بيت ۾ اهو جذبي وارو عنصر نه هجي ها ته جيڪر اهو عڪس خالي پيو لڳي ها.

جيئن ته مٿي ٻڌايو ويو آهي ته هن وسيع ڪئنواس تي نظارا پريا پيا آهن، پر انهن کي پيش ڪرڻ لاءِ هڪ شاعر لاءِ اهو ضروري آهي ته هو لفظن جي چونڊ ڪري. لفظن جي چونڊ ٿي ڪيس ٻڌائي ٿي ته ڪهڙن ڪهڙن نظارن کي لفظن جي فوڪس ۾ آڻي.

تنوير لکي ٿو ته:

"جيئن ڪئميرا سان فوٽو ڪڍڻ وقت تصوير جي بيهڪ، تصوير جي سونهن ۽ معنيٰ ۾ فرق آڻي ٿي سگهي ته ساڳي ڳالهه شاعراڻي عڪسن سان به لاڳو ٿئي ٿي، هڪ سٺو شاعر ۽ هڪ ڪئميرا ڪار هيڏي ساري باغ سان رڳو هڪ گل ۽ پوپٽ کي تصوير جي فريم ۾ آڻي حسن ۽ عشق جي عجيب نقشي کي چٽي ٿو. جهڙي ريت عڪس لاءِ مناسب چونڊ ضروري آهي. اهڙي ريت عڪس جو جذبي يا فڪر سان نمتار هئڻ به ضروري آهي. سگهڻو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

عڪس شاعريءَ جي منزل ناهي پر اهو شاعريءَ ڪي جذبي ۽ فڪر جي بيان ڪرڻ جي منزل تائين پهچائڻ جو ذريعو آهي (٨)

دهشت دم درياءَ جي جت جايون جانارن
نہ ڪو سنڌو سير جو، مپ نہ مـلاحـن،
درنـدا دريـاءَ ۾، واڪـا ڪـيون ورن،
سـجا هيـڙا ٻار ۾، هـليـا هيـٺ وجـن،
پروز پئدا نہ ٿئي، تختو منـجـهان تـن،
ڪو جو قهر ڪنن ۾، ويا ڪيـن ورن،
اتـي اڻ تـارن، سـاهـڙ سـير لنـگـهائيـن.

درياءَ جي ڪنن جي ڪڙڪن کي ۽ سندن شور ۽ گوڙ کي واضح ڪرڻ لاءِ شاهه صاحب لفظن جي چونڊ ڪيڏي نہ سهڻي ڪئي آهي. ”دهشت دم درياءَ جي“ نہ صرف منظر آهي پر ان سان گڏوگڏ هڪ جذبو، خيال، فڪر ۽ موسيقيت پڻ آهي. درياءَ جي دهشت ۽ سندس ڪُنن جي گهرائي مثالن ۽ تمثيلن ذريعي واضح ڪئي ويئي آهي. اهڙا تہ گهرا ۽ اونها ڪن شاهه صاحب منظر وسيلي ڏيکاري ٿو جو انهن جي چاڻ ملاحن کي بہ ڪانهي. سجا هيڙا پاڻيءَ ۾ غرق ٿيو ٿا وڃن. انهن غورابن جو پرزو بہ ڪو نہ ٿو ملي. مطلب تہ اهو مثال ڏيئي درياءَ جي پاڻيءَ جي چاڙهہ واري منظر کي چٽو ڪيو ويو. ان سڄي منظر جي پيش ڪرڻ جو سبب صرف اهو آهي تہ جتي پاڻيءَ جا ڪڙڪا ٻڌي ملاح بہ منجهي ٿا پون، اتي هڪ عورت جي دليريءَ جو تصور ذهن ۾ اڀارڻ لاءِ هيتري ساري لفظي چونڊ ڪئي ويئي آهي. اهڙي خطرناڪ ۽ دهشتناڪ منظر ۾ هڪ اڪيلي عورت جو منهن مقابل ٿيڻ ڪا معمولي ڳالهہ ڪانهي. مٿين بيت پڙهڻ سان درياءَ جي دڙڪن، غورابن جي ٻڏڻ پاڻيءَ جي ڪُنن ۽ سهڻيءَ جو دلو ڪٽي سير ۾ گهڙڻ وارا سڀ منظر اکين آڏو تري اچن ٿا.

ڪنهن خيال کي سگهارو بنائڻ لاءِ لفظن جي چونڊ هيٺين بيت ڪان وڌيڪ ٻي ڪهڙي ٿي سگهي ٿي؟


Scanned with CamScanner

سياري سه رات ۾، جا گهڙي وسندي مينهن،
هلو تہ پچون سهڻي، جا ڪر چاڻي نينهن،
جنهن ڪي راتو ڏينهن، ميهار ئي من ۾.

نظري عڪس جو خوبصورت نمونو آهي. نہ رڳو نظري عڪس آهي پر گڏوگڏ منجهس محسوسات ۽ تخيل بہ سٺي نموني ۾ بيان ڪيل آهي. هڪ خيال يا ڏک ۽ پيڙا کي پيش ڪرڻ لاءِ ٽن خيالن جي مدد سان منظر کي چٽو ڪيو ويو آهي. سياري جي رات، سا بہ ڪاري اونداهي، جهڙوڪر اوٽتيهين جي اماس رات ۽ وڏي ڳالهہ تہ اهڙي ٿڌي رات ۾ مٿان وري مينهن پيو وسي. اهڙي حالت ۾ سهڻي گهڙو هٿ ۾ ڪئي مهراڻ جي موجن ۾ ڪاهي پئي آهي. يعني سهڻيءَ جي دليريءَ ۽ همت ۽ سندس اندروني وجداني ڪيفيت کي محسوس ڪرائڻ لاءِ لطيف سرڪار لفظن جي چونڊ ڪري منظر کي چٽو ڪيو آهي. ائين پيو لڳي چڻ سياري جي ڪاري رات ۾ مينهن وسندي اجها سهڻي هاڻي اسانجي اڳيان گهڙو ڪئي گهڙي پئي آهي.

اڳيئي ٻڌايو ويو آهي تہ هن سر ۾ جيڪي بہ عڪس آهن. اهي گهڻو ڪري دهشت ۽ بيوسي جا آهن. ساڳئي ئي قسمن جو هڪ ٻيو منظر شاعرائي فوٽوگرافيءَ ۾ ڏسو. جنهن ۾ نہ صرف نظري عڪس آهي پر نظريءَ سان گڏ سمعي عڪس پڻ آهي. جيڪو عڪسيت کي ٻٽو بڻائي ٿوءِ تاثر کي پڻ ان ئي رفتار سان نمتار ڪري ٿو.

ڪارا ڪن ڪاري تڳي، جت ڪاريهر ڪڙڪا،
مٿي متي مهراڻ جي، اڇن ڏپارا دڙڪا،
ويندي ساهڙ سامهان، جهول ڏنس جهڙڪا،
ڪر ڪِن جا ڪڙڪا، سونهان تيڙس سير ۾.

ڪاري اماس رات آهي. ڪارا ۽ اونداها ڪُن آهن ۽ انهن جا ڪڙڪا ڪاريهر نانگ وانگر ڏڏڪا ڏيندڙ آهن. مهراڻ جون موجون پنهي ڪنارن کان ڪپرن کي لڳي وڏا وڏا آواز پيدا ڪري رهيون آهن. سهڻي پاڻيءَ ۾ لڙهندي ٿي وڃي ۽ ڪيس پاڻي لهرون ٺاهي ٿيڙون هٽي رهيو آهي. سير ۾ لڙهندي، مينهن جي ڪر ڪِن جا ڪڙڪا ۽ چرن جي چونگار ٻڌڻ ۾ اچيس ٿي. هڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

طرف تہ هن بيت ۾ درياءَ جي ڪنڌ ۽ لهرن جو منظر آهي، جيڪو ڏسڻ سان تعلق رکي ٿو. ٻئي طرف جيڪو عڪس ٻڌڻ سان واسطو رکي ٿو، سو آهي ڪنڌ جا ڪڙڪا ۽ واسينگن وارا ڦوڪٽ. خصوصاً مينهن جي ڇڙن جي چونگار ۽ ڪرڪين جا ڪڙڪا. جيڪي چٽا ٻڌڻ ۾ اچن ٿا. جيڪي نہ صرف منظر پيش ڪن ٿا پر جذبي واري ڪيفيت کي بہ اڀارين ٿا.

هن بيت ۾ شاهہ صاحب جي مشاهدي جي ڪمال جي حد آهي تہ ڪرڪي ان ڇڙي کي ڇُنبو آهي جيڪو سپني کان وڏو هوندو آهي ۽ ان جو آواز پري پري تائين پيو پوندو آهي. اهو ڪرڪين جي ڪڙڪن وارو تصور بيت کي تمام گهڻو سگهارو بڻائي ٿو.

يا وري هيٺيون بيت ساڳئي قسم جي عڪس سان تعلق رکي ٿو.

ڪٿي تيو ميهار؟ ڪٿي تو گهنڊ ڳڙي؟
ڪٿي دونهين دوست جي؟ ڪٿي پريون پار؟
جنهن مون سڀ ڄمار، جر ۾ جهوتون ڏنيون.

ائين بہ ناهي تہ هن سر ۾ صرف دهشتناڪ ۽ خوفائتن منظرن کي شاهہ صاحب چٽيو آهي پر ان سان گڏوگڏ شاهہ صاحب فطري منظرن کي بہ وڏي اهميت ڏني آهي.

چاهڪ چري تار، آيون متي هيٺ،
لڙ لنگهنديون ليٽ، لطف ساڻ لطيف چئي.

تار سائي گاهہ ۾، مينهون چري رهيون آهن ۽ اهو گاهہ درياءَ جي هيٺن ۾ موجود آهي. خصوصاً لفظ ”چاهڪ“ گاهہ جي ساوڪ ڏانهن اشارو ڪري ٿو. ان لفظ سان منظر ۾ سائو رنگ گهرو ٿي وڃي ٿو. مٿان وري لڙائيل مهراڻ جي پاٽيءَ جو عڪس پڻ چٽيل آهي.

ڪا جا ڪن ڪرين، پنيءَ پڻ جهڻ پاڻ ۾،
اڪيون تنهن آب کي، آڏيءَ اڪيرين،
توٽي تڪون ڏين، تہ بہ اڄ انين کي نہ لهي.

اسر ويل آهي ڪنڌ جي پاڻ ۾ پڻ جهڻ ۽ آهستي آوازن ۾ سرپر لڳي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پٽي آهي. يعني وڏيون ڇوليون ٽڏيون ٿي ٽڪجي سمهي پيون آهن. درياءَ مانار ۾ وهي رهيو آهي، پر هلڪيون هلڪيون ڇوليون هلڪا هلڪا آواز پيدا ڪري رهيون آهن. هن بيت ۾ لفظ "ڀڻ جهڻ" آواز واري منظر کي تمام گهڻو چٽو ڪري ٿو.

سهڻي ڪچي گهڙي تي ڀلجي پئي آهي. ان ڪچي گهڙي جي شاهه صاحب جيڪا تصوير ڪشي آهي اها ڪيتري نه اصلوڪي ۽ حقيقي آهي. لفظي فوٽو گرافيءَ جو اهو ڪيڏو نه ڪمال آهي جو ڪنيار گهڙي مٿان جيڪا رنگن سان چٽسالي ڪئي آهي، اها ڪيتري نه صاف پئي نظر اچي.

ڪِديا جي ڪلال، سي پسي خال خوش ٿئي.
پاڻيءَ چٽ پسائيا، ڏاءَ نه جهلي ڏمال.
سپڪ ياڻيان سهڻيءَ، جوبن جي جمال ،
آڪي جا احوال، معلم ٿيا مهراڻ ۾.

سهڻيءَ جي جواني، جوانيءَ جو نشو ۽ نشي جي مدهوشيءَ جو پڻ چٽ چٽيل آهي. ان نشي جي مدهوشيءَ ۾ ايتري به سمڪ ڪانه رهيس جو ڪنيار جي ڪچن رنگن کي ڪچو سمجهي ها. پر خبر تڏهن پيس ٿي جڏهن ڪچو گهڙو پاڻيءَ ۾ پسڻ سان ڀڄي پور ٿي پوي ٿو. آهي نه تازي تصوير؟ جيڪا اکين آڏو ڦري اچي ٿي.


Scanned with CamScanner



ستينءَ سنجهي ٿي، منهن ويڙهي مُٺن جيئن،
اوجاڳو اکين کي، ڇاتئه نـه ڏيئي،
هٿان تو پيئي، ٿي ڪچو ڪيچين کي چئين.
(سرسسئي)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ٧- سر سسئي آبري.

سنڌ جي مشهور لوڪ داستان سسئي پنهونءَ، بابت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ سڄا سارا پنج سر چيا آهن. جيڪي هيٺين نالن سان آهن. سسئي آبري، معذوري، ديسي، ڪوهياريءَ حسيني.

"آبري" لفظ "آٻري" (ڪمزور يا ناتوان) مان نڪتل آهي. هن سر ۾ سسئيءَ جي ضعيفائي جو ذڪر ڪيل آهي. ان ڪري ئي هن سر کي اهو نالو ڏنو ويو آهي. "(٩)

هن سر جي روحاني رمزن ۾ شاهه صاحب ان حقيقت کي سمجهايو آهي تہ پنهنجي اندر پيهي روح رهاڻ ڪجي تہ انسان پاڻ ئي حقيقي مالڪ بنجي ٿووڃي. سسئيءَ کي وهم ورسايو نہ تہ هوءَ پنهون پاڻ هئي. موجود جون سڀ حدون اورانگهي جڏهن ماڻهو عدم ۾ پهچي ٿو، تڏهن ڪيس سنڌس ذات جي اصل واقفيت يا پرک ۽ پروڙ پوي ٿي. شاهه صاحب هن سر ۾ وحدت الوجودي فلسفي جي اپٽار چڱيءَ پر ڪئي آهي. هو نيستيءَ ۾ سڀ ڪجهہ پروڙي ٿو وٺي. هستيءَ ۾ وجود جي موجودگيءَ ۾ محبوب جو ملڻ ممڪن ڪونهي. شاهه صاحب چوي ٿو تہ اي طالب! تون روحاني رهبرن جون هدايتون سڻ تہ سرخرو ٿئين. جي انهي راهہ ۾ مري فنا ٿي وئين تہ تنهنجو وڏو بخت چئبو.

شاهه صاحب ان انسان کي ٻليل ۽ ٻنڪيل ٿو سڏي، جو جانيءَ کي جبلن ۾ ڳولڻ ٿو وڃي. شاهه صاحب جي نظر ۾ اهو شخص بہ گمراهہ آهي جيڪو سمجهي ٿو تہ ڪتابي علم پڙهڻ سان سموري حقيقت جي پروڙ پوي ٿي. پرين تہ اندر ۾ ئي آهي. سسئي ۽ پنهون حقيقت ۾ هڪ آهن، پر اڻ ڄاڻائپ جي ڪري ٻہ ڏسڻ ۾ ٿا اچن. انسان ۽ ڌڻيءَ جي وچ ۾ ڪو بہ ويڇو ڪونهي. جدائي محض هڪ وهم آهي.

منظر نگاريءَ جي حوالي سان هن سر ۾ شاه صاحب اهي ئي منظر پيش ڪيا آهن، جيڪي سسئيءَ ڀنڀور کان وٺي هاڙهي ۽ پب جبلن تائين ڏٺا. هن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سر جي بيتن ۾ جبلن جون قطارون، وڏا پهاڙ ننديون ٽڪريون، جبلن تي گاهن جي ساوڪ ۽ وٽڪار، رستن جون ڏنگايون، هوا ۾ لڪ جا جهولا (جيڪي منهن ساڙيندڙ آهن) ۽ پهاڙن جون هيٺاهيون مٿاهيون نظر اچن ٿيون.

وڏا وڻ وٽڪار جا، جت نانگ سڄڻ نيلا،
اتي عبداللطيف چئي، ڪيا هيڪلين حيلا ،
جت ڪڙم نہ قبيلا، اتي رهبر راهہ رسج تون.

جيئن اڳي ئي ٻڌايو ويو آهي تہ شاھ صاحب خالي ۽ سڪي لفظي فوٽوگرافي ئي نہ ڪئي آهي پر ان سان گڏ اتاھ جذبن جي گهرائي، تخيل جي بلند پروازي ۽ نزاڪت شامل حال آهن. وڏي خوبي تہ عڪس جي اندر ڊرامائي انداز ۾ مڪالما پڻ مليل آهن.

وريتيون ورو، آءُ نہ ورنديس ور ريءَ،
جاڏي هن جبل جو، تانگهينديس ترو،
جتن ساڻ ذرو، نينهن نبيرڻ نہ ٿئي.

سسئيءَ جو ور سندس ڏير رات وٺي ويا. سسئي صبح جو اٿي ڏسي تہ نہ ڏاگها نہ ڏير، نہ پنهون نہ پريتو. سڀ سڃي لڳي پئي آهي. اها ڳالهہ پنيور ۾ باھ وانگر پکڙجي ويئي. سسئي سندرو ٻڌي الاهي توهار چئي پنهونءَ پٺيان وڃڻ واري آهي. عڪس ۾ اڳيان وڏو ڏونگر تونظر اچي. ٻئي طرف سسئيءَ جون سهيليون ڪيس سمجهائڻ خاطر، توري پنڌ تائين هلن ٿيون. تڏهن سسئي مڪالمن ذريعي منظر کي چٽو ڪري ٿي ۽ سهيلين سان ڳالهائي ٿي ۽ پنهنجي پختي عزم جو اظهار ڪندي سهيلين کي موٽي وڃڻ لاءِ چوي ٿي.

ٻئي منظر ۾ سسئي گهران نڪري پيرين پنڌ ڪري ڏونگرن ۽ پهاڙن ۾ ڪاهي پئي آهي. ڪيس سڄو ڏينهن پٿرن ۾ پنڌ ڪندي گذري ويو آهي. شام ٿي چڪي آهي. سج لهڻ وارو آهي. ان ويل جو منظر شاھ صاحب هيٺن چٽيو آهي.

سج اُلٿي سسئي، رت ورٽو روھ ،
پهي نہ پانڌي ڪو، جنهن ڪر پڇي لوھ،
موڙهي وڃي توھ، موٽڻ جي ڪانہ ڪري.


Scanned with CamScanner

سج لهي چڪو آهي اونداهي ٿيندي پئي وڃي. سسئي سڄو ڏينهن پنڌ ڪري ٿڪجي پئي آهي. سندس پير، پهڻن پٿون ڪري وڏا آهن. اونداهي ٿيڻ ڪري اڪيلي عورت ڊڄي ٿي ۽ روئي ٿي. سندس ڳوڙهڻ ڳاڙهڻ جو منظر اکين اڳيان چٽو ايري تو اچي. اتي سسئي پنهنجي منهن ڳالهائي ٿي ۽ پنهون جي پارٿون ڪوپهي يا پاندي نه اچڻ جي شڪايت ڪري ٿي. ٽين طرف شاهه صاحب سسئيءَ جو پختي عزم پڻ تخيلي منظر جي ذريعي ڏيکاري ٿو. يعني هن بيت ۾ ٽي خيال ۽ ٽي منظر الڳ الڳ ڏيکاريا ويا آهن. هر هڪ سِٽ جو الڳ خيال ۽ انهن الڳ الڳ خيالن جو وري پاڻ ۾ ڳهاٽو سمبنڌ پڻ آهي.

پير ڦٽائـي ڪـنـڌـرا، ڏونـگـر مـٿـي ڏي،
ڦٽـيـا ڦـڙ فـقير جـا، سـيرون ٽيـڙا سـي،
جهڙي تهڙي حال سين، پُري پنهونءَ ڏي،
وڃي مانَ وري، پانهيءَ پنڌڻ جنهن سيـن.

مٿين بيت مان نه صرف سسئيءَ جي پيرن جي نزاڪت ۽ پٽ جهڙا پير هئڻ جو منظر ملي ٿو پر ان جي لاڳيتي خيال سان سندس سونهن جو به اندازو ٿئي ٿو. اها سهڻي عورت پٽ جهڙن ڪنڌرن پيرن سان پٿرن تان هلندي ٿي وڃي ۽ مٿي اجان به مٿي ڏونگر تي چڙهندي ٿي وڃي. پنهنجي پنهون طرف وکون وڌائيندي ٿي وڃي. هن بيت جي ”ڦٽيا ڦڙ فقيرجا، سيرون ٽيڙا سي“ واري سٽ ۾ ڪيڏي نه ويجهڙائيءَ سان فوٽوگرافي ڪئي ويئي آهي، جو پيرن جي ڦٽن جون سيرون به صاف پيون ڏسڻ ۾ اچن.

ساڳئي منظر سان لاڳاپيل هڪ ٻيو بيت پڙهي ڏسو جنهن ۾ سسئيءَ جي پيرن ڦٽجڻ ۽ ڏونگر جي ڏاڍاين جو عڪس چٽيل آهي.

رائي ڪي رنجور، ٽڪر توءِ ٽاڪيو چڙهـي،
لانچي لڪ لطيف چئي، هلي ڏانهن حضـور،
رهيا سپ رچن ۾، سسـئيءَ جـا سـالـور،
ساڃن ميڙيس سور، سڪ نه ميڙيس سپرين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ٨- سر معذوري

"معذوري "عربي لفظ آهي جنهن جي معنيٰ آهي بيحال يا ضعيف. هن سر ۾ سسئيءَ جي عاجزيءَ جو احوال آيل آهي. هوءَ پنهونءَ جي سڪ ۾ سج مان ستون ڏيندي پئي وڃي. سندس حال هيٺو آهي. (١٠)

منظرنگاريءَ جي حوالي سان هن سر ۾ بہ سر سسئي آبريءَ وانگر آڏن لڪن، ڏکين ڏونگر، پهڻ وارن پيچرن ۽ اوچن وٽن جو ذڪر ڪيل آهي. مثلاً هيٺين بيت کي پڙهي ڏسو.

وڏو ڪيم وٺاهہ، اونچا ڏونگر مَ ٿيو.

ٿمو مَ نيٺاهہ، تہ پير نهاريان پرينءَ جو.

سسئي پنهونءَ جو پير ڪنيون وڃي ٿي. پهڻ ۽ ڏونگرن کي لتاڙيندي ٿي وڃي. ٿڪ ۽ تڪليف سبب ۽ پنهون جي جدائي ۽ فراق ۾ سندس اکين ۾ آب اچي ويو آهي. اڳيان آڏا لڪ ۽ وڏا وٽڪار آهن. ان جاءِ تي سسئي گفتگو ڪندي وٽن ۽ آڏن ڏونگرن کي چوي ٿي تہ او ڏونگرؤ! وڌندا نہ وڃو ايڏا اونچا نہ ٿيو. ساڳئي وقت پنهنجي پاڻ کي سمجهائيندي نيڻن کي چوي ٿي تہ او اکڙيون! توهان ٿمي نہ پئو. ڇاڪاڻ تہ جڏهن اکين ۾ پاڻ هوندو آهي، تڏهن ڪجهہ بہ صاف ڏسڻ ۾ نہ ايندو آهي. سسئي پنهونءَ جو پير ڏسڻ لاءِ اکين کي ڳوڙهن ڳاڙڻ کان روڪي ٿي. مٿين ۾ خاص طور تي پيرن جي نشانن جو منظر نهايت چٽو نظر اچي ٿو. منظر کي چٽو بنائڻ لاءِ جذبي جي مدد ورتي ويئي آهي. جيڪڏهن پنهونءَ جي پيرن ۽ اکين مان پاڻي اچڻ واري لاڳاپي کي نہ ڏيکاريو وڃي ها تہ يقيناً منظر ايترو پراثر ۽ گهرو نہ هجي ها.

شام جي وقت ۾ سسئي نِستي ۽ بيساهي ٿي ٽڪجي ٽنجي بيهي ٿي. سج لهڻ جو وقت آهي. ان وقت ڏسون تہ شاهہ لطيف ڪهڙي منظر نگاري ڪري ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آءُ نہ گڏي پرينءَ کي، تون تو لهين سڄ،
آءُ جي ڏيانءِ سنيهڙا، نيئي پريان ڏج،
وڃي ڪيچ ڇنج، تہ ويچاري واٽ مئي.

سڄ لهڻ وقت سڄو وايو منڊل پيلو ٿي ويندو آهي ۽ پيلو رنگ مايوسي ۽ نااميدي جي نشاني ڪري ليکبو آهي. ان جاءِ تي شاهہ جي رنگن وارو برش پيلي ڪئنواس تي ڦري ٿو. شاهہ صاحب سسئيءَ جي مايوسيءَ کي بيان ڪرڻ لاءِ جيڪو وقت جو انتخاب ڪري منظر پيش ڪيو آهي. جو اهڙي قسم جو چٽ ايترو اونهائيءَ سان رنگ پريل عڪس، مون اڄ تائين ڪنهن شاعريءَ ۾ نہ ڏٺو آهي.

منظر ۾ سسئي ٿڪل پٽي پٽي نظر اچي. سڄ بہ پويان پساهہ کڻي سڄي ڪائنات کي پيلو بڻائي رهيو آهي. ان پيلاڻ جو اثر سسئيءَ تي بہ پوي ٿو. آخر هوءَ مايوس ٿي پرينءَ لاءِ سڄ کي سنيها ڏيئي ٿي ۽ چوي ٿي تہ اي سڄ آخر ۾ اهو بہ پڌائجانءِ تہ سسئي رلي ۽ پٽڪي واٽ تي ئي مري ويئي.

ساڳئي ئي جذبي ۽ ساڳئي ئي قسم جي عڪس سان تعلق رکندڙ هڪ بيو بيت پڙهي ڏسو.

آءُ نہ گڏي پرينءَ کي، پويون ٿيو پساهہ،
سڪان ٿي سڪرات ۾، رويو پڇان راهہ،
شال ۾ وڃينمِ ساهہ، ڏاران پسڻ پرينءَ جي.

هن بيت ۾ سڄ لهڻ ۽ ماحولياتي پيلاڻ کان علاوه سسئيءَ جي سڏ ڪن جي آواز جوعڪس پڻ ذهن تي تري ٿو اچي.

والاڙيو وٽين چڙهي، ڏيئي پٽولي لانگ،
تاريءَ تاريءَ چانگ، سسئيءَ مور پچن جيئن.

سسئي ڏکين پيچرن تي هلي پيئي آهي. هيٺ رستو ملي نہ ٿو چاڪاڻ تہ وٽن جي وٽڪار تمام گهاٽي آهي. ان ڪري پٽ واري رستي تي هلڻ دشوار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تي پيو آهي. سسئي هاڻ وڻن جي ٽارين تي چڙهندي اڳتي هلندي ٿي وڃي. سندس ٽنگن تي پٽ چڙهيل آهي يعني ڪيس شلوار پٽ جي پيل آهي. آخر ۾ شاهه صاحب جي خيال جي بلنديءَ پاڪيزگي ڏسڻ وٽان آهي تہ سسئيءَ کي مورجي ٻچن سان تشبيهہ ڏيئي شعر جي شعريت ۽ منظر جي نفاست کي قائم رکيو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ٩- سر ديسي.

"ديسي هڪ راڳڻي آهي. جا ديپڪ راڳ جي پنجن استرين مان هڪ آهي ۽ هيءَ منجهند جو ڳائبي آهي. هن سر ۾ سسئي جي پڪي ارادي ۽ واٽ جي مونجهارن جو وستار تيل آهي. شاهه صاحب هن سر ۾ سسئيءَ کي نهايت نازڪ انداز ۾ نند لاءِ ڏوراپا ڏنا آهن (١١)

هيءُ سر بہ جيئن تہ سسئيءَ جي داستان سان واسطو رکي ٿو. ان ڪري هن سر ۾ عڪس اهي ئي آهن، جيڪي سسئيءَ سان واسطو رکندڙ ٻين سرن ۾ اڳ ئي اسان بيان ڪري آيا آهيون. مطلب تہ ڏاگهن ۽ ڏاوٽن ڪان وٺي پهڻن وارن پيچرن ۽ ڏونگر جي ڏنگاين تائين شاهہ صاحب ڏاڍا سونهن ڀريا ڏاڍا ڏکائتا عڪس ڏيکاريا آهن. خصوصاً هن سر ۾ سسئي کي سندس نند جي نهوڙڻ بابت ڏوراپا ۽ پاراتيا ڏنل آهن. مثلاً:-

اڳڻ مٿي اوپرا، جڏهن ڏاگها ڏينهن ڏناءِ،
ڪنجيون جي قفلن جون، تان ڪنهن للِ لڪاءِ،
تہ سياڻي سنڌياءِ، تني ساروٽي سسئي.

عڪس هلندڙ وقت Running position ۾ ئي ڏيکارڻ ڪمال نہ آهي پر ڪمال تہ اهو آهي تہ ماضيءَ ۾ گذريل واقعي کي شاعريءَ وسيلي عڪسن ۾ بيان ڪرڻ ئي وڏو ڪمال آهي. مٿين بيت ۾ شاهہ صاحب سسئيءَ کي ڪالهوڪو منظر مووي Movie تي ڏيکاري ٿو تہ جڏهن اوپرا ڏاگها اڳڻ تي ڏٺئہ، تڏهن توکي ڊپ ٿيڻ کپندو هو ۽ تون انهن جي نيڻن جي ڪلفن جون ڪنجيون پاڻ وٽ لڪائي رکين ها. تڏهن وڃڻ وقت تنهنجي يقيناً سار لڌي وڃي ها!. منظر ۾ اوپرا اٺ، ڏير ۽ سندس ڏاگها ۽ انهن جو گهر جي اڳڻ آڏو ويهڻ ۽ ڊپ جو منظر پڻ شامل آهي. غور ڪرڻ سان نہ صرف ڏاگها نظر اچن ٿا پر پس منظر ۾ سڄو وايو منڊل اکين اڳيان ڦري اچي ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ساڳئي قسم جو هڪ ٻيو منظر آهي جيڪو خيال جي وسيلي ڏيکاريو ويو آهي. هيٺيون منظر صرف تخيل سان تعلق رکي ٿو. سسئيءَ جي ذهن تي پنهل بابت ڪي عڪس ابري اچن ٿا. انهن عڪسن مان هڪ پنهنجي محبوب لاءِ دعائيه عڪس ابري اچي ٿو.

ڳهه سِرِ مَ ٿئي ڳس، پٽي پوءِ مَ پرينءَ تي،
جنهن سِرِ ساڃن سپرين، تنهن اٺ مَ لڳي اس ،
پنهون پاڪ پرس، هوت نه ڪجن هيڏيون.

سسئيءَ جي خيال ۾ رستي جو عڪس ابري ٿو ۽ ان ڏڳ جي عڪس سان گڏ اٺن جي قطار به ذهن جي اسڪرين تي ابري اچي ٿي. اٺن جي قطار سان لاڳاپيل سڀ شيون يقيناً ذهن ۾ ايندیون. جنهن ۾ اٺن جي ڳچين ۾ ٻڌل چڙيون ۽ ڳانا، سندن پيرن ۾ وڄندڙ گهنگهرو ۽ هڪ ٻئي پٺيان ٻڌل مهارون پڻ ذهن جي اسڪرين تي اچن ٿا. ان سان گڏ اڏامندڙ ڌوڙ ۽ اٿندڙ گرميءَ جي تپش ۽ اس جو عڪس ذهن تي تري اچن ٿا. جيڪي سامهان محسوس ٿين ٿا.

پــڻ تــاپلاٿـــيـــن، اوٺـي اچ اباڪـرا،
پهه پاريسيون پاڻ ۾، ڏير ڏيهاٽي ڏين،
هوت پنهون ٿا نين، ٻاروچي ٻولي ڪيو.

هن بيت ۾ اٺن تي بار ڍوئڻ ۽ ڪيڏانهن وڃڻ لاءِ سنبرڻ جو عڪس آهي. جتي ڏير اپين پيرين ٻيهي پاڻ ۾ اڻ چاتل ٻوليل (پارسي/ بلوچي) ڳالهائين ٿا ۽ انهن تي بار پيا ڪٿن. ان سموري منظر ۾ اٺ ۽ اوٺار، اٺن مٿان لڏيل يا لڏجندڙ وزن ۽ سندن ڳالهيون جيڪي ڪنهن اهڙيءَ ٻوليءَ ۾ آهن جيڪا سسئي سمجهي نه ٿي سگهي. يعني هڪ ئي بيت سمعي عڪس به آهي ته بصري عڪس آهي. هڪ ٻيو بيت پڙهي ڏسو.

ڳڏيو ڏوٻين ڏوءِ، پنهونءَ پـارچـو هـٿ ۾،
اتي آريءَ جام جـو، قـاصـد آيـس ڪـوءِ،
ايءَ ڪامل ڪر نه سندوءِ، جيئن پهس ٻجاڙئين پوٽئين.

عشق جي گهوڙي تي سوار پنهون، جنهن کي نينهن نهوڙي وڌو آهي. سو پنهنجي شان ۽ شوڪت ڇڏي ڏوٿين سان ڪپڙا ويٺو ڌوئي. ڪپڙن ڌوئڻ سان صرف ڪپڙن ڌوئڻ جو ئي تصور نه ٿو اڀري پر پس منظر ۾ پاڻي ڀريل تلاءُ ڌوٻين جو گهاٽ ۽ ٻيا ڌوٻي به نظر اچن ٿا. اتي هڪ اوپرو ماڻهو اچي پنهونءَ کي آريءَ ڄام جو نياپو ڏيئي ٿو ۽ چويس ٿو ته اي ڪامل! اهو تنهنجو ڪم نه آهي جو ڌوٻين سان گڏ ويٺو ڪپڙا ڌوئين. جهڙي ريت هڪ فوٽوگرافر گهڻين شين يا گهڻن منظرن مان چونڊ ڪري هڪ سٺي منظر کي ڪٽيندو آهي ۽ ان ئي منظر کي وڏيڪ اڀاري ٻين شين کي پس منظر ۾ ڇڏي ڏيندو آهي. ساڳيءَ ريت شاهه صاحب به ايترن ڌوٻين مان ۽ ٻين شين مان صرف هڪ ڌوٻي کي (پنهون کي) منظر طور ڪنيو آهي ۽ باقي ٻيا سڀ پس منظر ۾ هليا ويا آهن.

پهاڙي سلسلي ۾ پهاڙن جي نالن جي وسيلي شاهه صاحب عڪسن کي اڀاريو آهي. هونئن عام طور جڳهن جا نالا يا علائقن جا نالا شاعريءَ ۾ يا نثر ۾ ڳڻائڻ سان ڪو خاص منظر وارو تاثر ڪو نه ابرندو آهي. پر شاهه صاحب جو هيٺيون بيت پڙهڻ سان انهن مڙني پهاڙن جو عڪس اکين آڏو ڦري ٿو اچي. نه رڳو اهي پهاڙ پر انهن پهاڙن پاران پهتل تڪليفن ڏکن ڏاکڙن جو احساس ۽ اڪيلي رلندڙ عورت جا مڙيئي منظر ۽ پس منظر سامهون ابري اچن ٿا.

ڇپرَ ڇمَرَ پانيان، ڪانيو ۽ ڪارو،
پب وڃهنديس، پٽ تي صبح سوارو،
وڃڻ مون وارو، ڪين وهنديس وچ تي.


Scanned with CamScanner

# ١٠- سر ڪوهياري

"ڪوهه" لفظ جي معنيٰ آهي "جبل" ۽ انهيءَ مان معلوم ٿو ٿئي تہ هي سر جابلو ماڻهن جو رچيل آهي. سنڌ ۽ پنجاب ۾ هي سر گهڻو ڳائڻ ۾ ايندو آهي. هيءُ سر نهايت درد ۽ ميناج وارو آهي. هن سر ۾ پهاڙن جي پنڌ جو بيان ۽ سسئيءَ جي ڏکن ۽ ڏاکڙن جو احوال آيل آهي. انهيءَ لحاظ کان متس اهو نالو رکيو ويو آهي. هن سر جي معنوي لحاظ کان شاهه صاحب سسئيءَ جو مثال وٺي، ننڊ تي ملامت ڪئي آهي ۽ عاشقن کي سجاڳيءَ لاءِ تاڪيد ڪئي آهي"(١٢)

منظر نگاريءَ اندر جيئن تہ هيءُ سر سسئيءَ جي داستان سان تعلق رکي ٿو. ان ڪري هن سر ۾ بہ ڏونگر جي ڏاڍاين پٿريلن رستن ڏکهن وٽن، رستن جي آڏن ۽ تيڏن ورن وڪڙن، جبلن جي اوچائين ۽ پهاڙن جي چوٽين جا منظر آهن. هن سر جي عڪسن ۾ سسئي جي ڏونگرن کي ڏوراپن ڏيڻ واري گفتگو، گهڻي تعداد ۾ ٿيل آهي. هن سر مان بہ چند بيت مثال طور پيش ڪجن ٿا.

ڏونگر ڏوراپو پهرين چنديس پرينءَ کي.
پهڻ پير پٿون ڪيا، تريون چنيون تو،
رحم نہ پيئہ روح ۾، قدر منهنجو ڪو،
واڪو ڪنديس وو، مون سان جبل تو جاڙون ڪري.

هن بيت جي عڪس ۾ سسئي اڪيلي رلندي ٿي نظر اچي. هي فوٽو ويجهڙائي کان ڪڍيو ويو آهي. جنهن ۾ سسئي جي مڪالمن سان گڏوگڏ سندس پيرن مان رت نڪرندو نظر تو اچي. سسئيءَ جي نازڪ ۽ نفيس پيرن ۾ لڦون پئجي ويون آهن. سڀ کان ويجهڙائي وارو مڪالمو "واڪو ڪنديس وو" ٻڌڻ ۾ تو اچي. اهو مڪالمو نہ صرف منظرنگاريءَ کي اپاري ٿو پر بيت ۾ جماليات ۽ جذبن جي اپار کي پڻ ظاهر ڪري ٿو. جذبن کي منظر ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هيئين بيت ۾ ڏسو تہ نہ صرف سسئيءَ جي واٽ وڃائي ويٺڻ وارو عڪس آهي، پر ان سان گڏ نصيحت پڻ آهي ۽ معنوي لحاظ کان هر ويٺڪيل ماڻهوءَ لاءِ راهہ جو ڏس پڻ آهي.

اڃان تون آواٽ، واٽان پاسي ويسري،
سونهين ٿي سؤاٽ، تہ منجهان دل دڳ لهيـن.

سسئي واٽ وڃائي ويٺي آهي. هوءَ غلط رستي سان پئي وڃي. پريان ڪيچ ڏانهن ويندڙ اصل واٽ بہ نظر پئي اچي. پهاڙن ۾ سنئين واٽ وٺي هلڻ لاءِ شاهہ صاحب ڪيس نصيحت ٿو ڪري ۽ جتي وري سسئي مايوس ٿي چوي ٿي تہ:

واٽون ويهہ ٿيون، ڪَهہ جاٽان ڪيهي ويا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ١١- سر حسيني

"حسيني" هڪ ناmياري فارسي ۽ عربي سر جو نالو آهي ۽ ماتمي سر آهي. هن سر ۾ ڪربلا جي شهيدن جا مرثيا ڳايا ويندا هئا" (١٣)

"داستان ۽ بيتن جي لحاظ کان هيءُ سر رسالي جي وڏن سرن مان هڪ آهي. هن سر ۾ سسئيءَ جي دوزخ جهڙي سفر، ڏکن ۽ ڏورڻ جو ذڪر تو اچي. سسئي جو پنڌ رڻ مان آهي، جتي پاڻيءَ ڦڙو بہ ناهي" (١٤)

منظر نگاريءَ جي لحاظ کان هن سر ۾ بہ سسئيءَ جي داستان جي مناسبت سان پهاڙن، پيچرن، ائن ۽ سندن قطارن، جبلن جي ويراني، پاڻيءَ جي اڻاٺ ۽ ڏرتيءَ جي تپڻ جا منظر آهن. جهڙي ريت هيٺين بيت ۾ منظر پيش ڪيا ويا آهن.

سرتيون سُڄي سڃ، متان ڪا مون سي هلي،
پاڻي ناهہ پنڌ گهڻو، اڳيان رائو رڃ،
متان مري اڄ، ڪا ڏيئي پاراتو پنهونءَ کي.

سسئي سرتين سان گڏ بيٺل پٽي نظر اچي ۽ پنهنجي سهيلين کان ڪيچ ڏانهن وڃڻ لاءِ موڪلائي رهي آهي. هڪ تہ اهو منظر آهي ٻيو وري ان خيال جي اندر هڪ اڳڪٿي ڪيل تخيلي منظر پڻ آهي. جتي صرف رائو ۽ رڃ نظر اچي ٿي. پري پري تائين پاڻيءَ جو ڪو بہ ڏس پتو نہ آهي. جيڏانهن ڪيڏانهن رڃ لڳي پئي آهي. بيت جي آخري سٽ واري آخري بيت ۾ جذباتي لڳاءُ وارو عنصر جذباتيت پيدا ڪري ٿو. "ڏيئي پاراتو پرينءَ کي" بيت جي اندر جذبات ۽ جماليات ٻنهي کي اڀاري ٿو.

ڪي ڏر تتي ماءُ، ڪا جَرَ سندي سڃٽين،
هلي ۽ واجهاءُ، ٻنهي چيرن وچ ۾.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پهاڙ جي گرمي عروج تي آهي. منجهند جي ويلا آهي. پهڻ تپي باهه ٿي ويا آهن. سسئي هلي نه ٿي سگهي. پر پوءِ به سندس اندر جي لڇ پڇ ۽ اڻ تڻ ظاهر ٿي رهي آهي. جيڪا ڏسندڙ آسانيءَ سان ڏسي سگهي ٿو ۽ اها اڻتڻ تمام ويجهڙائي کا ڏسي سگهجي ٿي. اهو منظر جو ڪمال آهي جو انسان چرپر کي Moving photo graphy جي ذريعي ڏيکاري ٿو. اڳتي منظر ۾ سسئي هلندي به رهي ٿي ۽ هيڏانهن هوڏانهن واجهائي به رهي آهي.

چڃ مَ قطاران، ساٿ چڙهندو لڪئين،

ميڄڻ ٿئين پٺان، وڻ وات ٿي نه لهين.

انن جي قطار پهاڙن جي وچ ۾ نظر ٿي اچي. اڳيان وري آڏا لڪ پيا پسجن، جن جي پرئين پاسي ڪجهه به نظر ڪو نه ٿو اچي. يعني اهي لڪ مڙني پهاڙن کان مٿانهان آهن، ان ڪري نگاهه پريان نٿي وڃي سگهي. واٽن جو مونجهارو به آهي. يعني واٽون ويهه آهن، ڇاڪاڻ ته پهاڙن ۾ واريءَ وارا رستا نه هوندا آهن ۽ اتي پيرن جا نشان ظاهر نه ٿيندا آهن. ان ڪري جيڪو قطار کان ڇڃي ويندو تنهن کانپوءِ مٿان ڪيس وات هٿ نه اچي. انن جي قطار جڏهن لڪ لنگهي ويندي، تڏهن هڪ ته مفاصلي وڌي ويڻ ڪري ۽ ٻيو آسونهين هئڻ ڪري وات جي خبر نه پئجي سگهندي. هن بيت ۾ به اهي ٿي عڪس آهن. يعني لڪن، ڏونگرن، انن جي قطارن ۽ واٽن جا منظر ۽ انن تي وينل ماڻهن ۽ سڄي ۽ ڪٻي پاسي مسلسل پهاڙي سلسلي جا پس منظر آهن.

ٻيو بيت پڙهو

رڻڻ ۽ راڙو، مون نماڻيءَ جي نجهري،

ڪنل ڪي قلب ۾، قرب جو ڪاڙهو،

هوتن لئه هاڙهو، رجائيندي يس رت سين.

بيت ۾ سسئي جي گهر جو عڪس ڏيکاريل آهي، جتي سسئي ۽ سندس مٽ مائٽ ۽ سندس سهيليون روئي رهيون آهن. اهڙو ڏکائتو منظر آهي جنهن جي ڏسڻ سان سسئيءَ سان همدرديءَ وارو جذبو پيدا ٿيو پوي. مٿان وري شاهه صاحب پنهنجي روايتي انداز ۾ جذبات جي اپٽار ڪئي آهي. جنهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سان منظر ۾ جذباتي رنگ پرجي وڃي ٿو ۽ پڙهندڙ وڌيڪ متاثر ٿئي ٿو. "رجائيندڙيس رت سين" چئي ڪري شاهه صاحب نه رڳو بيت کي سگهارو بڻايو آهي پر تخيل جي مدد سان هڪ تمثيلي منظر پڻ پيش ڪيو آهي. جنهن سان ٻٽي عڪس جو تصور اڀري ٿو.

شاهه صاحب جي شاعريءَ جي اها به هڪ خوبي آهي ته هن پنهنجي شاعريءَ ۾ نه صرف هڪ هڪ منظر بيان ڪيو آهي پر ٻٽا يا گڏيل عڪس پڻ ڏيکاريا اٿس.

فرانسيسي فيلسوف برگسان لکيو آهي ته:

"گهڻائي مختلف منظر جيڪي الڳ الڳ جڳهن تان کنيل هجن، اهي انساني شعور کي اهڙي نڪتي تي مرڪوز ڪن ٿا جنهن سان هڪ قسم جو عرفان حاصل ٿئي ٿو."(١٥)

تنوير وري مٿي ڳالهه جي وضاحت هيئن ڪري ٿو:

"اهو عرفان ئي شاعريءَ جو مک مقصد آهي. اهو عرفان ڪنهن واقعي يا مشاهدي جي باري ۾ هجي يا سموري ڪائنات جي باري ۾ هجي. جيسين ان عرفان تائين شاعريءَ جي پهچ نه ٿي ٿئي ته اها شاعري عظيم شاعري نه ٿي، ٿي سگهي."(١٦)

اهي ته فرانسيسي فلسفي ۽ اسان جي محقق تنوير عباسيءَ جا شاعريءَ جي عرفان ۽ منجهس رس ۽ ميناج بابت رايا هئا. پر تنوير اڳتي ملي ٻٽن عڪسن ۽ گڏيل عڪسن جي وضاحت ۾ لکي ٿو ته:

"شاعر انهي عرفان تائين پهچڻ لاءِ عڪسن جو سهارو وٺي ٿو. عڪس جيڪي ظاهري طور هڪ ٻئي کان مختلف آهن ۽ هڪ ٻئي سان واسطو نه ٿا رکن پر تڏهن به اهي من کي هڪ وحدت تي مرڪوز ڪن ٿا"(١٧)

جيئن مٿين بيت ۾ شاهه صاحب ٻٽي يا گڏيل عڪس کي بيان ڪيو آهي. يعني هڪ طرف سسئيءَ جو گهر ۽ منجهس روح راڙو ۽ ٻئي عڪس ۾ تخيل جي مدد سان سسئي هاڙهي ۾ رت وهائيندي ٿي نظر اچي.

اچو ته هيٺيون شعر پڙهي ڏسون. جڏهن ته هيٺين بيت جو تعلق ٻٽي عڪس سان ناهي.

واڪيو واڪيو وڪ، پابوهيو پير ڪئي.

سسئي جبلن مان ۽ پهاڙن جي ڏکين پيچرن مان لنگهندي ٿي وڃي. پهاڙن مان تہ هر ماڻهو پنڌ ڪري سگهي ٿو، پر سسئي جڏهن پيار مان پاڳوهي وڪون کڻي ٿي ۽ پيار جون آلاپون ڪيندي ٿي وڃي تڏهن اها وک ۽ اها آلاپ وڏي ڳالهہ بڻجي ٿي وڃي. چاڪاڻ تہ اها وک کڻندي سسئي ڪنهن قسم جي تڪليف محسوس نہ ٿي ڪري. تڏهن ئي منظر جو ڀرپور تاثر ايري اچي ٿو. غور ڪرڻ سان بيت مڪمل عڪسيت وارو لڳندو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ١٢- سر ليلا چنيسر

چنيسر راجا سومري گهراڻي جو حاڪم ٿي گذريو آهي. هو سونهن جو صاحب هو. مٿس ڪيئي نازنينون ۽ خوبصورت حسينائون مفتون هونديون هيون. ليلا سندس سيني راڻين کان سونهن ۾ سرس هئي ۽ چنيسر بہ ڪيس ٻين راڻين کان وڌيڪ پائيندو هو.

ان زماني ۾ راءِ ڪنگهار ڪڇ ڏيهہ ۾ لکپت جو ڇٽ ڌڻي هو. ڪيس هڪ ڌيءُ هئي جنهن جو نالو ڪونئرو هو. هوءَ سونهن ۽ سوڀيا ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هئي. هڪ ڏينهن ٻانهيءَ واتان چنيسر جي سونهن جي واڪاڻ ٻڌي، اڻ ڏٺي مٿس هرک هاري ويٺي ۽ چنيسر کي حاصل ڪرڻ لاءِ حرفتون هلائڻ لڳي. آخر سندس محنت ساب پئي. هڪ ڏينهن هن نولکي هار جي ليلا کي لالچ ڏيئي، چنيسر کي هڪ رات لاءِ خريد ڪري ورتائين. ليلا کي لوڀ ۽ لالچ نهوڙي ڇڏيو هو. تنهن کي ڪا سمک ڪا نہ رهي تہ هو ڪا مٽئي تي ڪاند کي وڪڻي، پاڻ تي وڏو ظلم ڪري رهي آهي. ليلا چنيسر کي ڪا نشيدار شيءِ کارائي ڪيس ڪونئرو جي بستري تي پهچائي ڇڏيو. چنيسر جي جڏهن اک کلي ۽ حقيقت جي پروڙ پيس تڏهن ليلا کي ڍاڳ ڏيئي ڇڏيائين ۽ ليلا جي اکين تان بہ، جڏهن لالچ جاکوپا لٿا، تڏهن ڄاڻ پيس تہ هن پاڻ سان وڏو انياءُ ڪيو آهي.

شاهہ صاحب هن سر ۾ لالچ کي ننديو آهي ۽ شاهہ صاحب جو هيءُ سر واحد سر آهي جنهن ۾ عورت کي هيڻاهون يا ڪم عقل واري ڏيکاريل آهي.

منظر نگاريءَ ۾ وري مختلف قسمن جا منظر ڏيکاريل آهن، جن جو ذڪر تفصيلوار هيٺ ايندو.

مٿيءَ مٽي جي هڻا، تن ڇڻ ڦيرير ڇت،
هار ڪنديس هوڏ ۾، نيهہ ٿيندم نت،

ڪونڌرو جو ڪرت، مونهان مٿانوهن ٿيو.

هن بيت ۾ هار جي مٽين ۽ انهن موتين جي مٿان ٿهيل چٽن، رنگن ۽ گلڪاري جو منظر ڏيکاريل آهي. ان هار جي مڪمل منظر کان پوءِ ليلا جي لالچي اکين ۽ سندس من جي هورا کورا ۽ بدني اٿل پٿل جو منظر پڻ آهي. اها جسماني اڻ تڻ ان هار جي ڪري نظر ٿي اچي. جنهن جي ڪري، عڪس ۾، ليلا، ڪونڌروءِ هار ٿيئي نظر اچن ٿا. نہ صرف هار جي سونهن پرينهي عورتن جي اندر جي اڻ تڻ ۽ غور ڪرڻ سان پس منظر ۾ چنيسر بہ نظر اچي ٿو. جنهن سان ليلا هار جي پيٽ ڪئي هئي.

سونا ڪُر ڪنن ۾، ڳچيءَ ڳاڙها هـــار
ٻانهوتا ٻانهن ۾، سينڌ سٿيا وار
تيلا ٻي ٻچار، ڪانڌ منهـنجـي ڇـڏئي.

جيئن اڳي ئي بيان ڪيو ويو آهي تہ عڪس رنگن جا بہ هوندا آهن. هن بيت جي بہ پهرين سٽ ۾ رنگن جي عڪس ڪي ڏيکاريو ويو آهي. ان کان علاوه ليلا جي سونهن ۽ سندس لباس ڳهن ڳٿن جي مڪمل تصوير آهي. سندس ڪنن ۾ سون جا پنڙا بلڪل لڏندي نظر ٿا اچن ۽ پنڙن کان ٿورو هيٺيرو ليلا جا نازڪ نازڪ ڳاڙها ڳل ۽ ان سان گڏ سندس نخريلين ادائون پڻ سامهون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. رنگن جي عڪسن ۾ ليلا جي ڳچيءَ ۾ ڳاڙها هار ڏيکاريا ويا آهن، جيڪي سندس سونهن ۾ اڃان بہ اضافو ڪري رهيا آهن. وري ڪئمرا ٿورو هيٺ ٿئي ٿي تہ ليلا جي ٻانهن ۾ پيل چوڙيون ۽ ٻانهوتا پڻ نظر اچن ٿا. سندس وارن جي وچان نڪتل سينڌ سٿين وارن سميت نظر پئي اچي. ان سان گڏوگڏ سندس بدن تي سونهندڙ راڻين وارا ڀڙڪيلا ۽ چمڪيلا ڪپڙا بہ آهن. مطلب تہ هڪ من موهڻي عورت ۽ سندس سورهن ئي سينگارن جي مڪمل تصوير شاعريءَ جي صرف چند لفظن ۾ چٽيل آهي. ايتري مڪمل تصوير، جو ليلا جو چهرو سندس سينگارن سميت مڪمل طرح پڙهندڙن آڏو هلندڙ گهمندڙ حالت ۾ نظر اچي ٿو.

ان کان علاوه هيٺين بيت جي منظر ۾ سنڌ جي شادي جو هوبهو نقشو چٽيو ويو آهي. بيت پڙهي ڏسو تہ توهان کي ائين محسوس ٿيندو تہ جڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

توهان چنيسر راءِ جي وهانوَ جي ڪاج ۾ ويٺا آهيو.

پوچا ڏنم پير، ڏيکڻ مٿي ڏول جا.
مون ڀانيو تنهن وير، کوجهي کندو پرينءَ ڙي.

شاديءَ رات اڳي (ڪٿي ڪٿي هاڻي به) گهوٽ ڪان پاٽ، پاتوڙو، ڏيکڻ يا ڪنهن ٺڪر جي ٺهيل ٺانوَ کي لت هڻي ڀڃائيندا هئا (آهن). اهوهڪ مقامي سوڻ هوندو هو (آهي). ليلا چوي ٿي ته مون شاديءَ رات ٿي، ڏيکڻ ڀڃائڻ واري رسم وقت، چنيسر جا پير ڏنگا ڏٺا (جيڪو بدسوڻ آهي). انهيءَ وقت ٿي مون سمجهيو ته مون کي کوجهي کندو. يعني ڪڌهن ڏهاڳ جو ڏڻ ڏيندو. منظر ۾ بلڪل ايئن ٿي نظر تو اچي جيئن مٿي بيان ڪيو ويو آهي ته چنيسر ڪان ٺڪر جو ڏيکڻ لت سان ڀڃايو پيو وڃي ۽ چنيسر ڏاڍو ڏنگو مرد پيو نظر اچي. پريان ليلا ڪنوار جي ويس ۾ ڏيکيل ٿي نظر اچي، جا چنيسر جي هر چال کي چڪاسي رهي آهي ۽ پس منظر ۾ شادي جي خوشيءَ ۾ سجايل گهر ۽ سموري ڄڃ پئي نظر اچي.

ليلا جي سونهن ۽ سوڀيا جي منظر ڪشي ته توهان پهرين بيت ۾ ڏسي آيا آهيو. هاڻي هڪ ٻيو بيت پڙهي ڏسو، جنهن ۾ چنيسر جي سڀني سهاڳڻين جي سونهن، سوڀيا ۽ هار سينگار جي فوٽو گرافي ڪيل آهي.

سڀئي سهاڳڻيون، سڀئي منهن جڙاءِ،
سڀ ڪنهن ڀانيو پاڻ کي، ته ايندو مون گر راءِ،
پينو تن دراءِ، جي پسي پاڻ لڄائيون.

هن بيت ۾ ٻٽا منظر بيان ڪيل آهن. هڪ طرف چنيسر جون اهي سهاڳڻيون پيون نظر اچن، جن کي سورنهن ئي سينگار ڪيل آهن. سندس ڳچين ۾ مٺيادار ۽ قيمتي هار پيل آهن. اهي پنهنجي پنهنجي ڪمرن جي دروازن وٽ انتظار ۾ بيٺل نظر تيون اچن. انتظار واري ڪيفيت به آهي ته سندن عورتائي اڻ تڻ به نظر ٿي اچي ته اجهو چنيسر راجا مون وٽ آيو. هر ڪا سهاڳڻ اهو سوچي رهي آهي ته اڄوڪي رات چنيسر راءِ مون وٽ ايندو. ٻئي طرف ان عورت جو به منظر آهي جيڪا پاڻ کي نهايت سادن ڪپڙن ۾ اوڍيو ويٺي آهي. ونس نه ته هار مٺيادار آهن ۽ نه ئي ڪيس سورنهن سينگار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جنهن ڪيفيت ۾ ٻيون سهاڳڻيون ٻيٺل آهن. منظر تبديل ٿئي ٿو. چنيسر اچي ٿو ۽ سيني تي مٿاڇري نگاھ وجهي ٿو ۽ سندس من کي اها ئي عورت يا سندس سهاڳڻ يا ونئي ڀائي ٿي جيڪا انتهائي سادگيءَ سان، بغير ڪنهن هار سينگار جي انتظار ۾ ويٺي آهي ۽ چنيسر ان جي ڪمري ۾ يا گهر ۾ هليو ٿو وڃي. يعني هڪ مڪمل منظر آهي. راڻين جي انتظار ڪان ونئي.چنيسر جي اچڻ تائين ۽ پنهنجي هڪ ونيءَ جي گهر ۾ گهڙڻ تائين باقائدي مووي Movie هلندڙ محسوس ٿئي ٿي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner



ڪاڪ ڪڙھي، وڻ ويا، پريا رنگ رتول،
تو پڇاڻان سپرين، ھينئڙي اچن ھول،
جي مون سين ڪيئہ تول، سي سگھا پاڙج سپرين.
(سر مومل راڻو)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ١٣- سر مومل راڻو

تاريخي حوالن سان هن داستان جو تعلق پندرهين صدي عيسوي واري دور سان منسوب ٿيل آهي. چون ٿا تہ گجر ذات جو راجا نند ميرپور ماٿيلي تي راڄ ڪندو هو. کيس نوَ نياڻيون هيون. انهن مڙني مان مومل سونهن ۾ سرس هئي ۽ سومل وري سياڻپ ۾ وڌيڪ هئي. اتفاق سان راجا هڪ اهڙي سوئر جو شڪار ڪيو، جنهن جي هڪ ڏند ۾ قدرت اهڙي مٿيا رکي هئي جو اگر اهو ڏند ساڻس گڏ هوندو هو تہ درياءَ جو پاڻي هٽي پري ٿيندو هو. راجا اهو ڏند ڪڍي، پنهنجي سموري ملڪيت وجي درياءَ جي تري اندر محفوظ ڪري آيو هو. قدرت جي ڪرڻي جو ان ڏند جي ان ڪرامت جي خبر، هڪ جادوگر فقير کي پئي، سو هڪ ڏينهن وجهہ وٺي راجا نند جي عدم موجودگيءَ ۾ اچي حويليءَ ٻاهران سٽين هنيائين ۽ ان ڏند جي طلب ڪيائين. جيڪو ان وقت مومل جي ڪڇيءَ ۾ پيل هيو. مومل کي يا راجا جي سڄي گهر مان ڏند جي اهڙي ڪرامت جي ڪنهن کي بہ خبر ڪا نہ هئي. سو انهن اهو سوئر وارو ڏند فقير کي ڏيئي ڇڏيو. راجا نند کي جڏهن ان قصي جي خبر پئي، سو ڏاڍو ناراض ٿيو ۽ پنهنجي دولت کي وڃائي پڇتائڻ لڳو. سندس دولت جي پورائي لاءِ سومل پنهنجي سياڻپ سان مومل جي سونهن کي استعمال ڪيو ۽ جادوءَ جو هڪ ڪاڪ محل ٺاهيو. جتي ڏورانهن ڏينهن جا شهزادا مومل جي سونهن جي هاڪ ٻڌي، مومل کي ماڻڻ لاءِ پنهنجي دولت لٽائڻ ايندا هئا ۽ ڪاڪ محل جي ورن وڪڙن ۾ ڦلجي رلي مري ويندا هئا. آخر ۾ راڻي مومل کي حرفت سان ماڻيو. ان ڪان پوءِ شڪ جي بنياد تي کيس ڍاهڳ ڏيئي هليو ويو. جنهن جي نتيجي ۾ مومل ڪاڪ محل کي ڇڏي، جوڳين وارو ويس ڍڪي، راڻي جي ڳولا ۾ نڪتي پر راڻي کي پرچائي نہ سگهي. آخر پاڻ کي ستي ثابت ڪرڻ لاءِ پنهنجي پاڻ کي زنده جلائي ڇڏيائين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

منظرن جي لحاظ شاهه صاحب هن سر ۾ مومل جي سونهن، ڪاڪ محل جا ڏنگا رستا، مومل جي محلات ۾ رهندڙ عورتن جي ويسن وڳن ۽ ڪپڙن لٽن ۽ پائن جي پڪنِ جا منظر ڏيکاريا آهن.

هن ڪهاڻيءَ کي جديد محققن اهو رخ به ڏنو آهي ته مومل پئسن ڪمائڻ لاءِ، غلط قسم جو رستو اختيار ڪيو هو، جنهن جي چاڻ شاهه صاحب جي بيتن مان پڻ پوي ٿي. جنهن ۾ خصوصاً سندن ڪپڙن لٽن سينگارن ۽ پائن جي پکن جو ذڪر سر فهرست آهي.

گجر کي گجميل جون، تارن ۾ تبرون،
هٽي حاڪمن کي، زور پريون زبرون،
ڪاڪ ڪنڌيءَ قبرون، پسو پرڏيهن جون.

تصوراتي طرح سوڍيءَ مومل جي اکين کي رڪ جي کهاڙين سان تشبيهه ڏني ويئي آهي. اها تشبيهه مڪمل عڪس لڳي ٿي. جنهن ۾ رڪ جون چمڪندڙ کهاڙيون ۽ مومل جا خماريل ۽ نخريلا نيڻ، (جن ۾ عاشقن لاءِ موت سمايل آهي) نظر اچن ٿا. هن شعر ۾ هڪ ٻيو به عڪس آهي. جيئن ته هڪ طرف ته مومل جي من موهڻي صورت ۽ سندس ڪٽارين اکين جو عڪس آهي ته ٻئي طرف وري راوي آگر سان اشارو ڪري ڪاڪ جي ڪنڌيءَ پرسان پوريل شهزادن جون قبرون ڏيکاري ٿو. جيڪي شهزادا مومل جي ماڙيءَ جي ورن ۽ وڪڙن ۾ ڦلجي رلي مئا. يعني هي بيت ٻن اهڙن منظرن جو سنگم آهي. جن مان هڪ منظر ٺڏو ۽ من موهيندڙ آهي ته ٻيو منظر وري انتهائي ڀوائتو آهي، جنهن جي ڏسڻ سان موت جو ڀوائتو تصور ۽ انهن قبرن ۾ پوريل پرڏيهي شهزادن جو تصور سامهون اچي ٿو.

آڪون، ڊاڪون، سرڪنڊ، شاخون، جت چوٽا چندن ڪونئر،
مٿي سي ٿي ماٿيا، جت نه پرن پوئر،
ڪنواريون ۽ ڪونئر، ڪاهه ته پسون ڪاڪ جا.

هن بيت اندر منظر ڪان سواءِ هڪ ٻي به خوبي آهي، جنهن جو ذڪر اسان عڪس ڏسڻ ڪان پوءِ ڪنداسين. پهرين اچو ته بيت جي منظر مان لطف اندوز ٿيون. ڪاڪ محل ماڙيءَ جو مڪمل نقشو نظر ٿو اچي. منجهس جيڪي وڻ


Scanned with CamScanner

گل ٻوٽا ۽ ميويدار درخت آهن. سڀ سامهون نظر اچن ٿا. جهروکڙ هڪ وڏو بنگلو آهي، جنهن جي ڪوٽ اندر ميدان ۾ ٻيئل وٽن گلن ۽ ٻوٽن جي لفظي عڪاسي آهي. ڪاڪ مل ۾ اکروٽ، ڊاکون يعني انگور جاوڻ، چندن جا عمدا وڻ ۽ ڪنول جا گل رونق لايو بيٺا آهن. مومل جي ماڙيءَ تي ايترو ته سخت پهرو آهي جو اتي ڪو ٻوٽو ته ٻيو پرندي نظر ڪو نه ٿو اچي. ٻر ساڳئي وقت وري ميندري جو ميو (اٽ) انهن گلن جي ڪاچ جو ساءُ ۽ مزو ماڻي رهيو آهي. اهو ته تصوراتي منظر هو پر حقيقي منظر اهو آهي ته رات جي وقت ۾ ميندرو راڻو پنهنجي ڪرهي تي چڙهيو ٿو وڃي. رات اونداهي آهي ۽ سندس من ۾ مومل وٽ پهچڻ جي اڻ تڻ پڻ آهي. اتي سندس ذهن جي اسڪرين تي تصوراتي طرح، ڪاڪ محل جون سُندر نينگريون تري ٿيون اچن. جنهن سان سندن سونهن جو فوٽو گرافي ٿئي ٿي.

هن بيت ۾ هڪ طرف ته اهو منظر آهي ته ٻئي طرف وري موسيقيت جي رس ڀري لئہ پڻ آهي. جنهن جي لاءِ تنوير لکي ٿو ته :

"انهن سٽن ۾ اهڙي ته لئہ آهي جو انهن کي ڳائڻ جي ضرورت ئي ڪانهي. رڳو لفظن اچارڻ سان ئي شعر پڙهڻ واري کي يا ٻڌڻ واري کي موسيقيت جو احساس ٿئي ٿو. جيڪڏهن اهو شعر اهڙي ماڻهو جي سامهون ٻه پڙهبو جيڪو سنڌي نه ڄاڻندو هجي، تڏهن ٻه ڪيس حرف علت ۽ حروف صحيح جي تڪرار وارا لفظ مثلاً: آما، ليما، ڳاڳا راڳا يا اَکون ڊاکون سر ڪنڊ شاخون، جا اچار ٻه لطف پيا ڏيندا. اها آهي شاعريءَ جي موسيقي" (١٨)

مٿين بيت ۾ شاهه صاحب ڪاڪ محل ۾ رهندڙ نارين جي سونهن جي هلڪي ساراهه ڪئي آهي پر هيٺين بيت ۾ انهن نازنين جي سونهن ۽ لباس جي رنگن سميت جي عڪاسي ٿيل آهي.

جهڙا گل گلاب جا، تهڙا مٿن ويس،
چوٽا تيل چنبيليا، ها! ها! هوا! هميش،
پسيو سونهن سيد چوي، نيهن اچن نيش،
لالن جي لبيس، آتڻ اکر نه اجهي.

چوڻ لاءِ ته سندن ڳاڙها يا گلابي ڪپڙا ٻه ڇٽي سگهجن پيا پر شاهه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

صاحب گلاب جي گلن سان ڪپڙن جي تشبيهه ڏيئي نزاڪت جو اعليٰ مثال قائم ڪيو آهي ۽ سندس سونهن بابت رايو پڻ ظاهر ٿئي ٿو. نہ صرف ڪپڙن جي ڳاڙهاڻ ۽ ويسن وڳن جي چمڪيلي هئڻ جوعڪس ابري ٿو پر گلاب جي گلن جو عڪس، سندن سونهن سميت ۽ خوشبوءِ سميت اکين اڳيان ابري اچي ٿو. ڪاڪ محل ۾ رهندڙ نارين ۽ نازنين جا چوٽا تيل ۽ خوشبوءِ سان واسيل آهن، جن کي ڏسي عشق کي بہ ڏنگ لڳن ٿا. يعني محسوسات جو آخري ڏاڪو بيان ڪيل ٿو لڳي. اهڙا ويس وڳا ۽ هار سينگار ڏسي ۽ انهن جا عڪس پسي ڏسندڙ کي بہ اچرج وٺيو وڃي.

مٿين بيت جهڙو هڪ ٻيو بيت پڙهي ڏسو، جنهن ۾ شاهہ صاحب ڪاڪ محل ۾ رهندڙن جي ويسن ۽ ڪپڙن جي تشبيهہ وري پانن جي پن سان ڏني آهي. جنهن سان نہ صرف نظري عڪس ابري ٿو پر رنگن واري عڪس جي سنگم سان وڏيڪ سونهن پريو ٿيو پوي ۽ نظرون بہ رنگين ٿيو پون.

جهڙان پانن پن، تهڙيون سالون مٿن سائيون،
عطر ۽ عنبير سان، تازا ڪيائون تن،
مڙهيا گهڻو مشڪ سين، چوٽا ساڻ چندن،
سُنهن ربي سون سين، سندا ڪامڻ ڪن،
ڪيائين لال لطيف چئي، وڏا ويس ورن،
منجهہ مرڪيس من، سوڍي سين سنگ ٿيو.

نظري منظر ۾ ڪاڪ محل جي نارين جي سونهن، سندن بدن وارن ۽ ڪنن ۾ سون جون واليون رنگن واري عڪسن ۽ پانن جي پن جهڙا ساوا ويس وڳا ۽ سنگهڻ واري عڪس ۾ عطر، عنبير ۽ چندن جي خوشبوءِ جا منظر ابرن ٿا. اهو منظر کي بيان ڪرڻ ۽ ڏيکارڻ جو منفرد انداز آهي تہ هڪ ئي وقت ۾ ٽن مختلف قسمن جا منظر ڏيکاريا وڃن.

شمع ٻاريندي شب، پرهہ ٻاڪون ڪيون،
موٽ مران ٿي مينڌرا، راٺا ڪارڻ رب،
تنهنجي تات طلب، ڪانگ اڏاير ڪاڪ جا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner



شمع ٻاريندي شب، پرهه ٻاڪون ڪيون،
موٽ مران ٿي ميندرا، راڻا ڪارڻ رب،
تنهنجي تات طلب، ڪانگ اڏايم ڪاڪ جا.
(سر مومل راڻو)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سڄي رات مومل، مينڌري جي انتظار ۾ ويهي ڪاٽي آهي. شمعون ٻاريندي رهي آهي. انتظار واري ڪيفيت جو منظر شمع ٻرڻ ۽ اماس رات جو منظر ۽ ان بعد وري هلڪي سهائي. ٻاڪ ڦٽي رهي آهي. صبح جو وهائو تارو نڪتو آهي. سنهيا سنهيا تارا غائب ٿي رهيا آهن. هڪ اڪيلي عورت مجبور روئي رهي آهي. اهڙي قسم جو منظر ڪو چترڪار به اهڙي ڪيفيت واري انداز سان چٽي ڪو نه ٿو سگهي. ڇاڪاڻ ته هي Still photography نه پر Moving photography آهي. جڻ ته سڄي رات جي پريل مووي Movie هلي رهي آهي. انتظار ۽ تڙپ کي بيان ڪرڻ ۽ ان کي ان ئي انداز سان محسوس ڪرائڻ ۽ عڪس ڏيکارڻ جو ڏانءُ صرف شاهه صاحب وٽ ئي ايترو سگهارو ٿي سگهي ٿو.

رات جي انتظار جو هڪ ٻيو منظر. جنهن ۾ تارا، ڪتيون، ٽيڙو ۽ نکٽ پڻ صاف نظر اچن ٿا. اونداهي رات ۾ مومل، پاهر راتي جي اوسيڙي ۾ ويٺي آهي. بيت پڙهي ڏسو.

ڪتين ڪر موڙيا، ٽيڙو ايا ٽيئي،
راڻو رات نه آئيو، ويل ٽري ويئي،
ڪوءِ سا ڪاٽي راتڙي پريـنءَ ريءَ پيئي،
مون کي ڏنءُ ڏيئي، وجي ڊوليو ۽ ڏٽ قراريو.

اماس رات ۾ سمورن نکٽن سميت، بيوس ۽ بيقرار انتظار ۾ ويٺل مومل. آهي ته مڪمل عڪس. اهڙو عڪس جنهن کي بيان ڪرڻ جي ڪا به ضرورت نه آهي. پڙهندڙ ان کي صرف گهرائيءَ سان محسوس ئي ڪري سگهي ٿو.

ڪاڪ ڪڙهي، وڻ ويا، ٻريا رنگ رتول،
تو پڇاٽا سپرين، هينئڙي اچن هول،
جي مون سين ڪيئه قول، سي سگها پاڙج سپرين.

اڳ ته مومل رنگين ڪپڙا پائيندي هئي. عطر ۽ عنبير لڳائي سموري وايو منڊل کي خوشبوءِ سان واسي ڇڏيندي هئي. ڪاڪا محل ۾ مختلف قسمن

جا گل ٽڙيل هوندا هئا. پر جڏهن ميندري راڻي مومل کي ڌاڳ جو ڏنءَ ڏنو تہ مومل ساريون راتيون جاڳندي گذارڻ لڳي. هاڻي ڪاڪ محل سان سندس دلچسپي ختم ٿي ويئي. سندس ويس وڳا، عطر عنبير ۽ چندن پريل چوٽا سڀ وسري ويا اٿس. سمورو وايو منڊل ويران ۽ اجڙيل آهي. هاڻي ڪاڪ محل تي مايوسين واسو ڪيو آهي. مومل جي ماڙيءَ جا سڀ گل ڪومائجي ويا آهن. ٻاڻي نہ ملڻ ڪري وڻ سڪي ٺوٺ ٿي ويا آهن. يعني بهار جي مند ۾ ٻہ سرءُ جو نقشو اپريل آهي. جنهن موجب نہ وڻن ۾ پن آهن ۽ نہ ٻوٽن ۾ گل. اهڙي قسم جو وايو منڊل پسي مومل جي اندر ۾ ڊپ ۽ حراس جا اڏما ٿا اٿن. چاڪاڻ تہ ڪاڪ جا سڀ رنگ رتول سڙي خاڪ ٿي ويا آهن.

اهو تہ ڪاڪ محل جو ٻاهريون ڏيک هو. اڃو تہ ڪاڪ محل جو اندريون ڏيک ڏسون. جنهن ۾ مومل جو اهو ڪمرو بہ پيو پسجي جنهن ۾ مومل ۽ ميندرو رهاڻيون رچائيندا هئا.

رُئان تي راتا، هنڌ نهاريو حجرا،
پئي کِهہُ ڪتن تي، تيا پلنگ پراٽا،
ڏريا ٿي ڏوڙ تيا، ور ريءَ وهاٽا،
جايون، گل، جبات، وڻ، تو رءِ ڪوماٽا،
ميندرا ماٺا، تو رءِ ڪنديس ڪِن سين.

توجهہ ۽ ڌيان نہ هئڻ ڪري ڪاڪ محل جا ٻاهريان وڻ ۽ گل تہ سڙي خاڪ ٿي ويا پر هاڻي محل اندر ڪتن تي بہ مٽي پٽجي ويل پئي نظر اچي. مومل حجرن ۾ انهن مٽيءَ پريل هنڌن ۽ بسترن کي ڏسي روئي رهي آهي. ڪٽن جي چادرن ۽ وهاڻن تي مٽي چاول آهي. سڀ جايون پڙيانگ لڳيون پيون آهن. اڳيون ڇهڇٽو ختم ٿي چڪو آهي. گل ۽ وڻ سڙي سڪي ويا آهن. مطلب تہ مڪمل ويراني ۽ سڃ جو منظر آهي. جنهن کي ڏسڻ سان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مومل سان همدردي ٿيو پوي.

هن سر ۾ شاهه صاحب ايتري تہ سگهاري منظر نگاري ڪئي آهي جو ائين ٿو محسوس ٿئي تہ ڄڻ پاڻ ڪئميرائون ڪئي شروع کان آخر تائين ڪئي Moving photography وسيلي ۽ ڪٿي Still photography وسيلي منظر چوندا آهن. اهوئي سبب آهي جو وڏيڪ سوز ۽ گداز ۽ وڇوڙو ۽ ڏک هن ئي سر ۾ آهي. اگر هي سر پنهنجي صحيح وقت تي ڳايو وڃي تہ ٻڌندڙ بي اختيار روئي پوندا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner



جيــهـا جـي تــيـهـا، مــون مــارو مـجـيـا،
مون جيڏيون ملير ۾، چونـديـن مـوڪ ميـهـا،
منهنجي آهـ اها، ڪڏهن ڪيرائيندي ڪوٽ کي.
(سرمارئي)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ۱۴- سر مارئي

مارئي، پالڻي نالي هڪ ٿري پنهوار جي ڌيءَ هئي. سندس ماءُ جو نالو ماڏوئي هو. وٽن ڦوڳ نالي هڪ هاري ڪم ڪندو هو. مارئي جڏهن جوڀن تي رسي تہ مٿس مست ٿي پيو ۽ هڪ ڏينهن مارئيءَ جي پيءُ کان مارئيءَ جو سڱ گهريائين. جيئن تہ مارئيءَ جو مڱڻو اڳي ئي سندس هڪ نياتيءَ کيت سان ٿيل هو. سو مارئيءَ جي پيءُ صاف انڪار ڪري ڇڏيو. جنهن تي ڦوڳ کي ڏاڍي ڪاوڙ آئي ۽ وير وٺڻ لاءِ پهہ پچائڻ لڳو. نيٺ عمرڪوٽ جي بادشاهہ عمر سومري وٽ ڪهي ويو ۽ ساڻس مارئيءَ جي سونهن جي ساراهہ ڪيائين. جنهن ڪري عمر سومرو مارئيءَ تي اڻ ڏٺو عاشق ٿي پيو.

هڪ ڏينهن عمر ويس بدلائي ڦوڳ سان گڏجي، اٺ تي چڙهي مارئيءَ جي اصل ڳوٺ پالوا وٽي نڪتو. مارئيءَ کي زوري وٺي ڪوهہ تان کنيائين ۽ کڻي اچي پنهنجي حويليءَ ۾ رکيائين. اوچن ڪپڙن، پٽن پٽيهرن، ماڙين، محلن ۽ اچن طعامن جون آڇون ڪيائين پر مارئيءَ جي من ۾ ميرو محبوب ئي موچارو هو. سو عمر جي آڇن ۽ لالچن اڳيان آڻ نہ مڃائين.

نہ کائڻ ۽ نہ پيئڻ ڪري سندس حالت ويئي ڏينهون ڏينهن نجهرندي. هوءَ مارن کي ياد ڪري پيئي قيدن ۽ ڪوٽن ۾ ڪڙهندي هئي ۽ سدائين روئندي رهندي هئي.

عمر ڏٺو تہ مارئي ڪو نہ مڃيندي ۽ روز روز روئي هڪ ڏينهن مري ويندي سو تہ مان مارئي جي مائٽن کي گهرائي کين انعام اڪرام ڏيئي مارئي موٽائي ڏنائين. مارئي ڳوٺ ۾ خوش گذارڻ لڳي پر سندس مڙس کيت کي شڪ ٿي پيو تہ مارئيءَ جو سيل سلامت ناهي! سو ڳوٺ وارن جي فيصلي مطابق ڪانئس امتحان ورتو ويو. جنهن مطابق لوهہ جي شيخ کي باهہ ۾ ڳاڙهو ڪري، سندس هٿ ۾ ڏني ويئي پر کيس ڪجهہ ڪو نہ ٿيو. اها

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

حالت ڏسي عمر به (جيڪو ان وقت اتي موجود هو) ساڳيءَ باهه ۾ تپو ڏنو پر ڪيس به ڪجهه ڪو نه ٿيو. ان ڪان پوءِ ڪيت ڪي ۽ ٻين مارن کي مارئي تي مڪمل يقين ٿي ويو. چون ٿا ته مارئيءَ ان ڪان پوءِ واري حياتي خوشيءَ سان گهاري.

مارئيءَ جي ان داستان کي سامهون رکي شاهه صاحب هيءُ سر رچيو آهي. جنهن ۾ وطن جي حب ڪان سواءِ ڪيئي روحاني راز به سمجهيا اٿس. هن سر ۾ قرآن شريف جون آيتون ۽ حديثون ٻين سرن ڪان وڌيڪ استعمال ۾ آنديون اٿس.

منظرن ۾ وري هن سر ۾ ڪوٽن ۽ قيدن، پٽن پٽيهرن رنگين ڪپڙن ڪاڻن ۽ طعامن ۽ مارئيءَ جي ملڪ ملير جي مڪمل منظرنگاري، مينهن، بارشن ڪنوٽين، ساون گاهن، مارن جي مالن جا مڪمل منظر بيان ڪيل آهن.

ٿر تر اندر تاڪ، عمر ماروئڙن جا،
لاٿائون لطيف چئي، متان لوئي لاڪ،
عمر ڪريمِ آڪَ، ڀريو ٿي پن چران.

مارئي مجبوريءَ وچان عمر کي منتون ڪري رهي آهي ۽ هن منظر اندر عمر کي مارئي هڪ پيو منظر ڏيکاري ٿي. جنهن ۾ ماروئڙن جون ٻڻن متان پونگيون ۽ گهر نظر اچن ٿا. ٻڻن تي مينهن وٺل آهن. پر ڪين مارئيءَ جي اغوا ٿيڻ جو ايترو ڏک آهي جو لوئيءَ متان لاڪ به لاهي ڦٽي ڪئي اٿن. جاڪاڻ ته لاڪ جو رنگ خوشيءَ جي علامت آهي. هو خوش نه آهن. ان ڪري پنهنجي لوئين تان لاڪ لاهي ڦٽي ڪئي اٿن. مارئي عمر کي ايلاز ڪندي چوي ٿي ته اي عمر! مون کي موڪل ڏي ته مارن جي مال کي ڀهرائي وچي چارو ڪرايان.

هن بيت ۾ مينهن جي وسڻ جو پس منظر ۽ مارن جي پونگين ۽ جهڳين جو منظر، لوئيءَ متان لٿل لاڪ جو منظر ۽ مال جي ڌڻن ۽ ولرن جا مختلف منظر آهن.

ڪوٽن جي اندر مارئيءَ جي ڪهڙي حالت آهي. ڪيس عمر جي قيد ۾ رهندي ڪيترائي ڏينهن گذري ويا آهن. سندس لٽا ليڙ ليڙون ٿي ويا آهن،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

بلڪل اٿيا ۽ سندس پيرن ۾ پيل زنجير سندس اداسي ۽ مايوسيءَ جي منظر واري تصوير کي وڌيڪ مڪمل ۽ چٽو ڪن ٿيون. جنهن ڪري هڪ عورت جو قيد هئڻ ڪري منهن لتل هئڻ لازمي امر بنجي وڃڻ سبب. اهي سڀ نشانيون ضروري آهن.

سندس ساڳي مجبوري ۽ بيوسي واري حالت جي فوٽوگرافي ڪجھ بدليل نموني سان، ٿيل آهي، سا ڏسو.

ٻُڇيءَ ڳانا لوھ جا، زيريون ۽ زنجير،
پيڪڙا پيرن ۾، ڪوٺين اندر ڪير،
چاري چوغانن ۾، واهت ڪن وزير،
چَنِ نہ چجي آهيان، اهڙيءَ ست سرير،
مارو چار ملير، پيچ ڪي پنوهارِ ڪي.

مارئيءَ کي ٻچيءَ ۾ لوھ جا ڪڙا پيل آهن ۽ ان جي هيٺان ڪڙيونءِ زنجيرون پيل اٿس. پيرن ۾ بيڙيون پيل اٿس. ڪوٺين ۾ ڪلا لڳل آهن. يعني دروازن تي جيل وانگر لوهيون شيخون لڳل آهن. وزير ۽ دربان دروازن تي چوڪيداري تا ڪن. مارئيءَ کي پنهنجي سرير کان ڊپ ٿي رهيو آهي. هوءَ بيزاريءَ جي ڪيفيت ۾ وِيڙهل آهي. ائين تو لڳي جڻ اکين سامهون ڪنهن اسڪرين تي مووي هلي رهي آهي. اهڙي قسم جي مڪمل عڪاسي ٻئي ڪنهن شاعر وٽ نظميہ انداز ۾ ڏسڻ ۾ ڪا نہ ٿي اچي.

مــتي ٽيڪ ٽيڪڙا چڪندڙا اچـن،
ڪڙيون ڪھ ڀَڪَليون، پگهر سِرِ پيـرن،
ايءَ وڙ ويڙهيچن، مون لوڏان ئي لَـڪِيا.

مارئي پنهنجي مارن جي لوڏ ڏسي سهي ڪيو تہ اها لوڏ سندس ئي پنوهارن جي آهي.هو مٿن تي وڏا ۽ ننڍا ڪارا ڪنيو ٿا اچن. سندس جسمن مان پگهر ٽمندو ٿو اچي. مارئيءَ جي پنوهارن جي پيرن کي پگهر سبب ڏڏڙ يا سنهي مٽي چنبڙيل آهي ۽ مٽي کان وٺي پيرن تائين پگهر ۾ پسيل آهن. مشاهدي جي باريڪي ڏسو تہ جڏهن سخت پورهئي جي ڪري جسم مان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پکڙ وهي پيرن تائين ايندو آهي تڏهن پيرن جي آلاڻ سبب اگهاڙن پيرن تي مٽي ۽ ڌوڙ ڄمي بيهندي آهي. اها تمام ويجهي کان ويجهي فوٽوگرافي آهي.جنهن ۾ پيرن تي چاول سنهي مٽي يا ڪِهه نظر پئي اچي،

مينهن جي مند ۾ جڏهن بارش پوي ٿي تہ گپ ۽ چڪ تيو پوي. گاهہ ڦٽي نڪرن ٿا. ان بارش جي پاڻيءَ مان پنوهاريون وٺا ۽ ٻڪ پري پيئن ٿيون. بارش ۽ ان ڪانپوءِ ٿيندڙ گپ چڪ ۽ پنوهارين جي چاڳن ۽ چلولاين ۽ خوشين جي تصوير ڏسو.

جهڙ ڦڙ مٿي مارئين، جت چيـها چلڙچـڪ،
اندر ٿو اڄ مري، ســاهہ انيـن جـي ســڪ،
پيئون شال پهيون پري، تئــان ڏيئـي تِـڪ،
ور پريان سين پِڪ، ٻيا پاڻ پريائي گهوريا.



هٿين، پيرين، آرڪٽين، مور نہ مهاڻي،
سمي سڃاڻي ٻيڙو ٻڌس ٻانهن ۾.
(سرڪاموڏ)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ١٥- سر ڪاموڏ

نوري ذات جي مهاڻي هئي. نوريءَ سندس ذات وارا ڪينجهر تي مڇيون ماريندا هئا. ان دور ۾ سنڌ تي سمي گهراڻي جو هاڪارو حاڪم ڄام تماچي حڪومت ڪندو هو.

مهاڻا مڇي ماريندا هئا ۽ سندن زالون مڇي ڪٺي واڻ تي ويهنديون هيون ۽ اهي مڇيون وڪڻي پيٽ گذر ڪندا هئا. مهاڻن جا جسم ڪارا ڪوجها ۽ بدبودار هئا. پر نوريءَ جو حسن فقير جي گودڙيءَ ۾ لال وانگر هئو. نوريءَ جو حسن واقعي نوراني هو.

هڪ ڏينهن ڄام تماچي ٻيڙيءَ ۾ چڙهي ڪينجهر جو سير ڪري پئي ڪيو تہ سندن نظر وڃي نوريءَ تي پئي. ڄام تماچي ڏسڻ شرط مٿس موهت ٿي پيو. مهاڻن کان نوريءَ جو سڱ گهريائين، جن ٻڌڻ شرط "ها" ڪئي. ان بعد نوريءَ سان شادي ڪيائين.

نوريءَ سنڌراڻيءَ بڻجڻ کانپوءِ بہ ڪا وڏائي ڪا نہ ڪئي ۽ هميشہ نياز، نهٺائي ۽ نوڙت سان رهندي هئي.

هن سر ۾ شاهہ صاحب هڪ طرف سنڌ جي راڄا جي واکاڻ ڪئي آهي. جنهن مطابق هن راڄا هوندي بہ هڪ مهاڻي ۽ گندري غريب سان شادي ڪئي ۽ کيس پٽ راڻي بڻايو. جنهن ڪري ان مروج رسم جي ٽٽڻ جو سنديش ملي ٿو تہ هڪ حڪمران گهراڻي جو فرد ڪنهن انتهائي غريب ۽ مفلس ڇوڪريءَ سان شادي ڪري سگهي ٿو تہ ٻئي طرف وري نوريءَ جي نياز ۽ نوڙت جو ذڪر ڪيو اٿس.

> "لفظ "ڪاموڏ" سنسڪرت لفظ "ڪامودا" جي بگڙيل صورت آهي. جنهن جو مطلب آهي "ڪام يا پريم وهيئي". ڪامودا ديپڪ راڳ جي پنجن استرين مان هڪ آهيءَ سمپورڻ راڳڻي آهي، جيڪا ٻنپهرن جو ڳائبي آهي. هن سر ۾ ڪي وصل جي ميلاپ جي

www.sindhsalamat.com		books.sindhsalamat.com		Scanned with CamScanner

وائي آهي"(١٩)

هن سر جي منظر نگاريءَ ۾ شاهه صاحب ڪينجهر ڍنڍ، مڇين، مڇين جي ڪڪيءَ واريءَ ڏپ، مهاڻين جي بدبو هاڻن ڪپڙن، ڪڪيءَ هاڻن ڪارن ۽ ڇيڄي هاڻن ڇڄن جو ذڪر ڪيو آهي. خصوصاً مهاڻين جي مهاندن ۽ انهن جي رنگ جو ذڪر چٽائيءَ سان ڪيو اٿس.

ڪاريون، ڪوجهيون ڪوڙيون، مور نه موچاريون،
وني ويڻيون واٽ تي، ڪڪيءَ جون ڪاريون،
انِين جون آريون، سمي ريءَ ڪير سهي.

مهاڻيون رنگن جون ڪاريون۽ ڪوجهيون آهن. سندس چهرا خوبصورت نه آهن. مطلب ته ڪنهن لاءِ پرڪشش نه آهن. اُهي واٽ تي ڪڪيءَ سان يعني مڇيءَ سان ڀريل ڪاريون ڪنيون ويٺيون آهن. هڪ مڪمل تصوير آهي. جنهن ۾ مهاڻيون مڇيءَ جا ڪارا ڪنيون ويٺل ڏيون نظر اچن.

جون تا ته مائيڪل اينجليو جون پينٽنگس يا پورٽريٽ ماڻهن ۾ تمام گهڻا مشهور ۽ مقبول هئا. پر مائيڪل پاڻ پنهنجي تيار ڪيل تصويرن کان مطمئن نه هو. گهڻي ڪوشش ۽ محنت کانپوءِ هڪ تصوير ٺاهيائين. جنهن ۾ ڪٽڪ جي ان جا هاريل داڻا به ڏيکاريل هئا ۽ تصوير جي تڪميل کانپوءِ اها ڪٽي ٻاهر رکيائين. ٿوري دير کانپوءِ ڪجهه جهرڪيون ان تصوير جي مٿان پنهنجون چنهنبون هڻڻ لڳيون. تڏهن مائيڪل اينجليو چيو ته هاڻي مان پنهنجي فن کان مطمئن آهيان.

مطلب ته منظرنگاري يا تصوير ڪشي اهڙي هئڻ گهرجي، جنهن تي مڪمل حقيقت جو گمان ٿئي. يعني ڪو به نظارو پيش ڪرڻ لاءِ ضروري آهي ته منجهس نه ته گهٽو وڌاءُ ٿيل هجي ۽ نه ئي گهٽائي بيان ڪيل هجي. مڪمل لفظن ۾ سگهاري انداز سان ان ڪي اهڙيءَ ريت بيان ڪجي جو ائين پيو محسوس ٿئي ته ڄڻ اهو منظر اسان جي سامهون ان ئي حالت ۾ گذري رهيو آهي.

نظميه ادب ۾ اسان جي شاعرن مان مٿين خوبي پوريءَ سگهه ۽ سچائيءَ سان صرف شاهه صاحب ۾ ئي نظر اچي ٿي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مثلاً هيٺيون بيت پڙهو.

هيٺ جر، مٿي مجر، پاسي ۾ وٽـراهـ،
اڇـي وچـي وچ ۾، تماچيءَ جي سـاءَ،
لڳي اتر واءَ، تـہ ڪـينجهر هندورو ٿئي.

هيٺ اوجل پاڻي آهي ۽ پاڻيءَ مٿان وٽن جون ٽاريون نميل آهن ۽ پاسن کان ٻيا وڻ، گاهه، گل ۽ ٻوٽا آهن. جن کي شاهه صاحب "وٽراهه" لفظ ۾ سمائي ڇڏيو آهي. نوري، ڄام تماچيءَ جي صحبت جو رس وٺڻ لاءِ هيڏانهن هوڏانهن ٻيڙيءَ ۾ چڙهي سير پٽي ڪري ۽ اتر جي واءُ لڳڻ ڪري ڪينجهر جي اوجل، جل ۾ ٻيڙي هندوري وانگر جهومي ۽ لڏي رهي آهي. ڏسو تہ ڪيتري نہ مڪمل ۽ فطري تصوير ڪشي ڪيل آهي. نہ منجهس ڪا گهٽتائي آهي ۽ نہ ئي وري منجهس ڪنهن قسم جو وڌاءُ ٿيل آهن.

ساڳئي قسم جو هڪ ٻيو بيت آهي، جنهن ۾ جر جي مٿان وٽن جي ٽارين ڪي جهڪيل ڏيکاريل آهي ۽ جذبات ۽ جماليات جي اپار لاءِ وري ڪنول جي گلن کي ڪينجهر جي ڪنڌيءَ تي ٽلندي ڏيکاريل آهي. نہ صرف ايترو پر ڇيٽ جي مند جو احساس ۽ ان مند ۾ گلن جي سڳنڌ جو احساس پڻ مڪمل طرح ڏياريل آهي. بيت پڙهي ڏسو.

هيٺ جر، مٿي مجر ڪنڌيءَ ڪـونئر تـرن،
ورئي واهوندن، ڪـينجهر ڪٽوري ٿئي.

وري هيٺ ڏسو تہ مهاڻن جي مختصر لباس جي تصوير ڪشي ڪيئن ڪيل آهي.

گند جنين جي گوڏ ۾، پاهوڙا پوشاڪ،
انهن جي اوطاق، راجا ريـجـهـي آئيـو.

مهاڻن جي جسمن تي صرف هڪ گوڏ آهي. جنهن ۾ گنب ۽ لوڙهه رکيل آهن. سندن باقي ٻئي جسم کي پاهوڙن جا پن ڇهتيل يا ڇنبڙيل آهن. جن کي شاهه لطيف انهن جي پوشاڪ ڪري سڏيو آهي. مشاهداتي ڪئميرا جي باريڪ بيني تہ ڏسو تہ پاڻيءَ ۾ لڳاتار ترڻ سان ۽ سڄو ڏينهن مڇيون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مارڻ ڪري پاڀوڙن جا ٻ ٻين ولين جا چنل پن جسم ڪي چنبڙي پوندا آهن. انهن پن جي چنبڙي پوڻ کي شاهه لطيف جي لفظي ڪئميرا ڪيترو نه ويجهو سان فوڪس ڪيو آهي.

ڄام تماچي هڪ ڏينهن سيني راڻين کي چيو ته توهان تيار ٿي ويهجو. جنهن کي منهنجي دل چاهيو يعني جنهن جي سونهن سيني کان سرس هوندي، تنهن کي مان سير تي وٺي ويندس. سيئي سميون راڻيون ڏاڍا هارسينگار ڪري وينيون پر نوري تمام سادي لباس ۾ ڏاڍي نياز ۽ نوڙت سان ويٺي هئي. ان اندرين "سين" يعني نظاري کي شاهه صاحب ڪيترو جلديءَ سان ڪئچ Catch ڪيو آهي.

پاڀوڙو پيش ڪيو، نئون نوريءَ نيئي،
حاضر هيون هيڪيون، سميون سيئي،
نوازي نيئي، گاڏيءَ چاڙهي گندري.

يا وري ان نظاري کي ٻين لفظن ۾ هيئن به بيان ڪيو اٿس.

سميون ڪري سينگار، راءُ ريجهائڻ آئيون.
ڄام هٿ ۾ ڄار، ڄلي ڄهيرن وچ ۾.

تخيل جي مدد سان تشبيهي طور نظاري ۽ خيال کي سگهارو بنائڻ لاءِ ڄام تماچيءَ جي هٿ ۾ ڄار ڏنو ويو آهي ۽ ٻئي طرف ڄام جون مڙيئي سميون راڻيون هار سينگار ڪيو هڪيون بيٺل آهن ته جيئن راجا کي ريجهائي سگهن، پر نوري واري طرف واري پڙ کي وزني ڏيکارڻ لاءِ شاهه صاحب، ڄام تماچيءَ کي ميربحرن سان گڏ بيهاريو آهي.


Scanned with CamScanner

# ١٦- سر گهاتو

”گهاتو“ سنسڪرت جو لفظ آهي معنيٰ اٿس ”مڇيءَ مار“ هن سر ۾ مڇيءَ مارن جو ذڪر ٿو اچي. جنهن ڪري مٿس اهو نالو رکيو ويو آهي“(٢٠)

”هن سر جو اصل قصو هيئن آهي ته راجا دلوراءِ جي زماني ۾ اوپائي نالي هڪ ميربحر سون مياڻي ۾ رهندو هو. ڪيس ست پٽ هئا. ڇهه پائر جوڙا جواب هئا. باقي مورڙو جسم ۾ جڏو هو. مورڙي کي ڀيا پائر گهر جي سنڀال لاءِ ڇڏي پاڻ مڇي مارڻ هليا ويندا هئا. هڪ ڏينهن قضا سان هو ڪلاچيءَ جي ڪُن ۾ وڃي اڙيا ۽ ٻيڙي سوڌا درياءَ ۾ غرق ٿي ويا. اتي هڪ مانگر مڇ رهندو هو. جيڪو ڪين بر وقت ڳڙڪائي ويو. جڏهن گهاتو گهر نه موٽيا، تڏهن سيني کي فڪر ٿي پيو. نيٺ مورڙو مڇئو ڪٺي سندن تلاش ۾ ويو. ڪيس جهٽ معلوم ٿي ويو ته سندس پائرن سان ڪهڙو قهر ٿيو آهي.

مورڙو عقل ۾ اڪابر هو. هن پنهنجي عزيزن سان صلاح ڪري هڪ لوهو پڃرو تيار ڪرايو. جنهن جي ٻاهرين پاسي ڪيترائي ڪُنڊا ۽ ڪل لڳل هئا. جن مان هر هڪ کي ريشمي رسو وٺيل هو ۽ سمورا رسا وري هڪ پاڃاريءَ ۾ ٻڌل هئا. ڪلاچيءَ جي ڪُن وٽ پهچڻ شرط مورڙو پاڻ ان پڃري ۾ ويهي رهيو. همراهن کي چيائين ته پڃري کي ڪُن ۾ ڪيرايو. جڏهن رسا لڏندا ڏسو تڏهن ان کي ڇڪي ٻاهر ڪيجو. هوڏانهن مانگر مڇ به تيار ويٺو هو. جيئن ئي وات کولي مورڙي کي ڳڙڪائڻ جي ڪيائين، تيئن ئي ڄاڙين ۾ وڃي ڪل ۽ ڪُنڊا اٽڪيس. مورڙي بروقت رسا لوڏيا. سندس همراهن سانن سان پاڃارين جوٽي انهن جي ٻڌن تي ٻريل موڪا رکيا. سان وٺي ڀڳا ۽ مانگر مڇ گهلجي سُڪيءَ تي آيو. پوءِ ته ٻري تي ٻچ ٿي ويئي، ماري پورو ڪياڻونس. مورڙو صحيح سلامت ٻاهر نڪري آيو. مڇ جو پيٽ چيري ان مان پائرن جا ڪرنگهر ڪڍيائين ۽ وڃي هڪ جبل جي دامن ۾ دفن ڪيائين ۽ پاڻ پوءِ مجاور ٿي ويهي رهيو“(٢١)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اهو مقام ڪراچي ۾ گلبائي ۾ اڃان تائين قائم آهي ۽ مورڙي سميت سندس ڇهن ڀائرن جون قبرون رستي جي هڪ چوسول جي وچ ۾ آهن.

هن سر جي منظرن ۾ مها ساگر ۽ ان جي خوفناڪ لهرن، ان جي خوفن خطرن، گهرن ڪُن، تيز وهڪرن، مهاڻن جي شڪلين، چارن رڇن ۽ ڪلاچيءَ جي ڪُن جون تصويرون ڪڍيون ويون آهن. مثلاً ڪلاچيءَ جي ڪُن جي دهشت جي فوٽو گرافي هيئن ريت ٿيل آهي.

ماڪ ڀڃائيا مولهيا، متان رات پئي،
اولين اڇهڻ لڳيون، ويا ونجهه وهي،
ڪلاچيان ڪهي، ڪڏهن ڪو نہ آئيو.

انهن بهادر مڙسن جون پڳون ماڪ ۾ ڀنل آهن. متان رات اچي رهي آهي. يعني سج لهڻ کان پوءِ جو منظر آهي. ان بعد منظر آهستي آهستي ڀوائتو ٿي رهيو آهي. ٻيڙين جا ڳن ۽ ويٺا لڙهڻ لڳا آهن. چاڪاڻ تہ ڪلاچيءَ جي ڪُن جي لهرن مان ڪير بہ بچي نہ ٿو سگهي. مڙسن جا منهن وڙهندي ۽ پنهنجو بچاءُ ڪندي ٿڪل تا ڏسجن. تيز لهرن ۽ وهڪري سبب ونجهہ بہ اونهي ڪن ۾ وهي ويا آهن، ٻيڙي ۽ ٻيڙي تي سوار مڙدن جو بچڻ مشڪل آهي. اهڙي قسم جي منظر سان لاڳاپيل هڪ ٻيو بيت پڙهو.

ڪالهہ ڪلاچيءَ ويا، چتيون ڪٽي چڳير،
ڀائرن ڦيرو نہ ڪيو، ادَنِ ڪئي اوير،
اهڙي خاص ڪير، ڪُن ورائي جهلي.

پڳون ٻڌل ملاح، وڏا ڀالا ڪٽي ڪلاچيءَ جي ڪُن ڏانهن ويا. ڀائر (مورڙي جي ڀائرن) موٽ نہ ڪئي. ادن دير لاتي آهي. اهڙي موچاري ٽوليءَ کي ڪنهن ڪُن ڦيرو ڪائي روڪي ڇڏيو آهي.

مٿين بيت جي منظر ۾ مردن بهادرن جي هٿن ۾ ڀالا ڏيکاريل آهن پر منظر جي چٽائيءَ لاءِ انهن جوانن جي مٿن تي پڳون ٻڌل بہ ڏيکاريل آهن. ساڳئي وقت ٻيو منظر ڪنن جي ڦيرن ۽ ورن وڪڙن جو پڻ ڏيکاريو ويو آهي.

جن کي ڪلاچيءَ جي ڪُن روڪي وڌو، انهن مان ڪنهن هڪ جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وني، ڪُن جو ڪنارو وني رلندي تي وتي ۽ انهن جي ورڻ جي واٽ پئي نهاري. انهن جي اوسيئڙي ۾ هيڏانهن هوڏانهن پتڪي رهي آهي. منظر ته ڏسو ته ڇڻ اکين آڏو اجهو هاڻي ڪو واقعو ٿي رهيو آهي يا گذري رهيو آهي. مٿس حقيقت جو گمان غالب پئجي ٿو وڃي، ڇاڪاڻ ته ڪناري تي ۽ خصوصاً اس ۾ بيهي رلڻ وارو منظر ان کي فطري بڻائي ٿو.

بيت پڙهي ڏسو.

ايي، اوسڙان اس ۾، جهليو ڪن ڪنار،
گهاتو گهر نه آئيا، وڏي لڳن وار،
هُيس جنين هار، سي موڙي چڙهيا مڪڙا.

وري ٻئي منظر جو بيان هينئين بيت ۾ پڙهي ڏسو.

جتي گهوريو گهاتئين، تتي واريءَ ٻٽ،
سهسين ساتيءَ مٿ، سَرَ سُڪو سونگي گيا.

هن بيت ۾ هڪ منظر ته ماضيءَ واي وقت جو پيش ٿيل آهي. جتي گهاتو يا ميچيءَ مارا مهاڻا رڄ وجهي مڇيون ماريندا هئا ۽ سمونڊ ۾ عميق پاڻي هوندو هو. اتي اڱ محصول اڳاڙيندڙ به هئا ۽ وڏا جَنگ واپاري به هئا. مطلب ته ڏاڍي رونق لڳل هوندي هئي. يعني هي مٿيون منظر صرف خيال ذريعي ڏيکاريو ويو آهي. پر موجوده وقت جي منظر ۾ اتي واري پئي ورواڪا ڏيئي. سمونڊ سڪي ٻٽ بڻجي ويو آهي. محصول اڳاڙيندڙ به هليا ويا آهن. مطلب ته اکين پيٽئين هاڻي سج پئي ورواڪا ڪري.

آخر ۾ مڇ کي مارڻ لاءِ موروڙو پاڻ ڏوريندو اونهي سمونڊ ۾ گهڙي مڇ کي پيو ڳولي. آخر ڪيس ڳولي لڌو اتس ۽ ان بعد مڇ کي ٻاهر سڪي تي ڪڍي ڪيس ماريو ويو آهي. اتي مڙني مهاڻن جا چهرا خوشيءَ مان ٻهڪن ٿا. ڇاڪاڻ ته روزگار جو ذريعو ان بري بند ڪري ڇڏيو هو. هاڻي سندن روزگار جا موقعا وري کليا آهن. هاڻي وري مهاڻن جا منهن سرها پيا نظر اچن.

گهوريندي گهور پيا، اگهور گهوريائون،
ميڪر مارياڻون، ملاحن منهن ڪر سَنرا.


Scanned with CamScanner



پرديسان پنڌ ڪري، هلي آيو هيءُ،
مال نہ گهري، مڱڻو، جاچڪ گهري جيءُ،
"وڍ! وهلو ٿيءُ، ساعت صبر نہ سهان."
(سر سورٺ)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ١٧- سر سورٺ

ڪنهن زماني ۾ راءِ ڏياچ نالي هڪ راجا جهوناڳڙه تي راڄ ڪندو هو. جنهن کي اولاد ڪانه هئي. هن هڪ ڏينهن ڪنهن فقير کان اولاد لاءِ دعا گهري. درويش کيس دعا ڪئي تہ توکي هڪ پٽ ڄمندو پر اهو تنهنجي ياءُ جو سر وٺندو. اهو ٻڌي هو ڏاڍو پشيمان ٿيو.

نون مهينن ڪانپوءِ کيس هڪ پٽ ڄائو. جنهن کي بروقت هڪ صندوق ۾ تاڪي ڪٽي درياءَ جي حوالي ڪيائين. صندوق لڙهندي وڃي راجا انيراءِ جي ملڪ ۾ نڪتي ۽ اتي هڪ چارڻ ۽ سندس زال کي هٿ آئي. انهن ٻار کي ڪڍي وڃي پاليو ۽ نالو رکيائونس ٻيجل. ٻيجل جڏهن ساماڻو تڏهن مال چارڻ لڳو. هڪ ڏنهن ٻيجل جي ڪن تي هڪ ساز جو من موهيندڙ آلاپ پيو. نظر ڪرڻ تي کيس هڪ وڻ تي ڪنهن مرونءَ جا آنڊا ٽنگيل نظر آيا. آواز اهڙو تہ مٺو هو جو پکي پکڻ ۽ جيوَ جنتر پاڻ وساري اچي اتي ڄم ڪائي ويهي ٿي ويا. حقيقت ۾ ڪنهن درويش هڪ هرڻ جو شڪار ڪري، ان جا آنڊا ڪٽي وڻ ۾ ٽنگيا هئا، جي پوءِ سڪي ساز جو آواز ڪيڻ لڳا هئا. ٻيجل اهي ڪٽي چنگ تي چاڙهيا ۽ چنگ کي وڄائڻ لڳو تہ ڪيترائي جانور اچي ڪني ٿيڻ لڳا. ائين روز هڪ ٻہ هرڻ شڪار ڪري پنهنجي مائٽن جي پالنا ڪندو هو ۽ پوءِ سندس سرندي جي هر هنڌ هاڪ پئجي ويئي.

قضا سان جنهن وقت ٻيجل ڄائو هو، تنهن وقت راجا انيراءِ کي بہ هڪ ڌيءُ ڄائي هئي، جا سندس سٽ ڏيئن ۾ اضافو هئي. خارن وچان راجا ان ڌيءُ کي صندوق ۾ بند ڪرائي درياءَ ۾ لوڙهائي ڇڏيو ۽ اها صندوق راءِ ڏياچ جي ملڪ ۾ رتني نالي هڪ ڪنير کي هٿ آئي، رتنيءَ کي ڪو بہ اولاد ڪونہ هو، سو کيس لاڏ ڪوڏ مان پالي وڏو ڪيائينس ۽ نالو رکيائنس سورٺ. سورٺ جڏهن جوين کي رسي تہ سندس حسن جو ڪوبہ جواب ڪو نہ هو.

سورٺ جي سونهن جي هاڪ ٻڌي راجا انيراءِ رتني کان سڱ گهريو. کيس اها سڌ نہ هئي تہ سورٺ سندس نياڻي هئي. رتنو

جيئن جيئن ڄڃ وٺي تي ويو ته راءِ ڏياچ کي ان جي خبر پئجي ويئي ۽ حقيقت جي پروڙ به پيس ۽ راجا انيراءِ تي ڪيس ڏاڍا خار آيا. رتني کي گهرائي ڏاڍي ملامت ڪيائين ۽ سورٺ کي گهرائي پنهنجي محلات ۾ ويهاريائين.

انيراءِ کي جڏهن اها خبر پئي ته سندس غصي جي حد نه رهي. بروقت وڏو لشڪر ساڻ ڪري جهوناڳڙه تي ڪاهه ڪيائين. پر ٻارهن مهينن جي گهيري ڪان پوءِ به ڪيس سوڀ نصيب نه ٿي. آخر پنهنجي وطن واپس وريو ۽ هڪ ٺالهه مهرن سان ڀري پنهنجي ملڪ ۾ هوڪو ڏياريائين ته جيڪو راءِ ڏياچ جو سر وڍي ايندو تنهن کي هي ٺالهه ملندو ۽ ٻيو به جيڪي چوندو سو لهندو. ٻيجل جي زال مڙس جي غير حاضريءَ ۾ مهرن وارو ٺالهه وٺي رکيو. ٻيجل به لاچار ٿي سرندي کي سنواري جوناڳڙه جي راهه ورتي " (٢٢)

جهوناڳڙه پهچي تند کي اهڙو تپايائين جو راجا جي دل گهائي وڌائين ۽ آخر ۾ راءِ ڏياچ چيس ته گهُر جيڪي گهرڻو گهرڻو هجئي. موقعو ڏسي ٻيجل، راءِ ڏياچ کان سر جي گهُر ڪئي. راجا وچن ڪري ويٺو هو سو پنهنجو سر لاهي ٻيجل کي ڏنائين ۽ ٻيجل اهو سر ڪٽي راجا انيراءِ وٽ آيو. انيراءِ جي دل کي چوٽ رسي ۽ چيائينس ته حيف ٿئي ڪميڻا! تون ٿوري لالچ تي ههڙي سخي سردار جو سر وڍي آيو آهين. هينئر تو هتان ۽ منهنجو ملڪ ڇڏي وڃ" ٻيجل به نهايت پيشمان ٿيو ۽ هوش وڃائي جهوناڳڙه ڏانهن ڊوڙيو. اتي پهچي ڏسي ته سورٺ مچ ۾ پاڻ کي وجهي ستي ٿي رهي آهي ۽ هو پاڻ به آڳ ۾ ڪاهي پيو ۽ سڙي ڀسم ٿي ويو.

الله جي آس ڪري، هـليـو هـٿائيـن،
چارڻ ٻڌا چنگ کي، جهوڙا ۽ جهائين،
ڏولي راءِ ڏياچ جـي، ڏوران ڏنـائيـن،
وينتي واحد در، تنهين وير ڪـيائيـن،
سباجها سائين، راءِ ريجهائين راڳ سين.

هڪ ماڻهو ٻيجل سان ڪٺميرا ڪنيو ڳڌ پيو هلي ۽ ان جو تبصرو به ٻڌائيندو ٿو هلي. هو ڏيکاري ٿو ته ٻيجل هتان (انيراءِ جي ديس مان) هليو آهي. مڳٿهار سرندي کي ٿونٽر ۽ ڪهنڪهرو ٻڌا آهن. هو هلندي هلندي اچي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

راءِ ڏياچ جي ڏيهہ ۾ پهتو آهي. اتي راءِ جو محل ڏنو اٿائين. انهيءَ محل ڏٺيءَ کي وينتي ڪيائين ۽ واليءَ آڏو ويهي پاڌاياڻين. هن جاءِ جي نہ صرف منظر کي سگهارو بڻايو ويو آهي پر ذهن جي تيزي سبب گهري مشاهدي کي بہ عمل ۾ آندو ويو آهي. غور ڪرڻ سان معلوم ٿيندو تہ جڏهن ڪو نندو (سماجي، معاشي ۽ ذهني طور) ماڻهو ڪنهن وڏي ماڻهوءَ وٽ ڪنهن ڪم لاءِ ويندو تہ پهرين تہ دل ۾ دعائون گهرندو ٿي ويندو پر هو جڏهن ان کي سامهون ڏسندو، تڏهن ڪانئس بي اختيار اندر مان ڏٺيءَ در عرض نڪري ويندو. ان صورت ۾ لطيف جي لفظي ڪئميرا ڪيڏي نہ Sharp آهي، جو ان معمولي سيڪنڊ واري اندر جي عرض کي بہ فوڪس ۾ آڻي ڇڏيائين.

ان بعد ٻيجل راڳ تي راءِ کي ريجهائي وڌو. هاڻي راءِ ڏياچ ڪيس پاڻ وٽ گهرايو آهي. ان جاءِ تي شاهہ صاحب جو ڪئميرا مٺن پهچي وڃي ٿو ۽ ٻيجل جي گفتگو کي پنهنجي فوڪس ۾ آڻي ٿو. بيت پڙهي ڏسو.

بيا ور ڏيئي ٻن، آيس تنهنجي در،
سونهارا سورٺ ور، ڪا منهنجي ڪر،
يلا ييري پر، پالهو پاند پينار جو.

پهرين بيت جي منظر ۾ توهان ڏٺو تہ ٻيجل پنهنجو سرندو کڻي انيراءِ جي ديس مان راءِ ڏياچ جي ديس ڏانهن هليو ۽ اتي پهچي واليءَ در وينتي، ڪيائين، ان بعد ٻئي بيت ۾ توهان ٻيجل جي گفتگو ٻڌي. جنهن ۾ راءِ ڏياچ کان سندس سسي گهريائين ۽ ان بعد راءِ ڏياچ پنهنجي سسي لاهي ڏني آهي. راءِ جي سر ڏيڻ کان پوءِ ڇا ٿو وهي واپري اهو آخري (سين) نظارو شاهہ صاحب پنهنجي لفظي ڪئميرا سان اجهو هئين ٿو ڏيکاري.

گل چنو گرنار جو، پَٽَڻَ ٿيو پٽين،
سهسين سورٺ جهڙيون، ايڀون اوسارين،
چوٽا چارڻ هٿ، سرَ سينگاريون ڏين،
ناريون ناڏ ڪرين، راجا رات رمگيو.

راءِ ڏياچ کي گرنار جي گلشن جو گل ڪري چيو ويو آهي. سو

تشبيهي طور آهي. منظر ۾ ڏيکاريل آهي تہ راجا رات پنهنجو سر وڍي مڱڻي کي ڏنو آهي. سسي الڳ ۽ ڏڙ الڳ تو نظر اچي. سندس سسي رت سان پري پئي آهي ۽ وار خراب ٿي ويا اٿس. جيڪي هاٿي ناريون سينگاريو تيون چارڻ کي ڏين. ان کان اڳ روئڻ ۽ روچ راڙي جو منظر آهي. نہ رڳو راءِ جي گهرواريون ناريون روئي رهيون آهن پر سڄو "پٽڻ" شهر (سوراشٽر جي گاديءَ جو هنڌ) پيو روئي. سورٺ سان گڏ پيون بہ انيڪ راڻيون، پانهيون ۽ پايون ورلاپ پيون ڪن.

ان آخري نظاري کي ڏيکاري شاهہ صاحب هن سر جي مووي Movie off (بند) ڪري ٿو.


Scanned with CamScanner

# ۱۸- سر ڪيڏارو

هن سر جو متن ڪربلا جي قضيي مان ورتل آهي. هن سر ۾ شاهه صاحب حضرت امام حسين عليه السلام ۽ ملعون يزيد جي درميان لڳل جنگ جو منظر چٽيو آهي. حضرت امام حسين عليه السلام کي معاويه چالاڪيءَ سان شهيد ڪرائي، خلافت جي مسند تي ويٺو پر ڪيس هميشه حضرت امام حسين عليه السلام کان ڊپ هوندو هو. معاويه جي وفات بعد سندس پٽ يزيد خلافت جي مسند تي قبضو ڪيو ۽ زوريءَ پاڻکي خليفو ظاهر ڪيائين.

معاويه جي وفات کان پوءِ ڪوفين حضرت امام حسين ڏانهن خط لکيا تہ اسان توهان جا تابعدار آهيون. توهان ڪوفي هليا اچو. حضرت امام حسين رضہ الله تعليٰ عنہ کي پنهنجن عزيزن ۽ دوستن، ڪوفين جي پراڻين بيوفائين کان آگاهہ ڪيو پر پاڻ نہ مڃيائون ۽ الله تي توڪل رکي سڄي ڪٽنب سميت پاڻ ڪوفي ڏانهن روانا ٿيا. بابل جي سرحد تي پهچڻ کان پهريائين ڪين خبر پئجي ويئي تہ ڪوفين حضرت امام حسين عليہ السلام سان غداري ڪئي آهي. حضرت امام حسين عليہ السلام جنهن ذوالجناح (گهوڙو) تي سوار هو، اهو گهوڙو جڏهن ماريہ جي ميدانن تي پهتو تہ بيهي رهيو ۽ اڳتي هلڻ کان نابري واريائين. تڏهن امام حسين هڪ ساٿيءَ کان پڇيو تنهن ڪيس ٻڌايو تہ "هيءَ ڪربلا جو ميدان آهي" تڏهن امام سڳوي جي زبان مبارڪ مان هي اکر نڪتا "الله اڪبر- هيءَ زمين ڪرب (مصيبت) ۽ بلا (آفت) جو گهر آهي. منجهس خون جا ريلا پيا وهن."

آخر پاڻ پنهنجي ٻٽيهن سوارن ۽ چاليهن پيادن ساٿين سميت اتي خيما کوڙيائون. يزيد ملعون، امام سڳوري جو پاڻي بند ڪرائي ڇڏيو. آخر امام صاحب ڏهين محرم تي صبح جو جنگ لاءِ تيار ٿي بيٺو. ڪيس بدن تي مصري قبا پهريل هئي. مٿي تي حضرت محمد صلعم جن جي دستار مبارڪ، چيلهہ ۾ حضرت عليءَ جي ترار "ذوالفقار" ٻڌل هيس ۽ ڪلهي تي حضرت حمزي جي

ڏال ڏاريل هيس.

هوڏانهن حضرت حر بہ يزيد جي لشڪر ڪان منهن موڙي اچي امام حسين جي لشڪر سان مليو ۽ مردن وانگر مانجهي مڙس ٿي شهيد ٿيو. رڻ گجيو راڙو ٿيو. لڙائي لڳي. حضرت امام حسين جي ساٿين جي حملي جو تاءُ نہ سهي شمر ملعون حڪم ڏنو تہ تنبن کي باهہ ڏيو. امام حسين جي چوڻ تي شمر پنهنجي حڪم کي رد ڪيو.

ٻن پهرن جي نماز وقت جنگ مهمل ڪري، نماز پڙهي ويئي. لشڪر جو اٿاهہ هو. امام حسين جا سڀ ساٿي شهيد ٿي ويا هئا. آخر امام حسين جا پٽ ۽ ڀائٽيا بہ وڙهندي شهيد ٿيا. امام صاحب جن پاڻ بہ سورهين مانجهي مردن وانگر وڙهندا رهيا پر زخمن ۽ اڃ جو تاءُ نہ جهلي سگهيا. شمر کان نماز پڙهڻ جي اجازت گهريائون ۽ امام صاحب جن جڏهن نماز پڙهي رهيا هئا تہ شمر جنگ جي مروج اصولن جي ڀيڪڙي ڪندي غداريءَ جو ثبوت ڏنو ۽ حضرت امام حسين کي نماز پڙهندي شهيد ڪرائي ڇڏيو.

> ”هن سر ۾ شاهہ صاحب حق جي راهہ تي هلندڙن جي سورن ۽ سختين جو بيان ڪيو آهي. ”ڪيڏارو“ سنسڪرت لفظ ”ڪيدار“ مان نڪتل آهي. جنهن جي معنيٰ آهي ”جنگ جو ميدان“ ڪيداري هڪ راڳڻي آهي جا ديپڪ راڳ جي پنجن استرين مان هڪ آهي. هن راڳڻيءَ کي سمپورڻ راڳڻي سڏيندا آهن“ (۲۳)

هيءُ سر شاهہ صاحب جو رزمي (جنگي) سر آهي. جنهن مان ظاهر ٿئي ٿو تہ شاهہ صاحب هر طرح سان ڪامل شاعر هو ۽ شعر جي هر قسم ۾ کيس ڪماليت حاصل هئي. سر ڪيڏارو کيس سنڌ جو فردوسي ثابت ٿو ڪري.

هن سر جي عڪس ۾ جنگ جو ميدان، تلوارن ۽ ڀالن جا چمڪاٽ، بهادرن جو بهادرن سامهون سورهيائيءَ سان وڙهڻ ۽ اڙل وڍيرن تي چڙهي منهن مقابل ٿيڻ جا عڪس بيان ٿيل آهن. هن سر ۾ جنگ جي ميدان جو مڪمل نقشو چٽيل آهي.

چنڊ وهائي چڙهيا، مـلهـہ مدينـان ميـر،
ان سين طبل، باز تبرون، ڪند، ڪٽارا، ڪير،
عـلـيءَ پـٽ امير، ڪـندا راڙو رڪ سين.

رات جي ويلا آهي. چنڊ هاڻي هاڻي لهي چڪو آهي. مديني کان حضرت امام حسين عليہ السلام ۽ سندس ساٿي جنگ لاءِ سوار ٿي هليا آهن. ساڻن جيڪو جنگي سامان آهي اهو چٽو پيو ڏسڻ ۾ اچي. وٽن نغارا، شڪاري باز، ڪهاڙيون، ڀالا، خنجر ۽ ٻرڇيون آهن. اهو به واضح پيو ڏسڻ ۾ اچي ته جيڪي وٽن هٿيار آهن، اهي سڀ رڪ جا آهن. تکا ۽ تيز پڻ آهن، ۽ عليءَ جا پٽ انهن رڪ جي تکن هٿيارن سان جنگ جي ميدان ڏانهن لڳاتار وڃي رهيا آهن.

هن بيت ۾ نہ صرف عکس چٽا ۽ واضح نظر ٿا اچن پر هڪ جذباتي جوش پڻ جاڳي ٿو. سٽ "چنڊ وهاڻي چڙهيا" مان هڪ ڏکائتو منظر ۽ ڏکائتو جذبو پيدا ٿئي ٿو.

ان بعد هو پنڌ ڪري ڪربلا پهتا آهن. اتي پهچڻ بعد سندن عکس هيٺئين ريت ڏيکاريا ويا آهن.

ڪربلا جي پڙ ۾، خيما ڪوڙيائون،
جهيڙو يزيد سامهون، جنبي جوڙيائون،
منهن نہ موڙيائون، پسي تاءُ ترار جو.

ڪربلا جو وسيع ميدان آهي. ان ميدان ۾ هنن مانجهي مڙسن پنهنجا خيما اچي کوڙيا آهن. وري منظر ڦري جنگ جي شروعات ڏانهن اچي ٿو. سامهون يزيدي لشڪر نظر پيو اچي. ان سان جنبي جنگ اچي جوٽي اٿن. تلوارن جا چمڪاٽ وڄ وانگر پيا نظر اچن. اهڙي پوائتي جنگ ۾ هي سورهيه پوئتي پير نہ ٿا موڙين پر لڳاتار اڳتي وڌندا ۽ وڙهندا ٿا رهن.

آيا آجارين، تنڪ، تراريون، ٽِرا،
سانگيون سائنِ هٿ ۾، ڪلهنئون نہ لاهين
ايائي آهين، مهائي مرڻ تي.

جنگ جون تياروں آهن. جوڌن جُنگ جوانن هٿيارن صاف ڪرڻ وارن کي گهرايو آهي. اهي ڪهاڙيون ۽ تراريون صاف، اوجل ۽ تکيون ڪري رهيا آهن. هوڏانهن سورهين جي هٿن ۾ نيزا آهن ۽ اهي جوڌا هٿيارن سان سٽيل آهن. انهن هٿيار کي ڪلن کان هيٺ نہ ٿا لاهين معنيٰ اهي هٿيار سندن ڪلهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تي نظر پيا اچن. چاڪاڻ تہ اهي جوان جنگ لاءِ تيار بيٺا آهن. ڪين هر وقت سر ڏيڻ ۽ دشمن سان مقابلي لاءِ تيار رهڻو آهي. اهي ايائي ان ڪري بيٺا آهن.

منظر ۾ ڏسو تہ ڪيڏي نہ صفائي ۽ چٽائي آهي. جنهن ۾ هڪ طرف تہ جهونجهار پهلوان صاف پيا نظر اچن تہ ٻئي طر وري سندن هٿيار ۽ هٿيار ڪي صاف ڪرڻ وارا سامهون ويٺا آهن.

بهارد گڏيا بهادرين، ڪِڙڪَ ڪِلولِ ڪن،
وجهن ڌڙ ڌڙن تي، هاڪارين هٿن،
ڪِرن ڪنڌ نچن، رڻ گجيون راڙو ٿيو.

جنگ جي ميدان ۾ بهادر هڪ ٻئي جي سامهون ٿيا آهن. هڪ ٻئي جي منهن مقابل ٿيا آهن. ترارين جو هڪ ٻئي سان لڳڻ جو ڪڙڪو صاف پيو ٻڌڻ ۾ اچي ۽ باقي نظارو ڏسو تہ اکين پيو پسجي. هوا ڏسو تہ هڪلون بہ پيا ڪن ۽ هڪ ٻئي کي ڌڪ بہ هڻي رهيا آهن. هڪڙا ڌڙ هيٺ بي جان ۽ بي حرڪت پيا آهن ۽ پيا وري انهن جي مٿان ڪيرايا تا وڃن. انهن تازن ڪٽلن جا ڪنڌ پيا ٿڪن. جنگ جي ميدان ۾ شور ۽ غل غوغاءُ مچي ويو آهي. بيت جو آخري حصو "رڻ گجيو راڙو ٿيو" بيت ۾ اڻ کٽ جذبو تو پيدا ڪري. ڏسو تہ ڪيڏو نہ مڪمل عڪس آهي. جنگ جي ميدان جو مڪمل نقشو چٽيل آهي.

پيگو آءُ نہ چوان، ماريو تان وسهان،
ڪانڌ منهن ۾ ڌڪڙا، سيڪيندي سونهان،
تہ پڻ لڄ مران، جي هونس پٺ ۾.

هن بيت ۾ هڪ عورت ٻيءَ عورت کي اچي جنگ جي ميدان جي خبر پهچائي آهي. ڪيس، سندس مڙس جي ٻچي اچڻ جو تعنو ڏنو آهي ۽ ٻي عورت انتهائي سادي ۽ جذباتي انداز واري لهجي ۾ مڪالمن وسيلي جيڪو جواب ڏنو سو توهان ڏنو. هوءَ پنهنجي مڙس جي پٺ ۾ لڳل ڌڪن کي بہ نفرت جي نگاهہ سان ڏسي ٿي.

وري رنگن جي مڪمل عڪسن جو بيان شاهہ صاحب هيٺين بيت ۾ بيان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪيو آهي. رنگن جو ميلاپ ۽ هم آهنگي ته ڏسو

ڏاڙهي رت رتياس، ڏند ته ڏڙهونءَ گل جيئن،
چوڏهين ماهه چنڊ جيئن پڙ ۾ پاڳڙياس.
ميڙي مير محمد جي، مر مرڪي ماس.
تنهن سورهيه کي شاباس، جو متي پڙ پرزا ٿئي.

جنگ جي ميدا ۾ سورهيه مڙس وڙهي رهيو آهي. سندس ڏاڙهي رت ۾ رڱجي ريٽي ٿي ويئي آهي. مشاهدي جي باريڪيءَ جو ڪمال ته ڏسو ته ڏندن تي لڳل رت کي ڏاڙهون جي داڻن سان تشبيهه ڏيئي نزاڪت جي ڪمال کي ڇهيو ويو آهي. سندس دستار مبارڪ جيڪا بلڪل اڇي سفيد آهي سا چوڏهين جي چنڊ جيئن ميدان ۾ پئي جرڪي. يعني هو مڙني بهادرن کان نرالو، الڳ ۽ منفرد پيو نظر اچي. هن بيت ۾ هڪ طرف اڇي کير جهڙي رنگ جوعڪس آهي ته ٻئي طرف انتهائي ڳاڙهي ڏاڙهونءَ جي داڻن جي رنگ جهڙي رنگ جو ذڪر ڪيل آهي. مطلب ته بيت رنگن سان ڀرپور عڪس وارو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ١٩- سر سارنگ

"راڳ سارنگ ميگهه راڳ جي انن پٽن مان هڪ آهي. ملهار وري ميگهه جي پنجن استرين مان هڪ آهي. ميگهه، ملهار ۽ سارنگ بوليءَ جي لحاظ کان هڪ ئي معنيٰ ۾ استعمال ٿيندا آهن. تنهي کي باترتيب ڳاڻ سان آسمان تي جهڙ لڳيو وڃي ۽ مينهن اچيو وسي. ڪن صاحبن جو چوڻ آهي تہ "سارنگ" هڪ پکيءَ جو نالو آهي. جنهن جي منن ۽ درديلن آلاپن مان هي سر ورتو ويو آهي" (٢٤)

هن سر ۾ شاهه صاحب آگمجڻ پلرجي پالوٽ سان گاهن جي چمڻ ۽ گسن متي گاهه ٿيڻ جو ذڪر ڪيل آهي. مينهن جي پوڻ سان سانگين ۾ ساهه پيا آهن. مارو ڪائر ۾ خوش پيا نظر اچن. جانيءَ جي جوءِ ۾ اچڻ سان سهسين سارنگ ٿيا. آب اگوندرو ٿي پيو آهي. تاڙي جي تنوار ۽ وڄن وسڪارو لاتو آهي. ڪنوڻ جي چمڪ ۽ ڪارا ڪڪر ڪيس پيا نظر اچن.

پٽن تان ڪتوريءَ جي خوشبوءِ پئي اچي. پرين ڪي پسندي دل جون مرادون پنيون. سارنگ جي اچڻ سان سنگهاريون سرهيون ٿيون. هو مکڻ مان منيون ٿيون پرين ۽ طوق پويون ٿيون پائين. ان ارزان آهي ۽ جهنگ جا مڙيئي ٿوڪ جهڙوڪ چيڙ ۽ ڪنييون جام ٿيا آهن.

هن سر جي منظرن ۾ پڻ متي بيان ڪيل سڀ شيون ڏيکاريل آهن. ان کان علاوه سنگهارن جا ڏڻ، مرگهه، مينهون، آڙيون، تاڙا ۽ سپون پڻ نظر اچن ٿا.

آگر ڪيا الله، لڳهہ پس لطيف چئي،
پلر جي پالوٽ سين، پٽن جهليا پاهه،
واحد وڏائي ڪيا، متي گسن گاهه،
سانگين وريا ساهه، انن آب اگوندرو.

ڏٺيءَ جهڙ لاتا آهن. آسمان تي گهاٽا ڪڪر ڇانيل آهن. گهاٽن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪڪرن جي تصور سان سندن ٿڌي ڇانوَ پڻ محسوس ٿئي ٿي. مينهن جي ڪري ٿڌڙي هوا جو احساس پڻ ٿيڻ لڳي ٿو. مينهن ايترو ته وٺو آهي جو ميدانن ۾ ريج ۽ رنگ لڳي ويا آهن ۽ ڌرتيءَ تي پاڻي پيو نظر اچي. مينهن لڳاتار ڪيترن ڏينهن کان پوڻ ڪري پيچرن ۽ پٽن مٿان گاهه جهجها ٿي پيا آهن. ڌرتيءَ سائي چادر اوڍي آهي. هن بيت ۾ هڪ طرف بادلن، بارش ۽ اڱوندري آب جو عڪس آهي ته ٻئي طرف وري رنگن سان پريل سائي سائي گاهه جو منظر نظر اچي ٿو. جيڪو ٻنهي عڪس جو بهترين مثال آهي.

ڪڪرن ۽ ڪڪرن مان وسندڙ مينهن جو عڪس وري هيٺين بيت ۾ پڙهي ڏسو.

اتران ٿي آئيون، ڪري هڪل هوءَ،
پري تل ترائيون، جوڙي هليون جوءِ،
پسو جا پٽن تي، ڪٿوريءَ خوشبوءِ،
اچي روبروءِ، انيون روضي پاڪ رسول جي.

ڪڪرن ۽ بارش جو ته نظارو آهي پر شاهه صاحب آڳر سان اشارو ڪري، طرف به ٻڌائي ٿو ۽ منظر کي حقيقي بڻائي ٿو. "اتران ٿي آئيون" لفظن ۾ ڪيڏي نه مڪمل تصوير ڪشي ڪيل آهي. يعني اهڙي حقيقت جنهن کي ۾ محسوس ته ڪري سگهجي ٿو پر جيئن ان کي محسوس ڪجي ٿو تيئن ان کي بيان نه ٿو ڪري سگهجي. تل ۽ ترائيون پاڻيءَ سان پريون پيون آهن. مينهن وسڻ ڪري مٽيءَ مان ايندڙ سڳنڌ ڏانهن اشارو ڪري شاهه سنگهڻ وارن حواسن سان سگهڻ جو عڪس Olfactory Image جو احساس ڏياريو آهي. جنهن سان ڪٿوريءَ جي خوشبوءِ ۽ مينهن جي مند ۾ اٿندڙ سڳنڌ جو شدت سان احساس ٿئي ٿو.

هڪڙا عڪس اهڙا به هوندا آهن. جيڪي تخيلي طور تي ذهني پرواز ذريعي محسوس ڪري سگهجن ٿا. هيٺين بيت ۾ شاهه صاحب پکين ۽ جانورن جو مينهن لاءِ اوسيئڙو ڏيکاريو آهي. اهوعڪس بنيادي طور تي صرف محسوس ڪرڻ جو آهي. جنهن سان سارنگ لاءِ محبت جو احساس ۽ ان جي ضرورت جو احساس جاڳي ٿو. بيت پڙهي ڏسو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سارنگ کي سارين، ماڙهو، مرگهه، مينهون،
آڙيون ابر آسري، تاڙا تنوارين،
سپون جي سمونڊ جون، نئين سر نهارين،
پلر پيارين، تہ سنگهارن سک ٿئي.

ماڻهن، جانورن، مينهن، آڙين، تاڙن ۽ سپن جو ابر لاءِ اوسيئڙو بارش جي اهميت جي احساس کي اجاگر ڪري ٿو. ان احساس سان گڏ انهن جانورن ۽ ماڻهن جون انتظار ۾ ڪنيل اکيون پڻ سامهون نظر اچن ٿيون. جنهن سان احساساتي عڪس ابري ٿو.

سارنگ سائي سِٽ، جهڙي لالي لاک جي،
اِئن سي اُبنِ انگيا، جئن سي چنيءَ چٽ،
برسيو پاسي پٽ، پريائين ڪَن ڪراڙ جا.

مينهن جي موسم اهڙوئي سينگار ڪيو آهي جهڙي لاک جي لالائي آهي هن سٽ ۾ شاهه صاحب وڃنِ جي ڳاڙهي ويس ۽ ڪنوڻ جي ڪجڻ جو ذڪر ڪيو آهي. ٻي سٽ جي تشبيهه ۾ اُبنِ (ڪڪرين) جي چڙوچڙ هڻڻ ۽ هڪبئي جي وچ ۾ پيدا ٿيندڙ خالن کي چُنيءَ جي چٽن جهڙو سڏي منظر کي بلڪل واضع ڪيو آهي. پاٽيءَ جي پالوٽ جي عڪس کي واضح ڪندي پٽ ۽ ڪراڙ ڏنيد ڏانهن اشارو ڪيو آهي. مٿين بيت ۾ منظر کي واضح ڪرڻ لاءِ شاهه صاحب لاک جي لالائي ۽ چنيءَ جي چٽن کي تشبيهه طور ڪتب آندو آهي.

اڄ رسيلا رنگ، بادل ڪيا برجن سين،
ساز سارنگيون سرندا، وڄائي برچنگ،
صراحيون سارنگ، پلٽيون رات پڌام تي.

ڪکرن پنهنجي چوٽين سان سهٽا ۽ خوبصورت رنگ ڪيا آهن. هي اشارو وڃن جي شعاعن ڏانهن آهي، جيڪي سامهون چمڪنديون پيون نظر


Scanned with CamScanner

اچن. يعني وڻن ۾ ڪنوڻ پيد اٿيڻ سان رسيلا رنگ نڪري آيا آهن. مينهن وسڻ ڪري ٿر جا ماڻهو خوشيءَ وچان ٽينگ ٽپا ڏيئي رهيا آهن. سمورو وايو منڊل سرندن، سارنگين چنگن ۽ مختلف سازن جي آوازن سان منڊجي ويو آهي. يعني ٿر جا لوڪ مختلف ساز وڄائي رهيا آهن. ڇاڪاڻ تہ سامهون پڌام واري پرڳڻي تي سارنگ ساٿ ڪري عميق ابرپلٽيو آهي.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر


Scanned with CamScanner

# ٢٠- سر آسا

"آسا" هڪ راڳڻي آهي جا اسر جو ڳائبي آهي. ان وقت ساري ڪائنات ڏٺيءَ جي وڏائي ٿي ڳائي. ڪي صاحب فرمائين ٿا ته "آسا" هڪ راجڪماريءَ جو نالو آهي، جا پريات جو ڏٺيءَ جي ساراهه ۾ گيت ڳائيندي هئي. جنهن سر ۾ هوءَ ڳائيندي هئي تنهن سر جو آسا نالو پئجي ويو" (٢٥)

شاهه صاحب هن سر ۾ حقيقي حق کي ڳولڻ جي تلقين ڪئي آهي ۽ ان جي راهه ٻڌائي آهي. شاهه صاحب هن سر ۾ خوديءَ کي ختم ڪرڻ ۽ نابودي جي نينڊ سان سچائيءَ کي ڳولڻ جو رستو ٻڌايو آهي. پنهنجي "هئڻ" ۽ وجود کي ننديو اٿس. هو ٻڌائي ٿو ته پنهنجي وجود کي وڃائي نابود ٿي عدم ۾ هليو وڃ تڏهن ئي توکي سچي مالڪ جي پروڙ پوندي، ڇاڪاڻ ته حقيقي سچ Absulute truth (خدا يا ايشور) هستيءَ ۾ نه پر نيستيءَ ۾ آهي. ڪيس ڪا به هستي يعني شڪل ۽ صورت نه آهي. هو آروپ يا بي صورت آهي. اي طالب! تون ان "تون" ۽ "آئون" واري چڪر مان نڪر ته توکي حقيقتن جي پروڙ پوي. جيسين تو پاڻ کي پسين تو تيسين تنهنجي سجود مان ڪو به فائدو ڪونهي. اهي سجدا تنهنجي ظاهري ڏيک ۽ نمود نماءَ جو ڪارڻ ته ٿجندا پر تون جنهن حق جي ڳولا ڪري رهيو آهين، اهو حق توکي پنهنجي وجود جي فنا سان ملندو.

جيئن ته هن سر ۾ يا هن سر ڪان پوءِ وارن سُرن ۾ شاهه صاحب روحاني رمزن ۽ رازن کي کولي سمجهائڻ جي لاءِ راهه ٻڌائي آهي. ان ڪري هنن سرن جي بيتن ۾ اندر جي احساسن، جذبن ۽ اهڙين امنگن جي اپٽار ڪيل آهي، جنهن جو تعلق انسان جي موضوعي يا داخلي احساسن سان آهي. ڇاڪاڻ ته داخلي احساسن ۾ عڪس نه هوندا آهن. ان سبب ڪري هنن سرن ۾ به ايترا عڪس نه آهن، تنهن هوندي به شاهه صاحب جيڪي تمثيلي بيت چئي روحاني راز سمجهايا آهن. هتي اسان انهن روحاني ڳجهه ڳجهاندرن

کي ڇڏي انهن جي معروضي يا خارجي ڏيک وارو پاسو ظاهر ڪنداسين. جيتوڻيڪ انهن ۾ عڪس ڏاڍا ڪمزور آهن. پر جيئن ته اسان مٿي هر هڪ سر ۾ عڪس پيش ڪيا آهن، ان ڪري هتي به اسان مواد جي پورائي لاءِ انهن کي واضح ڪرڻ جي ڪوشش ڪنداسين. پر اهو ياد رهي ته هتي ايندڙ سرن ۾ اسان بيتن جي اصلي معنيٰ (روحاني راز) کي ڇڏي، انهن جي لفظي معنيٰ کي ڏسنداسين

وسن ۽ وهسن، ڏيهاڙي ڏسڻ لئه،
ڏسي ڏسي آئيون، توءِ تلاشون ڪن،
ڍاپيون نه ڍاپن، پسڻ منجهان پرينءَ جي.

هڪ اهڙي ماڻهو جي مجبوري ڏيکاريل آهي، جيڪو پنهنجي محبوب وٽان هاڻي اٿي آيو آهي، پر ڪيس پنهنجي محبوب جي سڪ ۽ جهوري ويهڻ نه ٿي ڏيئي. سندس اکيون مينهن وانگر پاڻي پيون وسائين. وري اميد ۽ آس واري پاسي ٿي سرهيون ۽ خوش پيون ٿين. يعني عاشق کي جيڪي اندروني طور خيال اچن ٿا تن ۾ ڪنهن مهل اميد جي جهلڪ آهي ته ڪنهن مهل وري نا اميدي ۽ نراسائي مٿس غالب پئجيو ٿي وڃي. انهن اندروني ڪيفيتن جو غم ۽ خوشي سندس اکين مان پيا ظاهر ٿين. هن بيت ۾ اندروني اٿل پٿل ۽ اکين جي خاموش اشارن جا عڪس آهن جن ۾ ڪنهن مهل خوشي آهي ته ڪنهن مهل وري پاڻي پرجيو ٿو اچي.

ڪر ڪي ڪپر ڪاءِ، نانگ مٺيارو نڪري،
ايو جو اوناءِ، سر پر سندي سڄڻين.

خدا ڪري ان ڳلهه ڪي ڪو ڪپر يا واسينگ (مڻ وارو) نانگ نڪري ڪو ڏنگ هڻي، چاڪاڻ ته هو منهنجي، محبوبن سان ڳالهه ٻولهه کي برداشت نه ٿو ڪري ۽ اونائي (هينگون ڪري) ٿو. سندس انهن آوازن تي ٻين ماڻهن کي خبر پئجي ويندي، جيڪي اسانجي ملاقات ۾ رخني جو سبب بڻجي سگهن ٿا.

هن بيت جي عڪس ۾ هڪ ماڻهو پنهنجي محبوب سان لوڪان لڪي ڪچهري ڪندي نظر ٿو اچي. ڪائنس ٿورو پريان هڪ ڳڌهه ٿو نظر اچي، جيڪو هينگون پيو ڪري. تنهن تي اهو ماڻهو ان ڳڌهه کي پٽ پاراتو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

توڙيندي.

هن بيت ۾ جذبي کي ءَ عڪس کي وڌيڪ واضح ڪندڙ لفظ "سرپر" آهي جيڪو ان سموري منظر ۾ پس منظر جو احساس ڏياري ٿو، جيڪو مٿي بيان ڪيو ويو آهي. ان کان علاوه هيئين بيت ۾ به ڪنهن حد تائين عڪس آهي. جيتوڻيڪ ان جي حقيقي معنيٰ ۾ اهڙن جاهلن يا انڌن جو ذڪر ڪيل آهي جيڪي حقيقت کي پروڙڻ کان قاصر آهن، پر هتي سان ابتيون سبتيون هٿوراڙيون هٿي رهيا آهن. انهن سان گڏوگڏ هڪ ڏنڌلو عڪس آهي، جنهن ۾ هڪ مثل هاٿي نظر اچي ٿو ءَ ان سان گڏوگڏ ڪجهه انڌا به بيٺل نظر اچن ٿا جن مان هر هڪ هاٿيءَ جي ڪنهن هڪ عضوي کي هٿ هٿي چي ٿو ته هاٿي هيءُ ئي آهي. بيت پڙهي ڏسو ءَ غور ڪريو.

مَئي هاٿيءَ سين مامرو، اچي پيو انڌن،
مناڙين هٿن سين، اکين ڪين ڏسن،
في الحقيقت فيل کي، سچا سجاڻن،
سنڌي سردارن، بصيرت بينا ڪري.

جيئي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ٢١- سر رِپ

”رپ لفظ جي معنيٰ آهي ڳري آفت. هن سر ۾ درد، فراق ۽ ڦوڙائي جو ذڪر ڪيل آهي. عاشقن جي جدائيءَ جي هڪ گهڙي بہ ورهين جي درد ۽ نانگ جي ڏنگ مثل آهي. وڇوڙو عاشق لاءِ وڏي ماموري آهي. ان لحاظ کان ئي هن سر تي اهو نالو رکيو ويو آهي.“(٢٦)

هن سر جي مضمون جو تت يا خلاصو جيئن مٿي بيان ڪيل آهي تہ غمن ۽ گوندرن ۾ ورتل ويچاري عاشق جي صحت سڌريل نہ هوندي آهي. هو هميشہ جهوريءَ ۾ جهجندو ۽ جهرندو رهندو آهي. سندس رڳون رباب جيان پيون وڄنديون آهن، جن مان صرف سندس محبوب جو نالو پيو ٻڌبو آهي. اهي تہ انسان جون اندريون يا داخلي ڪيفيتون آهن. جن ۾ عڪس ڪو نہ هوندا آهن.

اڪثر هلي شاهہ صاحب انهن غريبن ۽ عاجزائن جو ذڪر ٿو ڪري، جن جا نجهرا پيگل آهن ۽ مٿن وري ڏکيا ڏينهن بہ اچي ڪڙڪيا آهن. انهن وٽ نہ سوڙِ آهي نہ گبرو (رلي). ڪانڊ ۽ ڪپهہ بنان ڪين سيءُ پيو ستائي. انهن بيتن ۾ شاهہ صاحب عڪسن جا سٺا مثال بيان ڪيا آهن.

سِپر سيءُ پيو، نہ مون سوڙ نہ گبرو،
نہ مون ڪانڊ نہ قوت ڪي، جوين وهي ويو،
تنين حال ڪهو، نڌر جنين نجهرا،

هڪ عورت جو عڪس سامهون اچي ٿو. جنهن جي جواني ڏکن، پيڙائن ۽ تڪليفن ۾ گذري آهي. سندس مٿي ۾ چانديءَ جون تارون پئجي ويون آهن پر غربت ۽ نڌڪائي سبب سندس شادي نہ ٿي سگهي آهي. سندس جهوپڙي جهريل پئي نظر اچي.

سياري جي رات جو سيءُ کيس تنگ ڪري رهيو آهي. کيس اڪيلائيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جو احساس بہ ڏنگي رهيو آهي. هوءَ انتهائي غريب، مسڪين ۽ مفلس آهي. ونس نہ سوڙ آهي نہ رلي، نہ پٿار آهي ۽ نہ ڪاڏو. سندس جواني زبون ٿي ويئي آهي. اهي سڀ عڪس چٽا ۽ واضح پيا نظر اچن.

ساڳئي ئي جذبي ۽ ساڳئي عڪس سان تعلق رکندڙ هڪ ٻيو شعر پڙهي ڏسو.

اتر اوتون ڏي، نہ مون سوڙ نہ گبرو،
سيءُ سارينديون سي، نڌر جنين نجهرا.

سردين جي موسم آهي. تهہ سياري ۾ اترجون هوائون اندر مان سيسراٽ ڪڍنديون ٿيون وڃن. هڪ بيواهي عورت وٽ نہ سوڙ آهي ۽ نہ ڪا رلي. اهڙي صورتحال ۾ هوءَ ڏکي ٿي. سندس جهوپڙي بہ سيءُ جهلڻ جي قابل ڪانهي. سيءُ سيڪارا جهوپڙيءَ ۾ اندر گهڙندا ٿا اچن.

هڪ ٻئي بيت ۾ بہ ساڳيو منظر آهي پر هن منظر ۾ هڪ واڌارو آهي. اهو هيءُ آهي تہ ان غريب ۽ مسڪين عورت وٽ صرف هڪ چِني آهي، جنهن کي سرديءَ جي موسم ۾ هوءَ ويڙهي ٿي. بيت پڙهي ڏسو. توهان کي بہ سيءُ جو احساس ٿيندو.

اتر ڏني اوت، نہ مون سوڙ نہ گبرو،
چارئي چنيءَ پوت، ريڙهيندي مون رات گئي.

هن سر جي هڪ ٻئي بيت ۾ منظر جي نزاڪت جو ۽ مشاهدي جي باريڪيءَ جو ڪمال ڏسو.

جيئن سي ڪوهيءَ نار، وهن واريءَ گاڏئان،
هيٺنڙو پريان ڏار، نبيريانس نہ نبري.

ڪوهيءَ ۾ چئني طرفن کان وهي ايندڙ پاڻيءَ کي غور سان ڏسبو تہ پاڻيءَ جا هلڪا هلڪا نار واريءَ سان گڏ وهندا ايندا آهن. انهن واريءَ جي ذرڙن کي پاڻيءَ کان الڳ نہ ٿو ڪري سگهجي. بيت پڙهڻ سان اهو سمورو منظر اکين سامهون اچي ٿو وڃي ۽ تشبيهہ سان وري جذبي ۽ منظر ٻنهي کي واضح ڪيو ويو آهي. عاشق جو جيءُ پرينءَ کان بہ ايئن ئي الڳ ٿي نہ ٿو سگهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هلندي سندن پيرن سان رستي واري ڌوڙ ۾ مٽي اڏامندي تي نظر اچي. يعني مڪمل مووي Movie هلي رهي آهي. جنهن ۾ صبح جو سويل اٿڻ واري وقت کان وٺي سندن سامان ٻڌڻ تائين ۽ رندن کان رڙهڻ تائين سڀ عڪس سامهون ذهن جي اسڪرين تي هلندا تا محسوس ٿين.

هڪ ٻئي بيت ۾ شاهه صاحب ڪاهوڙين جي مهانڊن ۾ سندن جسماني بناوت ۽ پيرن ۾ پيل جوتن جو به صاف فوٽو ڪڍيو آهي.

سُڪا سنڌ ڪِچن ۾، ڪرڪٽا پيرين،
ٿمندي نيٽين، آن ڪي ڳڏيا ڪاهوڙي.

سندن منهن سڪل آهن. پاٽيءَ جون پخالون سندن بغلن ۾ دٻايل آهن. سندن پيرن ۾ نوڙين سان ٻڌل جوتاپيل آهن. انهن جي اکين مان آب جاري آهي. هي سمورو بيت ۽ بيت جوهر هڪ لفظ نه صرف منظرن سان ڀريل آهي پر جذبي سان پڻ ٽمٽار آهي. خصوصاً "ڪرڪٽا پيرين" ۽ "ٿمندي نيٽين" بيت جي جذباتي پهلوءَ کي واضح ڪن ٿا. انهن جذباتي عنصرن جي ڪري عڪس اڃان به وڌيڪ چٽو ۽ واضح نظر اچي ٿو.

جت نه پکيءَ پير، تت ٽمڪي باهڙي،
هيو هاريندو ڪير، ڪاهوڙڪي ڪير ريءَ.

ٻهاڙن جي چوٽيءَ تي پري کان باهه پئي ٽمڪندي نظر اچي. منظر ته تمام پري جو آهي پر ڪيڏو نه صاف ٿو نظر اچي. اونداهي رات ۾ ڪو ماٺهو ڪنهن ونسِٽن جي ڳولا ۾ ٻهاڙن ۾ گهمي رهيو آهي. جتي پري کان ڪيس باهه جو شعلو ٻرندو ٿو نظر اچي ۽ ڪيس پڪ ٿئي ٿي ته اهي يقيناً ڪاهوڙي هوندا. ڇاڪاڻ ته ههڙي ويرانيءَ ۾ انهن کان سواءِ هيو ڪير باهه ٻاري ئي نه ٿو سگهي.

ڪاهوڙي سچ جي ڳولا ۾ ۽ روحاني رازن کي پروڙڻ جي لاءِ ٻهاڙن ۾ پيهي ويا. تن کي تسيا ڏيئي من جي مڪتي حاصل ڪيائون. هو ساري عمر جبل جهاڳيندا رهيا پرهاٽي هو موٽڻ وارا آهن. سندن قافلا پري کان اوري تيندا نظر پيا اچن. ان جاءِ تي لطيف سائين پنهنجي لفظي ڪئميرا کي سندن ڪجهه فوٽو ڪڍي ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڏونگرين ڏسجن، اچ پڻ ريون اُنِ جون،
ڏوتيئڙا ڏت ڪي، آرا ڙان اچن،
خيما ڪاھوڙين، اچ نہ انھيءَ پيٽين.

جت ڪاھوڙين موٽي اچي خيما کوڙيا ھئا، اهي هاڻي انهن اتان پٽيا آهن. اهي واپس وڃي رهيا آهن. ڏونگرن تي انهن ڪاهوڙين جي قطارن جي قافلي جي پيرن جي اٿاريل دز يا مٽي پئي ڏسجي. ڏوتيئڙا ڏت ڪارڻ آراڙ (جهنگلي ان) تي چڪجيو تا اچن. چاڪاڻ تہ انهن آراڙ کي پنهنجو کاڄ بڻايو آهي.

هاڻي وري ڪاهوڙي موٽي آيا آهن. ڪا مُند پنهنجي ماءُ کي ڪاهوڙين ڏانهن اشارو ڪري چوي ٿي تہ:

ڏوري ڏوري ڏيهہ، ماءُ ڪاهوي آئيا.
مَيَنِ پيرين ڪيھ، ڪہ چاتان ڪنهن پارجي.

اي جيجل ھو جنگ جوان ڏاڍا تڪل تا ڏسجن. خبر ناهي ڪهڙيون ڪهڙيون ولايتون گهمي آيا آهن. منظرن ۾ سندن چهري جي ٿڪاوٽ ۽ ڏيراڻ چٽي پئي ڏسجي. اڃان بہ ويجهي عڪس لاءِ انهن جي پيرن ڏانهن نهاريو تہ هلڻ ڪري ۽ پگهر اچڻ ڪري سندن پيرن تي رستي جي مٽي ۽ دز جميل پئي نظر اچي.


Scanned with CamScanner

# ٢٣- سُر بروو سنڌي.

"هندوستان جي گائن وديا موجب "بروو" هڪ راڳڻي جو نالو آهي. جنهن کي شاهه صاحب نج سنڌيءَ جو رنگ ڏنو آهي. هن سر ۾ مجازي عشق جو گهڻو وستار آهي. البت ان ۾ حقيقي محبوب جو بہ ذڪر آيل آهي. عاشقن جي نيازءِ بيقراري ۽ معشوق جي ناز ۽ حسن کي نهايت سهڻي نموني ۽ دلڪش نوع ۾ پيش ڪيو ويو آهي. "(٢٨)

هن سر ۾ اهو ٻڌايو ويو آهي تہ هرويرو ٻين درن جو غلام نہ ٿجي، صرف ڪريم جي ڪنجڪ کي ونجي. دلبر نسوري ڦرمار ڪري عاشقن جي دل لٽي ٿو. اهو دلبر جيڪڏهن هڪ ڀيرو عاشق جي پڪي ۾ پيهي اچي تہ متانئس اهوعاشق لک دفعا گهورجي وڃي. هڪ ئي دلبر آهي جيڪو چت تي چڙهيو بيٺو آهي، مور نہ ٿو وسري. سڄڻ سچو ڏينهن اندر ۾ اوطاقون لايو ويٺو آهي.

جيئن تہ اڳ ئي بيان ڪيو ويو آهي تہ شاهه صاحب جي آخري سرن ۾ منظر نگاري گهٽ نظر اچي ٿي. ڇاڪاڻ تہ هنن سرن ۾ شاهه صاحب انسان جي موضوعي يا داخلي ڪيفيتن ۽ اندرين احساسن کي بيان ڪرڻ فرمايو آهي. تڏهن بہ هنن سرن مان چند بيت ڳوليا ويا آهن، جيڪي منظرنگاريءَ جي حوالي کان گهٽا ڪمزور آهن پر احساساتي منظر نگاري منجهن موجود آهي. هن سر ۾ بہ بيت عڪس لاءِ چونڊيا ويا آهن

ڪڏهن طاقيون ڏين، ڪڏهن درڪلن دوستن جا.
ڪڏهن اچان اچڻ نہ لهان، ڪڏهن ڪوٺيون ڏين،
ڪڏهن سڪان سڏ کي، ڪڏهن ڳجهاندر ڳرهين.
اهڙا ئي آهين، صاحب منهنجا سپرين.

هن بيت ۾ ٻنا عڪس ۽ هڪٻئي جي ابتڙ عڪس پيش ٿيل آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

محبوب جي گهر جي درن ۽ درين جون طاقيون ڪڏهن ته ڪليل ٿيون نظر اچن ته ڪڏهن وري محبوب پنهنجي خيال ۾ اچي پنهنجا در ڀيڪڙيون ڇڏين. ڪڏهن نه محبوب ڪوئيون وِنيو ٿا وڃن ته ڪڏهن وري اچڻ تي به ناراض پيا نظر اچن. ڪڏهن ته عاشق ويچاري ڪي سڏ به ڪو نه ٿا ڏين ته ڪڏهن وري ڳجهه ڳجهاندر ڳالهڙيون ڳالهائي آهستگيءَ سان پنهنجا راز ويٺا سلين.

محبوب جي عادتن کي عڪسن ۾ بيان ڪرڻ ۽ مختلف عڪسن کي هڪ جاءِ تي گڏ ڪري ڏيکارڻ جو اهو نرالو انداز آهي. هن بيت ۾ طاقين جي ڪلڻ، درن جي بند ٿيڻ ۽ ڳجهاندر ڳالهين ۽ سرٻاتن جا عڪس سٺا ۽ اعليٰ آهن. جڏهن ته بيت مڪمل احساساتي آهي پر تنهن جي باوجود ان ۾ عڪس به نمايان نظر اچن ٿا. هڪ ٻيو بيت پڙهي ڏسو.

ڪوڙي ڪڻ نه سپرين، ڪنيئي تان ڪوڙ،
عادت جا اکين جي، سانيئي نباهج توڙ،
مون ۾ عين ڪوڙ، تون پاڻ سچائج سپرين.

محبوب سامهون ٻيٺو آهي جيڪو عاشق ڏانهن ناز وارا نيڻ کڻي ڏسي ٿو. عاشق جا نه صرف اندريان احساس تڙپي اٿن ٿا پر هو ظاهري طور به انهن جو اظهار ڪندو نظر اچي ٿو ته "اي محبوب! جيڪڏهن مون ڏانهن اکيون کڻين ٿو ته وري مون مان نظر نه ڪڍ" مطلب ته هلڪي منظر سان گڏ شاهه جي شاعريءَ جي روايت موجب مڪالما پڻ آهن.

جيجي سنڌ ڊجيٽل ڪتاب گهر


Scanned with CamScanner

# ٢۴- سر رامڪلي

"رامڪلي "هندول" راڳ جي پنجن استرين مان هڪ آهي. هن سر ۾ جوڳ ۽ ويراڳ جا خيال سمايل آهن. شاهہ صاحب سامين جي سنگت ۾ ٽي سال گذاريو ۽ گنجي ٽڪر وارو پنڌ وٺي ساڻن هنگلاج ياترا تي بہ ويو هو"(٢٩)

دراصل سر ڪاهوڙي ۽ سر رامڪليءَ کي گڏي پڙهڻ گهرجي، ڇاڪاڻ تہ ٻنهي سرن جو تت ساڳيو ئي آهي ۽ شاهہ صاحب ٻنهي سرن ۾ جوڳيئڙن جي وڏائيءَ جي وستار ڪئي آهي. هن سر ۾ ڪين ڪيترن ئي نالن سان سڏيو اٿس. جهڙوڪ: لاهوتي، ويراڳي، ڪاپڙي، بيراڳي، بابو، بيڪاري، نانگا، سامي، آديسي، سنياسي، ڪن ڪٽ، ڪنوٽيا، ڪن چير، عاشق، فقير، لانگوٽيا، پوربي، گونگا، ٻوڙا، ريگڙيارا (پيوٽيا) گورڙيا، قوت ڪڙايا، اوسر آجا، مهيسي، راول، صابري، هر ڪيس ۽ جبروتي وغيره.

شاهہ صاحب لاهوتين تي جان فدا ڪندو هو. سندس چوڻ موجب انهن ڪان سواءِ سندس جيئڻ محال هو. سندس سنگت کي نسورو سون ٿي سمجهيائين ۽ انهن کي نج نور تي ڀانيائين. سندن ڏکن ڏاکڙن تي شاهہ صاحب هنجون ٿو هاري.

هيءُ سر بہ جيئن تہ جوڳين ۽ ڪاهوڙين جي تعريف بابت چيل آهي. ان ڪري هن سر ۾ انهن ڪن ڦاڙ جوڳين جي مهاندن جي باري ۾ ڪجهہ بيت ملن ٿا. باقي ٻي سندن گهڻو ڪري تعريف ٿيل آهي.

ميڙيو پاڻ پريون ڪيو، جوڳي جلائين،
سامي سگڙين سين، خوديءَ کي کائين،
هوجي تارتڳائين، آءُ نہ جيئندي ان ري.

جوڳي پاڻ جون پريون پيا ڪني ڪن. هُنَ دونهين دکائي آهي. جوڳي پاڻ کي پيا جلائين هنن سگڙين کي باهہ جي مچ ۾ وڌو آهي. ڇاڪاڻ تہ هو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پيوت جوڳيئڙن جي تصوير نظر اچي ٿي. نہ صرف تصوير جو خيال ڏيڻ آهي پر محسوس بہ ڪرائڻ آهي تہ ائين ٿي آهي جيئن بيان ڪيو ويو آهي.

اها تہ جوڳين جي موجودگي هئي ۽ سندن حال هئا پر جوڳي لڏي ويا ۽ شاهہ صاحب کي اڪيلو ڇڏي ويا. شاهہ صاحب کي سندن فراق ڦٽي وڌو آهي. تڏهن شاهہ صاحب انهن سڄين ۽ پڙيانگ جاين جو جي تصوير ڪشي هن ريت ڪئي آهي.

جتي اڳ سندس ساٿي جوڳيئڙا هوندا هئا.
اڄ نہ اوطاقن ۾، طالب تنوارين،
آديسي اٿي ويا، مڙهيون مون مارين،
جي جيءَ کي جيارين، سي لاهو تي لڏي ويا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ٢٥- سرڪاپائتي

"لفظ "ڪاپائتي "جي معنيٰ آهي "ڪتڻ واري "يا ڪاتار ".
هن سر ۾ ائٽ يا چرخي ڪتڻ وارين ۽ آتڻ جو ذڪر ڪيل
آهي "(٣٠)

هن سر ۾ روحاني رمزن ۾ چرخي کي انسان جو من سڏيو ويو آهي. چرخي کي چورڻ يعني ڏٿيءَ جو اسم اچارڻ آهي ۽ ڪاتار صحيح سالڪ آهي. سُٽ مان مراد روحاني ڪمائي آهي. جيڪا سالڪ ڪَتي ڪمائي آهي ۽ صراف اهي ڪامل آهن جيڪي هر هڪ سالڪ جي ڪمائيءَ جو ملهه سندس محنت مطابق ڪتيندا.

ڏٿيءَ جو ذڪر دل جي گهراين ۽ نيت جي صفائيءَ سان ڪرڻو آهي. جيڪڏهن ڪو سالڪ من ۾ محبت رکي ڏٿيءَ کي ياد ڪري ٿو ته ملهه ڪتيندڙ سالڪ، ان جي ساري ڪمائيءَ کي اڻ پڇيو ۽ اڻ ڏٺو ئي اگهائين ٿا. مسئلو اهو به آهي ته جيڪڏهن ڪو سالڪ ڪمائي به سچي نيت سان ڪري ٿو پر وٽس ڏٿيءَ لا ڏڪندڙ ۽ ڪنبدڙ دل نه آهي ته سندس ڪمائي قبول نه ٿي پوي.

سر ڪاپائتيءَ جي منظرنگاريءَ ۾ پڻ شاهه صاحب ڪاپائتين جي ڪتڻ ۽ گڏوگڏ ڪنبڻ، چرخن جي ڦرڻ ۽ سندن آوازن جي منظرن سان گڏوگڏ ارٽ مالهه جي اڪلڻ، پاندين جي ويڙهجڻ، پڙن جي پيڃڻ ۽ صرافن جي سُٽ توررڻ جا منظر بيان ٿيل آهن.

اڄ پڻ اڇهڻ کي مرين، نه ڪي ڪتيڻ ڪال،
مونا الجي اڪڙيا، ارٽ ڍِرڪي مال،
هَئي تنين جي حال، جن ڪاپي مان ڪين ڪيو.

ڪاتياري اڄ به سمهڻ جي پٺي ڪري. سندس اکين تي ننڊ جا چڙهيل خمار صاف پيا نظر اچن. پريان ائٽ الڙيو پيو آهي، جنهن جا مونا اڪڙيل ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڏور ڍري تي نظر اچي. يعني ڪاتياريءَ سستي ڏيکاري آهي تہ اٺ بہ ڪر ڪرڻ ڇڏي ڏنو آهي. تڏهن راوي ان کي هدايت ڪري ٿو ۽ سندس حال تي افسوس ڪائي ٿو.

هڪ پاسي تہ شاھ صاحب ان سست ۽ ڪاهل ڪاتياريءَ کي هدايت ڪري ٿو تہ ٻئي پاسي اشارو ڪري وري ٻين ڪاتيارين کي ڏيکاري ٿو. جن کي اهڙي تہ لنؤ لڳل آهي جو اهي ڪتين بہ پيون تہ ڳڏوڳڏ ڏچن بہ پيون تہ شل سودو سڦرو ٿئي ۽ اسانجو ڪتيو قبول پوي. اهي ڪاتياريون نفعي ڪمائڻ خاطر آتڻ تي آسَر جو اچي ويٺيون آهن ۽ صبح واري مٺي ننڊ ڇڏي اٿن. اهي ڪاتياريون دل لڳائي اهڙو تہ سنهو ۽ سهڻو سٽ تيو ڪتن جو انهن جي سٽ لاءِ صراف بہ پيا سِڪن ۽ پيا واجهہ وجهن تہ اهو سودو انهن کي پلئہ پوي. انهن جي ڪتيل سٽ جو ملهہ ئي ڪونهي. ڇاڪاڻ تہ انهن ڪاتيارين جي ڪتيل سٽ کي صراف تارازيءَ تورئي بنان ئي ڪنيو تا وڃن. هيٺين بيت ۾ انهن ڪاتيارين جي سنهي سٽ جو منظر ۽ صبح جو سوير اٿي ڪتڻ جو منظر ۽ ڪتڻ سان ڳڏوڳڏ ڏپ واري ڪيفيت جو منظر پڻ صاف ۽ چٽو پيو نظر اچي.

ڪو جو وهہ ڪاپائتين، ڪنبن ۽ ڪتن،
ڪارڻ سود سواريون، آتڻ منجهہ اچن،
انِ جي سونهن سيد چوي، صراف ئي سڪن،
اگهيا سٽ سندن، پائي ترازيءَ نہ توريا.

شاھ لطيف جيئن تہ پنهنجي دور جو نہ صرف ترجمان ئي آهي پر وڏو عڪاس پڻ آهي. شاھ صاحب جي دور ۾ ڏارين جي ڪڌن ڪرتوتن ۽ ڪلورن جي ڪري، ڳهٽائي سنڌ جا هنر بند ٿي ويا. ان دور ۾ ٻاهران واپاري ايندا هئا ۽ سنڌ جي هنر مندن کان سندن ڪمائي زوريءَ ڪٽي ويندا هئا ۽ ان جي عيوض ڪين ڪا بہ قيمت نہ ڏيندا هئا. جي ڏيندا هئا تڏهن بہ اٽي ۾ لوڻ برابر هئي. اهڙا ڪلور پسي ڪاتيارين ڪتڻ ڇڏي ڏنو. انهيءَ صورتحال ۾ شاھ صاحب پنهنجي اندر ۾ ڏک محسوس ڪيو ۽ ان دور جي عڪاسي هيٺين بيت ۾ ڪيائين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اولاڻيان ارٽ، ڪيڏانهن ڪتڻ واريون،

پهيون متي پٽ، لڙجن لاڪيڙن جون.

ڪيڏو نه ڏکائتو منظر آهي جنهن ۾ آتڻ ۾ سڄو ڏينهن پورهيت ڪاتياريون سنهو ڪتي پنهنجو پيٽ گذر ۽ سنڌ جي هنر جو مان مٿانهون ڪنديون هيون. اهي آتڻ اڄ ويران پيا آهن. ائين پيو لڳي ڄڻ راڪاس گهمي ويو آهي. ويرانيءَ اچي گهر ڪيو آهي. ڪتڻ واريون نظر ڪو نه ٿيون اچن، سندن ائٽ هينئر خالي پيا آهن. اهڙو ڪو ڏاڙو لڳو آهي جو انهن لاڪيٽين ڪتيندڙين جو پهيون پٽ تي پيون رلن ۽ ويرانيءَ جي ڏک پيون ڏين. ڄڻ ڪين ڪو هوا تي چڏي ڀڄي ويو آهي. بيت جي آخري سٽ ۾ جيترو منظر سگهارو آهي، اوترو ئي منجهس جذبو ۽ جمالياتي عنصر به موجود آهي.

ساڳئي قسم جي واڪا ڪندڙ سچ جو منظر هيٺين بيت ۾ ڏسو ته ڪيترو نه حقيقي، جذباتي ۽ جمالياتي پهلوءَ کان ڀريل آهي. اهڙو منظر ڏسندي ئي ڏسندڙن کي به اکين ۾ پاڻي تري تو اچي.

نه سي وونڻ وٽن ۾، نه سي ڪاتياريون،

پسيو بازاريون، هينئڙو مون لوڻ ٿئي.

هينئر ته وونڻ به خالي آهن ته آتڻ به اڪيلا آهن. ڪاتياريون خبر ناهي ڪيڏانهن هليون ويون. جن ڪاتيارين جي ڪتڻ سان بازارين ۾ واپار هلندو هو. اهي بازاريون به ڀڙيانگ لڳيون پيون آهن. "هينئڙو مون لوڻ ٿئي" وارا لفظ چئي شاهه صاحب منظر جي جذباتي عنصر کي وڌيڪ گهرو ڪري ڇڏيو آهي.

هي سر جيئن ته سنڌ جي واپار جي زوال پذيريءَ تي چيل آهي. ان ڪري منجهس منظر به تمام ڏکائتا ۽ گهرا موجود آهن.


Scanned with CamScanner

# ٢٦- سر پورب

"ھنڊول راڳ جي انن پٽن مان ھڪ جو نالو "پوربي" آھي. ھن سر ۾ شاھ صاحب "پورب" پرينءَ جي ديس ۽ اَديسين جي آتمڪ (روحاني ولايت) کي ٿو سڏي. جوڳين کي پوربيا سڏيو اٿس. ڇو جو سنڌن پنڌ پورب ڏانھن آھي. انھي لحاظ کان ئي ھن سر تي اھو نالو رکيو ويو آھي" (٣١)

شاھ صاحب ھن سر ۾ ڪانگل کي سنيھا آڻيندڙ ۽ نيندڙ بنايو آھي. عاشق ويچارو ڪانگ کي محبوب جي قدمن تي ڪورنشون ڪرڻ لاءِ منتون ٿو ڪري ۽ ڪيس ڳجھا سنيھا محبوبن لاءِ ڏيئي ٿو. پنھنجي ھيٺي حال جي خبر ڪيس ڏيئي ٿو. ڪانگل کي عاشق ويچارو پنھنجي ھٿن سان ھينئون ڪڍي ڏيڻ لاءِ ڇوي ٿو ۽ اميد ٿو ڪري تہ من پرين اھو پچن تہ اھا قرباني ڪنھن ڪئي.

ٻئي داستان ۾ ڪاپڙين جو ذڪر آھي، جيڪي پورب ڏانھن ڪاھي ھليا ويا ۽ عاشق ويچارو انھن جون راھون تڪيندو ٿو رھي. ھو معذورن جا مٽ نہ ٿيا.

منظر نگاريءَ ۾ وري ڪانگل جي ٽپن ڏيڻ ۽ عاشقن جي دل کي آٿت اچڻ ۽ پرينءَ لاءِ اڪڙين جون راھون ڏسڻ ۽ جوڳين جو، پورب جي ڳسن تي پنڌ ھلڻ جا منظر شامل آھن. اچو تہ مختصر منظرنگاري ڏسون.

ڪانگل تنھنجي چانگ، جڏو جيءُ جياريو،
مٿان لامن لت ڏيو، ٻولين سر ٻيلانگ،
اڏر مٿان ڦانگ، تہ گھر آون سپرين.

ڪا ناري پنھنجي پرينءَ جي اوسيئڙي ۾ ٻيٺي آھي ۽ ڪانگ کي ٻٽي پارانيا ڏيئي. ٻيو تہ اسان وٽ سنڌ ۾ روايت آھي تہ جيڪڏھن ڪانگ تان تان ڪري ھڪ لام تان ٻي لام تي اڏامي وڃي ويھي تہ سمجھبو تہ ڪي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پرين پيارا اچي رهيا آهن. ان روايت کي شاهه صاحب پنهنجي شاعريءَ ۾ بيان ڪيو آهي. منظر ۾ ڪانگل پريان پنهنجي پاڄهاري ٻولي پيو ڪري ۽ اوريان ڪا ناري ڪنهن جي انتظار ۾ بيٺل آهي. مووي هلي ٿي ته ڪانگ هڪ ٿاريءَ تان ٽپ ڏيئي ٻيءَ ٿاريءَ تي وڃي ٿو. ۽ پنهنجي لات لنوي ٿو. "ٻولڻين سر ٻيلانگ" وارا لفظ عڪس کي وڌيڪ چٽو ڪن ٿا. يعني وٽن جون ته ٻيون ٻه ٿاريون آهن پر ڪانگل "ٻٽي، ڄاڙي يا ٻيلانگ ٿاريءَ تي ويٺل آهي. عڪس ڪيڏو نه چٽو ۽ صاف ٿو نظر اچي.

انتظار جي ڪيفيت کي اجاگر ڪرڻ لاءِ هڪ ٻيو بيت پڙهو جنهن ۾ منظر نه ايترو گهرو ڪونهي پر داخلي جذبن جي گهرائي ۽ منجهس جمالياتي سونهن وڌيڪ آهي. بيت پڙهو

ريءَ پريان پرديس ۾، ورهه وڏي ڪي وس،
اکيون پار پرينءَ، ڏي تيون ڳام نهارين ڳس،
ڏيندا پانڌي ڏس، ڪينءَ جون آئي خبرون.

مٿان مڙيئي منظر انتظار جي ڪيفيت کي اجاگر ڪرڻ ۽ پڙهندڙن کي ان ئي انداز سان محسوس ڪرائڻ لاءِ هئا. هاڻي اچو ته ڏسون ته پوربيا پورب ڏانهن، جڏهن آڏي ڏيئي اٿي ويا، تڏهن هڪ روڳي آتڻ اجڙيل ڏسي ڪيئن ٿو محسوس ڪري

پوربيا پوري ويا، آسڻ آڏيءَ رات،
سَيرِ نه سنياسين جون، پڇارون پريات،
ڪاڄا جوڳيءَ ذات، مِٽ نه معذورن جا.

اسر ويل ڪو روڳي جوڳين جي آستانن ڏانهن پيو نهاري ۽ سندن پيرن جا نشان ڏسي سمجهي ويو ته اهي پورب ڏانهن راهي ٿي ويا آهن. سندن آستان اجڙيل پيا پسجن. ان منظر ۾ هڪ ٻيو منظر ٻه ڪوهيڙي ۾ ويڙهيل پيو نظر اچي ته ڪالهه ان روڳيءَ جيڪي اسر ويل پوربين جون پڇارون ٻڌيون هيون اهي اڄ ٻڌڻ ۾ ڪو نه ٿيون اچن. يعني ڪالهوڪين رهاڻين جو منظر ٻه هن بيت ۾ موجود آهي ته اڄوڪي اجاڙ آستانن جو نقشو ٻه نڪتل آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ٢٧- سر ڪارايل

لفظ ڪارايل جي معنيٰ آهي مور يا هنج پکي. هن سر ۾ شاهہ صاحب هنجن ۽ مورن جي ڳڻن جي ساراهہ ڪئي آهي ۽ ٻگهن پکين جي عادتن کي ننديو اٿس.

سچن عاشقن کي هنجن سان مشابهت ڏني اٿس ۽ عام ماڻهن کي (جيڪي سمجهن نہ ٿا) ڪنگن ۽ ٻگهن سان ڀيٽيون اٿس، جيڪي دنيا جي لوڀ ۽ لالچ واري لڙا ٽيل پاڻيءَ تي اچيو ٿا گهمن. جڏهن تہ هنج پاتال ۾ پيهي ماڻڪ ميڙين ٿا. سندن ڪنڌي يا ڪناري جي ڪني پاڻيءَ سان ڪو بہ لڳ لاڳاپو يا ڪم ڪينهي. مطلب تہ لڙاٽيل پاڻي ۾ ويهڻ هنجن جو مرڪ ناهي. شاهہ ڪريم رح جو بہ انهيءَ لاءِ هڪ بيت آهي تہ

هنج تنهين هوءِ، اونهي ۾ اوڙاهہ جي.
ايءَ ڪانيرو ڪوءِ، جو ڇاڇر ۾ ڇيرون ڪري.

هن سر جي عڪس ۾ شاهہ صاحب اڇي ۽ شفاف پاڻيءَ ۽ لڙاٽيل پاڻيءَ جا منظر چٽيا آهن. ٻئي طرف پکين جي ولرن جو گهمڻ، پکين جو ولر ڪري، اڏامڻ، مورن ۽ نانگن جي ويڙهہ، نانگن جي ٻرن ۽ جوڳين ۽ ڳاروڙين جي دونهين جا منظر شامل حال آهن.

هن سر جو روحاني راز هيءُ آهي تہ سالڪ هميشہ چڱي جاءِ تي ويهن ٿا پر عام ماڻهو جيئن تہ ڄاڻ ۽ ڏاهپ کان وانجهيل آهن، ان ڪري اهي هميشہ وري گندين جاين جي چونڊ ڪن ٿا يا خراب صحبت اختيار ڪن ٿا. سالڪ مايا تي موهجڻ بجاءِ سهڻن سخنن ۽ پلين ڳالهين جا معنيٰ وارا موتي ميڙين ٿا. ٻئي طرف وري نانگ جي سونهن سان تشبيهہ ڏيندي شاهہ صاحب اهڙن انسانن جو ذڪر ڪيو آهي، جيڪي صورت ۾ ڏاڍا سهڻا ۽ نهوڪا آهن پر اندر جا ڏاڍا ڪارا ۽ زهريلا آهن. انهن کي جيڪڏهن وجهہ ملندو تہ ضرور پنهنجي ڏنگڻ واري فطرت ڏيکاريندا.

منظرنگاريءَ جي حوالي سان هيٺيان بيت بيان ڪجن ٿا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اڇو پاڻي لڙ ٿيو، ڪالوريو ڪنگن،
ايندي لڄ مرن، تنهن سَرَ مٿي هنجڙا.

اڳ جيڪو صاف ۽ اڇو پاڻي هو، اتي ڪنگ آيا ۽ ان پاڻي کي ڪنو يا گندو ڪري ڇڏيائون. هڪ طرف ڪنگن جا ڪنڪ پيا نظر اچن ته ٻئي پاسي وري ميرو ۽ لڙائيل پاڻي پيو نظر اچي. لفظ "ڪالوريو" منظر جي جذباتي عنصر کي اڀاري ٿو ۽ خرابي يا گندگيءَ جو سمورو ميڙيل تصور ٿو ابري. هن بيت پڙهڻ سان ميريءَ ڍنڍ ۾ ۽ سينواريل يا گدلي پاڻي جو نقشو اکين آڏو ابري ٿو اچي. اهڙي ڍنڍ ۾ هنج جهڙي سٺي پکيءَ جي اچڻ جو تصور به نه ٿو ڪري سگهجي.

جيهر لوڪ جهپ، ڪري اوهير اڏامن،
پٽون جي پاتار جا، چيتاريو چڻن،
ڪوهه ڪندا کي تن، پاڙهيري پهه ڪري.

رات جي ويلا ۾ جڏهن سارو لوڪ گهري ننڊ ۾ سمهي پيو آهي، تڏهن اونداهيءَ رات ۾ پکين جا اوهير اڏامندا نظر اچن ٿا. يعني پکي لاتعداد نظر ٿا اچن. لفظ "اوهير" انهن جي ڪَٽپ کي لامحدود ڪري ٿو ڇڏي. اهندا اڏامندا اچي هڪ ڍنڍ تي لٿا آهن ۽ اندر ٽبيون ٿا هڻن. (جنهن مان موتين ڳولهڻ جو اهڃاڻ ملي ٿو). اونداهي رات جو منظر ڪيڏو نه چٽو ۽ صاف آهي. جيتوڻيڪ اونداهي رات جي منظر ۾ ڪجهه به ڪو نه نظر ايندو آهي، پر ان جي باوجود سٽل لوڪ پکين جي ولرن جو اڏامڻ ۽ ڍنڍ جا منظر صاف ٿا نظر اچن. وڏي ڳالهه ته پاتال جا پٽون، جي پکي چٽندي نظر ٿا اچن، اهي به نظر ٿا اچن. اها منظرنگاريءَ جي وڏي خوبي آهي.

مٿيان منظر پکين ۽ ڍنڍ بابت هئا. ان بعد شاهه صاحب نانگن ۽ جوڳين جي متعلق ڪجهه بيت چيا آهن. پڙهي ڏسو.

آسڻ جن آريـج ۾، اوءِ ڪـچڙ وهم ڪـري،
تن جا منهن ملڪن جهڙا، تڪو تان نـه تـري،
جي انهين ساڻ اڙي، تـه ڪانهي جاءِ جريءَ جي.


Scanned with CamScanner

بربٽ ۾ ويران ڏرتيءَ تي نانگن جا ٻر ڏسڻ ۾ تا اچن. سندن اهي آستان اهڙن هنڌن تي آهن جتي انسان ڪونهن. نانگن جي انهن ٻرن جي عڪسن ڪان پوءِ نانگن جي ملوڪ مهانڊن يا شڪلين جو ذڪر اچي ٿو. اهي سيئي سپ ڪيڏا نه معصوم ۽ سهڻا نظر تا اچن. سندس صورت فرشتن جهڙي آهي. ان ذڪر سان ئي سپ جي سونهن اکين آڏو نظر ٿي اچي. ان منظر سان گڏوگڏ شاهه صاحب نانگن جي ان فطري عمل جو به ذڪر ڪيو آهي، ته جيڪڏهن انهن سان ڪير اٽڪي پوي، ته اهي فرشتن جهڙا نانگ ڏنگ هڻڻ ۾ ويرم ئي ڪو نه تا ڪن.

اهو ته هو نانگن ۽ انهن جي آسڻ جو منظر، پر اتي ڪي جوڳي به آهن. اهڙا گاروڙي، جن جهوناڳڙهه جلائيو آهي. اهي نانگن جي ٻرن مٿان پير رکيو بيٺا آهن. تورو ٻريان سندن دونهيون پيون دکن ۽ هو پاڻ مرليون پيا وڄائين. اهي پيرين اگهاڙا ڪن قاڙ گاروڙي ذرو به نه تا ڊڄن ۽ وري اهي نانگن کي اشارو ڪندي فخر وچان دکيل دونهيون ڏيکارين ٿا ته اسين اهي آهيون جن جهونا ڳڙهه جلايو آهي. هيئين بيت ۾ ويران جڳهه تي نانگن جي ٻرن مٿان گيڙو رتن ڪپڙن ۾ ڪن قاڙ جوڳين هٿن ۾ مرليون ڪنيل نظر تا اچن ۽ آخر ۾ شاهه صاحب پنهنجي شاعريءَ جي روايتي انداز ۾ مڪالمابازي پڻ ڪئي آهي. بيت پڙهو.

ڪپر گاروڙين سين، وڏو وڏءِ وير،
نانگ نه ويندين نڪري، تو ڏر مٿي پير،
هيءُ تنين جو ڍير، جن جهوناڳڙهه جلائيو.


Scanned with CamScanner

# ٢٨- سر پرڀاتي

هندوستان جي ڳائڻ وديا موجب "پرڀاتي هڪ راڳڻيءَ جو نالو آهي. جا پرڀات يعني اسر جوڳائبي آهي. هن سر ۾ شاهه صاحب انسان کي بندگي جي تاڪيد ٿو ڪري ۽ ڏاتي جي اپار سخاوت کي ٿو ساراهي. هتي (روحاني راز ۾) سپڙ سخيءَ مان مراد ڏاتي آهي "(٣٢)

شاهه صاحب جي رسالي کي ترتيب ڏيندڙ هڪ ٻئي صاحب لکيو آهي ته "پرڀاتي هڪ راڳڻي آهي جا صبح جو ڳائبي آهي. هي سر ڊاڪٽر گربخشاڻي واري ڇاپي ۾ ڪونهي. ڊاڪٽر ترمپ واري ڇاپي ۾ چوڏهن بيت آهن. سرڪاري ڇاپي ۾ سورنهن بيت آهي. "(٣٣)

بهرحال هن راڳڻيءَ ۾ واليءَ کي ريجهائڻ لاءِ وينتي ڪئي ويندي آهي. جنهن سان ڳائڻ وديا موجب ڏاتي راضي ٿيندو آهي، هن سر جو مفهوم به ساڳيو ئي آهي. شاهه صاحب مڱڻهار کي صلاح ٿو ڏيئي ته تون ڪينرو ڪلهي ۾ لٽڪائي، ايئن گهمندو نه وت. تون سخي سپڙ ڄام وٽ وڃ ته توکي مالا مال ڪري ڇڏيندو. هو اهڙو دياوان آهي جو عيبدارن جا عيب ڍڪي ڪين ڏيو ڇڏي.

شاهه صاحب هن سر ۾ چوي ٿو ته اي لنگها! جيستائين تون ڪيرتن نه ٿو ڪرين، تيستائين توکي مڱڻو ڪير سڏيندو. تون ڪينري کي ڪلي ۾ ٽنگي سڄي رات سمهيو پيو آهين. جيستائين تون اسر ويل اٿي پرڀات سان مهاڏو نه ٿو اٽڪائين، تيستائين توکي ڪهڙو سخي دان ڏيندو يا تون ڪهڙي سخيءَ جي در تي ويندين؟

هن سر جي منظرنگاريءَ ۾ شاهه صاحب مڱڻهارن ۽ سندن سازن جا ۽ سازن جي آوازن جا، صبح جو منظر ۽ راتين جا منظر، جن ۾ مڱڻهار ڪي سٽل ۽ ڪي جاڳيل نظر اچن ٿا. جي چٽيءَ طرح سامهون منظر طور ايري

اچن ٿا.

اِيءَ نہ پانن پير، جيئن ڪينر ڪيريءَ ٽنگيو،
سونهاري صبح سين، وجهي نہ وينئين وير،
تو کي چوندو ڪير، ڪيرت ڏاران مڱڻو.

اسر جي هلڪي روشني ڌرتيءَ تي پئجي رهي آهيءَ هڪ مڱڻهار گهري ننڊ ۾ سمهيو پيو آهي. سندس سرندو سيرانديءَ ڪليءَ ۾ ٽنگيو پيو آهي.

مٿيان سڀ عڪس انتهائي صاف نظر اچن ٿا ۽ صبح جو ذڪر ڪرڻ صبح واري هلڪي ٿڌڙي هير ۽ تازيءَ هوا جو ۽ هلڪي روشنيءَ جو احساس اکين کي سرور ۽ سڪون پهچائيندڙ محسوس ٿئي ٿو.

مطلب تہ اها هڪ منظر نگار جي وڏي خوبي آهي تہ جيڪڏهن هو ڪنهن ٿڌاڻ جو ذڪر ڪري ٿو تہ پڙهندڙ يا ٻڌندڙ ان ٿڌاڻ واري احساس کي ان ئي انداز سان محسوس ڪري، جنهن انداز سان منظرنگار خود محسوس ڪيو هجي. مثلاً مٿين بيت ۾ صبح واري ٿڌڙي هير واري احساس سان ان جي ڪتڪتايون ڪيندڙ ٿڌاڻ کي محسوس ڪري سگهجي ٿو. جنهن سان ماڻهوءَ کي ننڊ وٺي ويندي آهي. اهڙي ويلا ۾ مڱڻهار جو ستل هئڻ ۽ سندس سرندي جو ٽنگيل هئڻ ڪيڏا نہ فطري ۽ اصلي پاسن ٿا.

هڪ ٻيو منظر بہ ڏسڻ جهڙو آهي. هيٺين بيت ۾ نہ صرف عڪس کي چٽائيءَ سان پيش ڪيو ويو آهي پر سخي سپڙجام جو ذڪر بہ نهايت اثرائتي نداز ۾ ڪيو ويو آهي. جنهن ۾ هڪ جڏي مڱڻهار کي ايتري پڪ آهي تہ سخي سپڙجام ڏانهن اگر سان نياپو بہ ڏياري موڪليان تہ هتي بہ پنهنجي سخاوت جي ورڪا ڪندو. يعني سخاوت سان گڏوگڏ سپڙجام جي نهٺائيءَ جي بہ وضاحت ٿئي ٿي. جنهن مطابق هو مڱڻهارن جي نياپي تي ڪيس ڌرا دان ڏيئي ٿو ۽ مٿن ڪڏهن بہ ناراض ڪو نہ ٿو ٿئي. بيت پڙهي ڏسو.

چارڻ لڳو پنڌ گهڻو، ڪي چوٽائيءَ چنيج،
هت ڪي هلائيج، آتي آءٌ نہ اچڻو.

چارڻ جو ٽولو وڃي رهيو آهي. سندن پيچري جو رخ چوٽائي سرد ر

سپڙ ريسارو، چت پرکي چارئين.

تارو ايري چکو آهي. هڪ ڪامڻ پنهنجي محبوب ور، سخي سپڙچام سان سمهيل آهي. ان ڪامڻ کي شاهه صلاح ڏيئي ٿو ته اٿي اسر جي ويلا واري راڻپي ڳاءِ. پنهنجي ور کي ريجهاءِ. هن بيت ۾ منظر ۾ صبح وارو تارو، هلڪي اسر واري ڪائنات تي پکڙيل روشنيءَ ۾ هڪ ڪامڻ جو پنهنجي ور سان گڏ سمهيل هئڻ، ٽيئي چٽا منظر آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ٢٩- سر ڏهر

"تر اندر ٻن ڀڻن جي وچ واري ماٿر يا ڏاڍي مٽيءَ واري زمين ۽ سڏي ميدان کي ڏهر چوندا آهن. هن سر تي اهو نالو ان ڪري پيو آهي جو ان ۾ سمايل خيال، شاهہ صاحب کي ان ڏهر مان لنگهندي آيا آهن. اڳي اتان درياءَ وهندو هو ۽ شاهوڪاري مال جهازن وسيلي ايندو ويندو هو. جُسو ڏار جُنگ واپاري هئا. پر افسوس جو هينئر اتي سڀ لڳي پئي آهي. نہ درياءَ آهي نہ مڪڙي، نہ جسو ڏار نہ سونگي. اتي هينئر رڳو ڪنديءَ جا وڻ ۽ اڪ، ڦلاريا بيٺا آهن" (٢٥)

پر محترم معمور يوسفاڻي مٿين راءِ سان اختلاف ڪندي لفظ "ڏهر" جي پڙهڻيءَ کي هو "ڏاهر" سڏي ٿو. هو صاحب لکي ٿو تہ:

"ڏاهر لفظ جي معنيٰ آهي سڏ سماءُ يا ڏس پتو ڏيڻ وارو. هي لفظ بنيادي طرح "ڏاهہ" لفظ مان نڪتل آهي. جنهن جي معنيٰ آهي خبرچار، اهڃاڻ، ڏس پتو، سڏ سماءُ وغيره.

لسانياتي پيچ گهڙ موجب "ڏاهہ" جي پوئتان "آر" لفظ ملائڻ سان (ڏاهار) ڏاهر لفظ ٺهيو آهي، جيڪو مشهور سنڌي نالو آهي، جيڪو قديم سنڌي نالو آهي، جيڪو قديم دور کان سنڌ جون قومون پنهنجي اولاد تي رکنديون آهن.

شاهہ صاحب جي رسالي جو موجوده سر پڻ انهيءَ معنوي دائري ۾ اچي وڃي ٿو. جنهن جا سنڌ جي قديم تاريخ ۾ ڪافي ڏس پتا موجود آهن" (٢٥)

مٿين راءِ سان اخلاف پيدا ٿئي ٿو ڇاڪاڻ تہ لفظ "ڏاهہ" جي معنيٰ ڪنهن خاص "سڏ سماءُ" ۽ "خبر" سان تعلق رکي ٿي. "ڏاهہ" لفظ جي معنيٰ آهي ڪنهن جي موت جي خبر ڏيڻ. ان ڪري شاهہ صاحب جي هن سر ۾ سمايل فڪر تحت محترم معمور يوسفاڻيءَ جي ڳالهہ غلط ثابت ٿئي ٿي.

لطيف سائين جي پارکن ۽ ڏاهن موجب تہ هيءُ سر رسالي جو مغز يا تت آهي. ڇاڪاڻ تہ شاهہ صاحب هن سر ۾ گهڻن ئي موضوعن کي جاءِ ڏني

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آهي. شاھ صاحب هن سر ۾ هڪ طرف تہ سنڌ جي دريائي واپار ۽ سنڌ جي خوشحاليءَ جي تصوير ڪشي آهي تہ ٻئي طرف ڌارين جي يلغارن جي ڪري ان جي ڦٽڻ ۽ دريائي ۽ ساموندي واپار جي تباهيءَ جا پڻ منظر بيان ڪيا آهن.

ڊاڪٽر نواز علي شوق هڪ جاءِ تي لکي ٿو تہ:"

شاھ صاحب هڪ حساس ۽ دردمند دل رکڻ وارو انسان هو. هڪ وستي جيڪا واپار جو مرڪز هئي. ماڻهو سکيا ستابا هئا پر اها وستي جڏهن ويران ٿي وڃي ٿي تہ شاھ صاحب کي سخت صدمو رسي ٿو. جتان وڻجارا ٻيڙا ڪاهي پري پري هليا ويندا هئا. وڏي رونق هوندي هئي. اتي اڄ ڪا بہ پهر نظر نہ ٿي اچي. رڳو اڪ ۽ ڪنڊا بيٺا آهن. شاھ صاحب ڪنڌي کي مخاطب ٿي ڪانئس ٻور ڏٺين جون خبرون پڇي ٿو.

هن سر ۾ ڪونجن جي ذڪر ذريعي فراق ۽ ڦوڙائي جو مضمون آندو ويو آهي. ڪا ڪونج وڳر کان وڇڙي ٿي تہ ٻئي ڪوڪون ڪري ٿي. انهن پريت وندن پرديسي پکيڙن جو، ماري شڪار ڪن ٿا. اهي ظالم وڳر ۾ وڇوڙا وجهن ٿا. "(٣٦)

ڊاڪٽر نواز علي شوق صاحب جي مٿين راءِ جي پيش نظر اهو چئي سگهجي ٿو تہ شاھ صاحب "ڏاهر" نہ پر "ڏهر" لفظ استعمال ڪيو آهي ۽ "سر ڏهر" چيو آهي. جنهن موجب مٿي بيان ڪيل ويران وستيءَ جي مڪمل منظر نگاري ٿيل آهي. شاھ صاحب ڏهر ۾ بيٺل ڪنڌي جي وڻن، اڪن، واڻن ۽ مڃن سان رهاڻيون ڪيون آهن.

شاھ صاحب کي اهو ڏسي ڏاڍو ڏک ٿو ٿئي تہ اڳي جتي واهڙ وهندا هئا ۽ وڏا جُنگ واپاري مال آڻيندا ۽ کڻي ويندا هئا، اتي هاڻ رڻ پٽ لڳو پيو آهي. پاڻي سکي ويو آهي. ملاحن جون مڪڙيون نظر نہ ٿيون اچن. ڏهر ۾ ڪنڊا ۽ ٻوڙا بيٺل آهن. جيڪي هاڻي، اتان لڏي ويل ماڻهن جي ياد ۾ اداس آهن. مڃ پاڻيءَ جي سڪڻ سان ڳلا نہ موٽيا آهن ۽ هاڻي اهي سُڪيءَ تي ڦاسي پيا آهن.

هن سر ۾ منظرن بابت گهڻا بيت پهرين ٻن داستانن ۾ ڏنا ويا آهن. جن جو اسان هيٺ جائزو وٺنداسين. جن موجب درياءَ جو سڪي وڃڻ،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٿيل ساڻس حالي احوالي ٿئي ٿو.

جان جر هُنڙو سير، تان تون مڃ نـہ موٽئيــن.
آڏا اڏي مير، گهٽ بـہ جهليئي گهاٽئين.

مڃ سامهون سُڪيءَ تي ستو ۽ ساٿو ٿيو پيو آهي. هاڻي منجهس هلڻ ۽ چرڻ پرڻ جو ساهس نـہ رهيو آهي. پاڻي بـہ سُڪي چڪو آهي. ۽ هاڻي سامهون گهڻن ۽ گهيڙن تي ملاحن ڪلا ڪوڙي سندس سڀ راهون بند ڪري ڇڏيون آهن.

شاهہ صاحب اهڙي خونخوار ۽ خطرناڪ جانور کي بـہ ڪيڏي نـہ سهڻي صلاح ڏوڏيئي تـہ جڏهن پنيهل ۾ پاڻ يهڻو تڏهن چو نـہ موٽئين. ملاحن طرفان گهڻن ۽ گهيڙن تي ڪوڙيل ڪلا ۽ ڪير ڏسي شاهہ صاحب کي مڃ تي رحم ٿو اچي. هن بيت ۾ منظر جيترو سگهارو آهي اوترو ئي منجهس شاعر جي خيال جي نفاست ۽ سندس دل ۽ دماغ جي پاڪيزگي بـہ آهي. ان ڪان علاوه هيٺين بيت ۾ رات جي پوئين پهر جي منظرنگاري ڏسو. گڏوگڏ ان بيت ۾ مندن جو حساب بـہ رکيل آهي. جنهن موجب شاهہ صاحب هڪ اڻ چاڻ ۽ موڳي هاريءَ کي وقت ۽ مند وهامي وڃڻ جو اشارو ڪري ٿو. نـہ صرف اشارو ڪري ٿو پر ويل جي گذري وڃڻ بابت کيس خبردار بـہ ڪري ٿو. سندس ڏيان نکٽن ڏانهن ڇڪائي ٿو.

پرهہ ڦٽي رات گئي جهيٽا ٿيا نکٽ.
هاري ويئہِ وٽ، گهٽا هنـدين هٽڙا.

پرهہ ڦٽي چڪي آهي. رات تقريباً گذري چڪي آهي. اوير ڪان هلڪي ڳاڙهسري روشني ڦٽي رهي آهي. ان هلڪي روشنيءَ جي ڪري نکٽن جي سهائي جهيٽي ٿي ويئي آهي.

پوياڙيءَ جي مند ۾ هاري اسر جو اٿي، ڏاندن کي گاهہ يا چارو ڏيندا آهن ۽ ان بعد سج ايرڻ کان اڳ اهي جوڙا ڪاهي پنيءَ تي اُسري ويندا آهن. پوياڙيءَ ۾ چاڪاڻ تـہ مند گذري وڃن جو انديشو هوندو آهي. ان ڪري شاهہ صاحب هاريءَ کي اسر ويل سجاڳ ٿو ڪري. ان وقت ۾ جيڪو منظر ڏيکاريو ويو آهي. سو روح کي راحت ڏيندڙ ۽ فرحت بخش آهي.


Scanned with CamScanner

# ٣٠- سر بلاول

"سربلاول هندول راڳ جي پنجن استرين مان هڪ آهي. جيئن رامڪلي آهي. ٻئي سر ڏک لاهيندڙ ۽ ڏٺيءَ جي ساراهه لاءِ موزون آهن. هن سر ۾ ڏٺي (سڳوري)، پيغمبر صلعم ۽ سخي جادم جکري جي ساراهه ڪيل آهي. جادم جکرو سخاوت جو صاحب هو. شاهه صاحب جادم کي ڏٺيءَ جي صورت ڏني آهي ۽ سندس بيحد درياءَ دليءَ ۽ اپر فيض جي واکاڻ ڪئي آهي. "(٣٧)

شاهه صاحب سمن ۽ سومرن جي زماني کي سنڌ جي تاريخي حوالي سان سونهري دور سڏيو آهي ۽ شاهه صاحب جي بيتن جي حوالي سان هن دور ۾ تاريخي طرح گهٽيون پيچيدگيون ٿيون نظر اچن.

پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي لکي ٿو ته "شاهه صاحب هن سر ۾ جادم جکري کي ڪٿي "سمو" ته ڪٿي "ابڙو"، "ڪٿي هالار ڏٺي"، ڪٿي "ڪڇ ڏٺي"، ڪٿي "پت ڏٺي"، ڪٿي "جکرو"، ڪٿي "ڏاهو" ڪٿي "ڏونگرا راءِ" سڏيو آهي. شاهه صاحب جادم جکري کي سمن جو سردار ڪري به سڏيو آهي. سندس نظر ۾ هيءَ حاڪم سخاوت ۾ حاتم کان به سرس هو. سندس چوڻ موجب ته ڏٺي اهڙا انسان هن دنيا ۾ ڪي ٿورا ئي موڪلي ٿو ته سچن مردن جي مٽي ونس محدود آهي" (٣٨)

هن سر ۾ شاهه صاحب جو وڳند جي باري ۾ چيل ظريفاڻو ڪلام به ملي ٿو بظاهر ته پنهنجي ڪلام ۾ وڳند کي "نرڳي" "ڪلٽ" ۽ "پيٽر" سڏي ٿو. سندس ان ئي ڪلام مان جڏي ورو سان والهانه محبت به محسوس ٿئي ٿي. اهوئي سبب آهي جو شاهه صاحب پنهنجي هن سر ۾ ڪيس امر بنائي ڇڏيو آهي.

منظرن جي حوالي سان هن سر ۾ تمام ٿورا بيت مليا آهن پر تڏهن به جيڪي بيت مليا آهن انهن ۾ عڪس ڀرپور تاثر سان نظر اچن ٿا. بيت پڙهو ۽ انهن ۾ موجود عڪسن کي به ڏسو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

بک لڳل آهي. مانيءَ کي به اڳي دير ٿي وئي آهي. ۽ فقير ڏسڻ ۾ تمام ڏبرو تو نظر اچي پر جيئن ئي ماني سامهون آئي آهي، تيئن ئي ٽپو ڏيئي فقير وڃي ماني ڪاٺڻ وينو آهي. تڏهن شاهه صاحب چرچي خاطر اهڙو ظريفاڻو بيت چيو آهي.

---

## حوالا


(١) شاهه لطيف جي شاعري. تنوير عباسي صفحو نمبر ٩٠

(٢) شاهه لطيف جي شاعري. تنوير عباسي صفحو نمبر ٩١

(٣) شاهه جو رسالو- ڪلياڻ آڏواڻي صفحو نمبر ١٤

(٤) شاهه جو رسالو. ڪلياڻ آڏواڻي صفحو نمبر ٤٩

(٥) شاهه جو رسالو. ڪلياڻ آڏواڻي صفهو نمبر ٧٧

(٦) شاهه لطيف جي شاعري- ڊاڪٽر تنوير عباسي صفحو نمبر ٩٩

(٧) شاهه لطيف جي شاعري- ڊاڪٽر تنوير عباسي صفحو نمبر ٩٩- ١٠٠

(٨) شاهه لطيف جي شاعري. ڊاڪٽر تنوير عباسي نيو فيلڊس صفحو نمبي -٩٨

(٩) شاهه جو رسالو ڪلياڻ آڏواڻي. صفحو نمبر ١٢٦

(١٠) شاهه جو رسالو. ڪلياڻ آڏواڻي صفحو نمبر ١٥٣

(١١) شاهه جو رسالو ڪلياڻ آڏواڻي صفحو نمبر ١٤٧

(١٢) شاهه جو رسالو ڪلياڻ آڏواڻي- صفحو نمبر ١٩٨٥

(١٣) شاهه جو رسالو- ڪلياڻ آڏواڻي صفحو نمبر ١٩٩

(١٤) شاهه جو رسالو- ڪلياڻ آڏواڻي صفحو نمبر ١٩٩

(١٥) اميجسٽ پوئٽري- مڊل سيڪس صفحو نمبر ٢١

(١٦) شاهه لطيف جي شاعري- تنوير عباسي صفحو نمبر ١٢٩

(١٧) شاهه لطيف جي شاعري- تنوير عباسي صفحو نمبر ١٢٩

(١٨) شاهه لطيف جي شاعري تنوير عباسي- صفحو نمبر ٥٩-٦٠

(١٩) شاهه جو رسالو- ڪلياڻ آڏواڻي. صفحو نمبر- ٢٨٥

(٢٠) شاهه جو رسالو- ڪلياڻ آڏواڻي صفحو نمبر ٢٩٣


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

(۲۱) شاهه جو رسالو- ڪلياڻ آڏواڻي صفحو نمبر ۲۹۳-۲۹۴
(۲۲) اقتباس. شاهه جو رسالو- ڪلياڻ آڏواڻي صفحو نمبر ۲۹۹- ۳۰۰
(۲۳) شاهه جو رسالو- ڪلياڻ آڏواڻي صفحو نمبر ۳۱۴
(۲۴) شاهه جو رسالو. ڪلياڻ آڏواڻي، صفحو نمبر ۳۲۷
(۲۵) شاهه جو رسالو- ڪلياڻ آڏواڻي، صفحو نمبر ۳۴۳
(۲٦) شاهه جو رسالو- ڪلياڻ آڏواڻي- صفحو نمبر ۳٦۱
(۲۷) شاهه جو رسالو- ڪلياڻ آڏواڻي- صفحو نمبر ۳٦۹
(۲۸) شاهه جو رسالو- ڪلياڻ آڏواڻي- صفحو نمبر ۳۷۹
(۲۹) شاهه جو رسالو- ڪلياڻ آڏواڻي- صفحو نمبر ۳۸۷
(۳۰) شاهه جو رسالو- ڪلياڻ آڏواڻي- صفحو نمبر ۴۲۱
(۳۱) شاهه جو رساالو- ڪلياڻ آڏواڻي، صفحو نمبر ۴۲۷
(۳۲) شاهه جو رسالو- ڪلياڻ آڏواڻي، صفحو نمبر ۴۴۰
(۳۳) شاهه جو رسالو- غلام محمد شاهواڻي صفحو نمبر ۱۲۲۹
(۳۴) شاهه جو رسالو- ڪلياڻ آڏواڻي صفحو نمبر ۴۴۵
(۳۵) سر ڏهر- مرتب ڊاڪٽر نواز علي شوق- صفحو نمبر ۱۵
(۳٦) سر ڏهر- مرتب ڊاڪٽر نواز علي شوق صفحو نمبر ۹-۱۰
(۳۷) شاهه جو رسالو- ڪلياڻ آڏواڻي. صفحو نمبر ۴۵۹
(۳۸) شاهه جو رسالو- ڪلياڻ آڏواڻي. صفحو نمبر ۴۵۹

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آسانيءَ سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ ايپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book